# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا۽ مضمون

پروفيسر اعجاز قريشي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون

پروفيسر اعجاز قريشي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (295)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد-VII)

ليکڪ: پروفيسر اعجاز قريشي
ڇاپو پهريون: مارچ 2017ع
ڪمپوزنگ: محمد رمضان ترڪ
ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو
تعداد: 1000
قيمت: 200/- روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
پاران: ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Aijaz Qureshi Professor
Papers on Sindhi Language
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-094-4

# Sindhi Boli -a- Babat Maqala aen Mazmoon (VII)

By: Professor Aijaz Qureshi
First edition: June 2017
Quantity: 1000
Price: Rs.200/-
Composing: M. Ramz+an Turk
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway,
Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-3
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers, Hyderabad.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | صفحو |
|---|---|
| • ناشر نوٽ | 5 |
| • پيش لفظ | 7 |
| • سنڌ ۾ ٻولي ۽ سياست: سنڌي ٻوليءَ جو مقدمو | 9 |
| • سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ۽ ترقي | 20 |
| • سنڌي ٻولي ۽ سماج | 25 |
| • سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ | 33 |
| • سنڌي ٻولي: ماضي، حال ۽ مستقبل | 36 |
| • سنڌي مادري ٻوليءَ جي تعليم: تاريخ ۽ پسمنظر | 48 |
| • سنڌي ٻولي بحيثيت ڪاروباري ٻولي | 69 |
| • ون يونٽ دور ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم | 84 |
| • سنڌي ٻولي ۽ حيدر بخش جتوئي | 96 |
| • ثقافت جو ڏينهن ۽ سنڌي ٻولي | 105 |

# ناشر پاران

دنيا ۾ مختلف ٻولين جي حوالي سان ڪيترن ئي پهلوئن تي تحقيق ٿيندي رهي ٿي. سماج جي سياسي حالتن کي اڏو رکندي ٻوليءَ جي حوالي سان بحث هڪ اهم موضوع آهي. پر اسان وٽ سنڌيءَ ۾ هن موضوع تي بنهه گهٽ لکيو ويو آهي. پروفيسر اعجاز قريشيءَ جو هي ڪتاب ٻوليءَ جي سياسي جدوجهد جي حوالي سان سندس لکيل مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي.

ٻولي ۽ سياست (Language & Politics) تي پاڪستان ۾ گهڻي اٿل پٿل ٿي آهي، ڪيترا سياسي وهڪرا ٻوليءَ جي هن بحث تي پنهنجا رخ بدلائيندا رهيا آهن. هن حوالي سان ڪيترا مثبت ۽ منفي پهلو به بحث هيٺ ايندا رهيا آهن. پاڪستان جي مڙني قومي زبانن کي پاسيرو به ڪيو ويو پر آخرڪار سياسي ۽ علمي جدوجهد جي نتيجي ۾ اڄ سينيٽ آف پاڪستان جي ٻولي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي پاڪستان جي چئن مک زبانن کي قومي ٻوليون قرار ڏيڻ جي بل کي منظور ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي ۽ اميد آهي ته سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي گڏيل راءِ سان اهو بل منظور ڪري وٺندا ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ قومن جي ٻولين کي قومي ٻولين وارو جائز حق ملي ويندو.

هي ڪتاب لسانيات جي شاگردن لاءِ تحقيق جا نوان دروازا کوليندو. اميد ته ٻوليءَ جا شاگرد ۽ نوان محقق هن ڪتاب مان لاڀ پرائيندا.

22 جون 2017ع
حيدرآباد-سنڌ

ادارو

## پيش لفظ

ٻولي رڳو ڳالهہ ٻولهہ جو هڪ ذريعو ئي ناهي پر اهو عمل فردن جي انفرادي ۽ اجتماعي تشخص، رهڻي ڪهڻي، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي جوڙجڪ، تعمير ۽ ترقيءَ ۾ نهايت اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت انساني سماج جي ٻين بنيادي جزن وانگر ٻولي پڻ صدين تي ٻڌل ارتقا ۽ اوسر جي فطري مرحلن مان گذرندي ٺهندي آهي ۽ اڳتي وڌندي رهندي آهي. تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ ٻولي ۽ سماج جي آزادانہ ترقي داخلي توڙي خارجي ميدانن ۾ انساني صلاحيتن جي استعمال، جاکوڙ ڪوجنا ۽ قربانين جي هڪ تسلسل سان مشروط آهي.

اسان جي سنڌ جي ڌرتي پڻ دنيا جي ٻين خطن وانگر تاريخ جي هر دؤر ۾ پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ ۽ ان جي اقتصادي ۽ سياسي سالميت سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ واسطي پڻ ڇڪتاڻ ۽ ويڙهہ جي صورتحال سان منهن ڏيندي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جي ٻين شعبن سان گڏ سنڌي ٻولي جي سالميت ۽ بقا کي پڻ خطرا لاڳو ٿيندا رهيا آهن ۽ اهڙي صورتحال ڪنهن حد تائين اڃا بہ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي، انتظامي، دفتري حيثيت ۽ واهپي جي صورتحال اسان سڀني سنڌين لاءِ سوچ ويچار ۽ فڪر جوڳو سوال ڪالهہ بہ هيو ۽ اڄ بہ آهي، ڇڪتاڻ تہ ان حوالي سان سنڌي عوام جي خواهشن ۽ امنگن جي ابتڙ انتظامي ۽ سياسي سطح تي ڌارين جي ناانصافين سان گڏ پنهنجن جون بہ ڪي نہ ڪي ڪوتاهيون ۽ خاميون پڻ مشاهدي ۾ پئي آيون آهن، جن جي ازالي لاءِ سنڌ جي گهڻ گهرن، عالمن، اديبن، ڏاهن، استادن، شاگردن سميت سموري عوام وقت بوقت پئي آواز اٿاريو آهي. ان لاءِ مختلف وقتن تي تحريڪون هلايون ويون. ون يونٽ دؤر ۾ اهو مسئلو خاص طور ابري آيو. ان دؤر ۾ هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مون کي پڻ ان تحريڪ ۾ ڪجهہ قدر حصو وٺڻ جو موقعو مليو. اهڙي ريت ان بعد مختلف موقعن تي سنڌي ٻوليءَ

بابت منعقد ٿيندڙ ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ مقالن پڙهڻ جو موقعو پڻ ملندو رهيو. اهي سڀ لکڻيون مون وٽ گڏ ٿينديون رهيون. مون کي پنهنجي دوستن ان لاءِ همٿايو ته انهن تحريرن کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ آندو وڃي. مون سندن تجويز تي ان ڪتاب جي ترتيب ۽ سهيڙ بعد ڇپائي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ترقيءَ لاءِ جاکوڙيندڙ اداري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سان رابطو ڪيو جن نه رڳو منهنجي گذارش کي مان ڏنو پر اهو پڻ چيو ته جيئن ته اهي مقالا ۽ مضمون مختلف وقتن تي لکيل آهن، تنهن ڪري انهن کي اپ ڊيٽ پڻ ڪيو وڃي. مون سندن حڪم تي انهن تي نظرثاني ڪئي. ان باوجود به مان سمجهان ٿو ته منهنجي هن ڪاوش ۾ ڪي ڪوتاهيون رهجي ويون هونديون جيڪي پڙهندڙن جي صلاح سان ايندڙ ايڊيشن ۾ دور ڪيو وينديون.

مان پنهنجي دوستن محترم علي آڪاش ۽ محترم ثناءُ الله سومرو جو بيحد شڪرگذار آهيان، جن هن ڪتاب جي مسودي جي ترتيب ۽ سهيڙ ۾ منهنجي هر وک تي مدد ڪئي. ان سان گڏ مان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمين محترم عبدالغفور ميمڻ صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي ڪم ۾ بيحد دلچسپي ورتي ۽ ان کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

پهرين جون، 2017ع

پروفيسر اعجاز قريشي
ڪراچي، سنڌ.

# سنڌ ۾ ٻولي ۽ سياست: سنڌي ٻوليءَ جو مقدمو

تت:

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي تمام ترقي يافته ٻولي آهي. انگريزن جي دور ۾ صوبي ۾ انهيءَ کي مڪمل طور سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وئي. سنڌي ٻولي واپاري ۽ عدالتي ٻولي طور به استعمال ٿيندي هئي.

ورهاڱي کان پوءِ وفاقي حڪومت ۽ انهيءَ جي ادارن پاران سنڌي ٻوليءَ سان ماٽيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڪيو ويو ڪراچي مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي (ڪراچي وفاقي گاديءَ جو هنڌ ٿي چڪو هو). ڪيترائي سنڌي اسڪول بند ڪيا ويا، جنهن ڪري هزارين شاگرد سنڌيءَ ۾ امتحان ڏيئي رهيا هئا.

هڪ وڏي پئماني تي سنڌ ۾ اهڙو ته ماحول پيدا ڪيو ويو جو سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ وچ ۾ گهرو جنگ ڇڙي وئي، جنهن سنڌ جي معيشت، سماجي ۽ ثقافتي ترقي کي ڌڪ رسايو. 1972ع ۾ سنڌ کي ٻه ٻولياتي صوبو قرار ڏنو ويو جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏو نقصان هو.

مقالو:

مادري ٻوليءَ وسيلي قومون ۽ ماڻهو پنهنجن اهم ترين خيالن جو اظهار ڪن ٿا. اهو هڪ اوزار يا هٿيار آهي، جيڪو اسان جي زندگيءَ لاءِ نهايت اهم آهي. مادري ٻولي ماڻهوءَ جي بنيادي تخليقي صلاحيت، تبديلي ۽ ابلاغ جي فن جي سڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

ٻوليءَ جي پيدا ٿيڻ سان سماجي ترقي ۽ سماجي جياپو پهرين کان وڌيڪ سولو ٿي ويو. (1)

"مادري ٻوليون ثقافتي سڃاڻپ جي تشريح جو اهم ذريعو آهن." (2)

تعليم ۾ ٻولي تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. بيشڪ اها ماڻهوءَ کي پنهنجي باري ۾ سمجهه ڏئي ٿي، ٻولي فقط خيالن ۽ روين جي رابطي جو ذريعو

ناهي، بلڪ اسان جي ثقافتي سڃاڻپ جو اهم حصو آهي. اها اسان کي ناهي ٿي ۽ خيال، قدر، رويا ۽ بهتر اخلاق فراهم ڪري ٿي. جيڪو اسان کي ٻين برادرين کان مختلف بنائي ٿو. (3)

اُها ٻولي ئي هئي، جنهن ذريعي آسمان ۽ زمين وچ ۾ انسان هر نظر ايندڙ يا ٻي شڪل شين کي نالا ڏنا. اهڙي نموني انفراديت جو خيال اُڀريو ۽ تاريخ جي ترقي ۽ هر حوالي سان هر شئي کي زنده رکيو. (4)

سنڌو تهذيب پڻ آڳاٽي ۽ اهم ترين تهذيبن مان آهي ۽ ڪجهه پهلوئن ۾ اها نمايان ۽ مختلف آهي. اها پهرين تهذيب هئي، جنهن کي لکت ۽ ڳالهائڻ جي صورت ۾ ٻولي هئي. انهيءَ حوالي سان موئن جو دڙو نهايت بهترين مثال آهي، جتي لکت راري ٻولي، واپار سميت هر شئي لاءِ استعمال ٿيندي هئي. (5)

سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا بابت ماهرن جا مختلف مؤقف آهن. پر ٿوري گهڻي تي سيئي انهيءَ تي متفق آهن تہ سنڌي پروٿو دراوڙي ٻولين مان هڪ آهي ۽ انهيءَ جون پاڙون موئن جي دڙي جي تهذيب سان ملن ٿيون. (6)

ٻوليءَ جي سياست، تهذيب جيتري ئي پراڻي آهي. ڏکڻ ايشيا ۽ ننڍي کنڊ جي حوالي سان اسان ڪافي مسئلا ڏٺا آهن. ڀارت ۾ هندي، اردو ۽ مراٺي بابت مختلف مثال ڏٺا ويا آهن. هتي پاڪستان جي حوالي سان اهم ڪيس پيش ڪبو.

23 مارچ 1940ع ڌاري لاهور ۾ پيش ڪيل ٺهراءَ جي نتيجي ۾ 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. انهيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ فقط اردو کي ملڪ جي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. اردوءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيندڙ (قائداعظم) محمد علي جناح صاحب هو جيڪو پاڪستان کي ٺاهيندڙ ۽ اهم ماڻهو هو ۽ ملڪ جو پهريون گورنر جنرل هو. اردو جي قومي ٻولي ٿيڻ سان اوڀر پاڪستان ۾ بنگالي ڪاوڙجي پيا. بنگالين اُها ڳهر ڪئي تہ هو سموري پاڪستان ۾ وڏي اڪثريت ۾ آهن، تنهن ڪري فقط بنگاليءَ کي ئي قومي

ٻولي قرار ڏنو ويو، جيڪڏهن نہ تہ اردو سان گڏ بنگاليءَ کي بہ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي.

اردو پاڪستان جي ڪنهن بہ علائقي سان تعلق نہ پئي رکي. اها انهن ماڻهن جي ٻولي آهي، جيڪي ڀارت مان لڏ پلاڻ ڪري آيا آهن.بنگالين جي حمايت ۾ ٻين صوبن بہ آواز اُٿاريو ۽ سڀئي انهيءَ راءِ جا هئا تہ اردوءَ کي رابطي جي ٻولي بڻايو وڃي، جنهن کي پاڪستان جا سڀ ماڻهو آرام سان قبول ڪندا. انهيءَ راءِ کي محمد علي جناح صاحب سميت پاڪستاني حڪومت قبول نہ ڪيو. بنگالين جي هلچل 1948ع ۾ شروع ٿي ۽ ڪجھ فساد بہ ٿيا. انهيءَ ئي سال محمد علي جناح صاحب اوڀر پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ بنگالين کي ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو تہ اُهي چڱي ريت ورتاءُ ڪن ۽ اردو ئي فقط پاڪستان جي قومي ٻولي رهندي.

”آءٌ توهان کي واضح ٻڌائي ڇڏيان تہ اهو سچ آهي تہ جيستائين توهان جي بنگالي ٻوليءَ جو تعلق آهي تہ توهان جي زندگي اردوءَ جي ڪري متاثر نہ ٿيندي. پر نيٺ اهو توهان تي ۽ هن صوبي جي ماڻهن تي ڇڏيل آهي تہ فيصلو ڪن تہ توهان جي صوبي جي ڪهڙي ٻولي هوندي؟ پر مون کي اهو واضح ڪرڻ ڏيو تہ پاڪستان جي سرڪاري ٻولي اردو هوندي، انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪا بہ نہ. جيڪڏهن ڪو توهان کي غلط ٿو ٻڌائي تہ اهو واقعي بہ پاڪستان جو دشمن آهي. هڪ ٻوليءَ کانسواءِ ڪا بہ قوم گڏجي رهي ڪم نٿي ڪري سگهي.“ (7)

قائد اعظم جي تقرير کي بنگالين پسند نہ ڪيو ۽ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ زور ڏيندا رهيا.

ڪيترن ئي ورهين تائين حالتون خراب رهيون. 1952ع ۾ بنگالي ٻوليءَ جي بحاليءَ واري تحريڪ اوج تي پهچي وئي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا ۽ انهن جي قربانين سان نيٺ بنگاليءَ کي پڻ 1952ع ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. محمد علي جناح صاحب گذاري چڪو هو ۽ انهي سموري

معاملي ۾ پاڪستان جي پهرين وزيراعظم لياقت علي خان اردو ٻوليءَ جي حمايت ڪئي.

جڏهن پاڪستان اسيمبليءَ جي هندو ميمبر ڌويندرناٿ دتا اهو سوال اُٿاريو تہ بنگالي کي اردو ۽ انگريزي سان گڏ استعمال ڪيو وڃي تہ انهي تي وزيراعظم لياقت علي خان جواب ڏنو تہ: "پاڪستان ننڍي کنڊ جي هزارين ۽ لکين مسلمانن جي گهُر تي وجود ۾ آيو ۽ انهن لکين مسلمانن جي ٻولي اردو آهي." (8)

انهيءَ عرصي دوران هڪ اسلامي، ثقافتي ۽ سماجي تنظيم، جنهن جو نالو 'تمدن مجلس' هو تنهن مطالبا ڪيا ۽ چيو تہ بنگالي ٻوليءَ کي تعليم جو ذريعو ۽ عدليہ، انتظاميہ ۽ صحافت جي ٻولي بنايو وڃي. ساڳئي ئي وقت 'ڊيمو ڪريٽڪ يوٿ ليگ' اوير پاڪستان پڻ اها گهُر ڪئي تہ بنگاليءَ کي سرڪاري ٻولي قرار ڏنو وڃي. انهيءَ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي سول سوسائٽي جون تنظيمون هيون، جن ساڳيا مطالبا ڪيا. ابو المنصور احمد پنهنجي آرٽيڪل ۾ جيڪو 'تمدن مجلس' جي ڪتابڙي ۾ ڇپيو، نشاندهي ڪئي تہ "اردو کي اسان جي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو تہ اوير پاڪستان جو پڙهيو لکيو ماڻهو رات وچ ۾ اڻ پڙهيو ٿي ويندو ۽ 'هو سرڪاري نوڪري لاءِ پڻ نا اهل ٿي ويندو." (9)

1948ع کان 1958ع تائين ڪيترائي دفعا بنگالي ٻوليءَ جي بحاليءَ لاءِ ٺهراءُ پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ موڪليا ويا، پر اهو ٺهراءُ منظور نہ ٿي سگهيو ۽ 1952ع ۾ تڏهن منظور ٿيو جڏهن پاڻي مٿي کان چڙهي چڪو هو.

انهيءَ تحريڪ ٻين صوبن جي ٻولين تي اثر ڇڏيو تہ انهن کي بہ قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي. تنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ذڪر اهم آهي، جيڪا ڪيترين ئي صدين کان مُڏريل شڪل ۾ هئي، پر خاص طور تي برطانوي دور ۾، جنهن سنڌ تي سؤ سالن کان وڌيڪ عرصو حڪومت ڪئي.

جيئن ئي پاڪستان جو قيام ٿيو ته ڪراچي کي انهيءَ جو گادي جو شهر بنايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ يونيورسٽي جيڪا ڪراچي ۾ هئي، تنهن کي حيدرآباد لڏايو ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪئي وئي. مليل معلومات ۽ انگن اکرن موجب سنڌي شعبو جيڪو ڪراچي يونيورسٽي جو حصو هو ان کي انهيءَ ڪري بند ڪيو ويو چيو ويو ته "سنڌيءَ ۾ امتحان لاءِ وڏو خرچ ايندو ان ڪري بهتر آهي ته انهي کي حيدرآباد موڪليو وڃي."

پاڪستاني حڪومت سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ميڊيم اسڪولن جو ڪوبہ خيال نہ ڪيو ۽ اهي بند ٿي ويا، جيڪي سون جي تعداد ۾ هئا. حالانڪ مرڪزي حڪومت اِهو وعدو ڪيو هو ته سنڌ جي تعليم کي ڪوبہ نقصان رسڻ نہ ڏيندي

سنڌي ٻوليءَ جي بدقسمتي ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿي. ورهاڱي جي ڪري سنڌ جي واپاري برادري ۽ سنڌي وچيون طبقو هندستان لڏي ويو جيڪو واپاري ٻوليءَ لاءِ وڏو نقصان هو. انهيءَ برادري جي جاءِ هندستان مان آيل هڪ نئين برادريءَ ورالاري، جنهن جي ٻولي ئي الڳ هئي. سا هئي اردو. سنڌي ٻولي حڪومت. واپار ۽ ڪاروبار ۾ پنهنجي جاءِ وڃائي ڇڏي. ڪيترين ئي پاڪستاني حڪومتن جي پاليسين سنڌي ٻولي سان ماتيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڪيو. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اهو ثقافت، روايتن، رسمن، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم کي ڪاليجن، اسڪولن ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پوئتي ڌڪڻ لاءِ هو. پاڪستان ٺهڻ جي شروعاتي ورهين ۾ هڪ ئي ڌڪ سان ڪراچي جي 500 اسڪولن کي بند ڪيو ويو. يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي تعليم ختم ڪئي وئي. هڪ بين الاقوامي شهر ۽ سنڌ جي گادي واري شهر جي حيثيت ۾ اهو سنڌ ۽ سنڌين جي ترقي ۾ مدد ڪري پئي سگهيو. (10)

پاڪستاني حڪومت جي ٻولين ۽ صوبن جي ثقافت ڏانهن رويي کي

ڏسندي سيني صوبن ۾ تحريڪ شروع ٿي. سنڌ انهيءَ ۾ هر حوالي سان اڳيري هئي. انهن سوچيو تہ سندن سنڌي ٻولي سنڌين جي اهم سڃاڻپ آهي. انهي سان گڏ سندن ثقافتي ورثي جو اهم حصو آهي. (11)

حقيقت ۾ جيڪڏهن ڪو تاريخ کي ڏسي تہ انگريز دور ۾ انگريزن جو مقامي ٻولي ۽ ثقافت کي همٿائڻ ۽ هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. انهن پاڻمرادو سنڌي ٻوليءَ کي همٿايو. انهن لپيءَ کي ترتيب ڏني، اُن جو معيار مقرر ڪيو ۽ انهن سنڌيءَ ۾ گرامر بہ لکيا.

انهيءَ سلسلي ۾ جن ماڻهن جا نالا اهم آهن، تن ۾ سر رچرڊ بارٽن، مسٽر آر. ڪي. پرنگل، سر جارج رسل ڪلرڪ، سر بارٽل فريئر، سر جارج اسٽئڪ، سر بي. ايچ. ايلس، ڪئپٽن ايسٽ وِڪ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي نالا آهن. انهن سنڌيءَ کي ڪافي سڌاريو جيئن مٿي ڄاڻايل آهي. گهڻا برطانوي آفيسر سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي طور استعمال ڪندا هئا. ڪجهہ انگريز آفيسرن جا فيصلا هيٺ ڏجن ٿا:

سر جارج ڪلرڪ 24 اپريل 848اع تي لکيو:

"اسان کي سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري رابطي طور متعارف ڪرائڻ گهرجي. مون کي نٿو لڳي تہ اسان روينيو ۽ جوڊيشل آفيسر پنهنجي آفيس ۾ ۽ عدالت ۾ بهتر نموني ڪنهن رابطي جي لاءِ ڌارين ٻولين جهڙوڪ فارسي ۽ انگريزي ۾ اثرائتي نموني ڪم ڪري سگهنداسين." (12)

ممبئي حڪومت نيٽ سرڪيولر نمبر 1825 سيپٽمبر 1810ع تي جاري ڪيو جنهن ۾ ڄاڻايو تہ سمورا آفيسر هڪ امتحان ڏيندا.

"اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڄاڻ ۽ مهارت جو امتحان ڏيندا." (13)

پاڪستان ۾ ڪيترين ئي ڪميشنون ۽ اڻڪٽ تعليمي پاليسين کي سُڌارڻ لاءِ آندا ويا. پر ڌرتيءَ جي اصلوڪي ٻوليءَ کي پاڪستان جي ٻين ٻولين جيان نظر انداز ڪيو ويو ۽ فقط اردوءَ کي ملڪ جي سرڪاري ۽ قومي ٻولي قرار ڏنو ويو.

سنڌي جيڪا علائقي جي تمام ترقي يافتہ ۽ بهتر ٻولي هئي، اها نہ رڳو

وڏيڪ ترقي يافتہ نہ ٿي سگهي، پر مورڳو انهيءَ جي حق کان ئي انڪار ڪيو ويو ۽ آهستي هڪ نظام تحت انهيءَ جي سرڪاري ۽ ڪاروباري اهميت کي ختم ڪيو ويو. ڪجهہ ئي ڏهاڪن ۾ سائين بورڊ ۽ فارم جيڪي ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ لکيا ويندا هئا، سي وري نظر نہ آيا. انهيءَ سان تمام گهڻو نقصان ٿيو. اهو رويو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. نجي شعبو سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪافي ڪم ڪري پيو جنهن ۾ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا شامل آهي. نجي شعبي حڪومت وٽ اِها ڳالهہ ويچار هيٺ ناهي تہ ڪو سنڌي ترقي ڪري. جڏهن تہ ٻولي ۽ ادب جي ترقي لاءِ ڪيترائي ادارا ٺاهيا ويا آهن. ٻن فوجي آمرن جنرل ضياءَ الحق ۽ پرويز مشرف جي دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ تمام وڏو نقصان پوڳيو. انهن سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جي کُلي مخالفت ڪئي. ضياءَ الحق جي دور ۾ ڪيترائي سنڌي اسڪول بند ڪيا ويا.

انهيءَ دوران سنڌ ۾ ڪيترائي انگريزي ميڊيم اسڪول کوليا ويا، جتي فقط انگريزي ۽ اردو پڙهائي ويندي هئي. سنڌي ٻوليءَ کي شعوري طور پوئتي ڌڪيو ويو. ساڳي طرح مشرف دور ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ کي وڏو نقصان رسيو. هن جو دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ نفرت انگيز رهيو.

فوجي آمريتون هڪبئي جو تسلسل آهن ۽ اهي ماڻهن جي ترقيءَ جو خيال نہ رکي سگهنديون آهن. ترقي مان منهنجو مطلب مجموعي ترقي آهي. يعني اها معاشي، سماجي، ثقافتي، ٻوليءَ جي ۽ ڪا بہ ترقي هجي.

جيئن تہ پهرين بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ نئون ملڪ ٺهڻ سان ئي ٿيو پوءِ اسان بنگالين جو رويو ڏٺو ۽ جيڪو انهن سان ٿيو اهو بہ ڏٺو. آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌين ۽ ٻين ننڍين صوبن سان بدترين رويو رکيو ويو. هڪ ٻولي خاص ڪري مادري ٻوليءَ کي ۽ ماڻهن کي ديوار سان لڳائڻ، اهو چئڻ تہ مختلف حڪومتن پاران ثقافتي تتلام هو. خاص طور تي فوجي حڪومتن مٿين حالت کي ڏسندي ۽ وري ڪراچيءَ جو صوبي کان ڌار ٿيڻ،

ون يونٽ مڙهڻ، ڪوڙ سارين مارشلائن جي ڪري ۽ پاڪستاني حڪومت پاران هڪ ٻوليءَ کي مڙهڻ ۽ ماڻهن جي ٻين ٻولين جو خيال نہ رکڻ تمام خطرناڪ ثابت ٿيو. ماڻهن جي نفرت ڪراچي جي ڌار ٿيڻ وقت ئي شروع ٿي وئي هئي. سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن اسيمبليءَ ۾ وڏي واڪي ڳالهايو. "اهو قدم نہ فقط سنڌ کي معاشي ۽ سياسي طرح معذور ڪندو پر اها آل انڊيا مسلم ليگ پاران 1940ع واري قرارداد جي خلاف ورزي هوندي، جيڪا خودمختيار ۽ آزاد وحدتن تي زور ڏئي ٿي." (14).

انهيءَ عرصي دوران ڪافي ٻيون شيون بہ ٿيون. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جيڪو عظيم هاري اڳواڻ هو تنهن پنهنجن ويچارن کي هيئن اظهاريو: "اها سين کي چڱي ريت خبر آهي تہ سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد پيپر جو جواب اردوءَ ۾ بهتر نموني نہ ڏئي سگهندو ۽ اهو (پيپر) اردو ۾ جواب ڏيندڙ شاگرد لاءِ بہ ساڳيو آهي. سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد کي اردو ڄاڻندڙ شاگرد جي ڀيٽ ۾ 20 سيڪڙو مارڪن جو نقصان آهي. هو انهيءَ آرڊر ذريعي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شاگردن لاءِ اهو چتاءُ ڏئي رهيا آهن تہ ڪراچي ڇڏي وڃو ۽ جيڪڏهن سنڌي کي برقرار رکڻ ٿا چاهيو تہ سنڌ هليا وڃو. ڪراچي اوهان جو ناهي." (15)

پيپلز پارٽيءَ جي پهرين حڪومت دوران ذوالفقار علي ڀُٽي سنڌيءَ کي، اهو درجو ڏيڻو ڪيو. ممتاز علي ڀٽو جيڪو پوءِ سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو سنڌيءَ کي صوبي جي سرڪاري ٻولي قرار ڏيڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ بل آندو بل پاس ٿيڻ کان پوءِ اردو برادري انهيءَ کي قبول نہ ڪيو ۽ نتيجي ۾ سنڌ ۾ وڳوڙ شروع ٿي ويا. ڪافي ماڻهو ماريا ويا. ذوالفقار علي ڀُٽي بل جي مخالفت ڪئي ۽ هڪ ٻيو بل متعارف ڪرايو ويو جنهن موجب سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ٻنهي ٻولين کي سرڪاري ٻولين جو درجو ڏنو ويو. اردو پهرين ئي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل ڪري چُڪي هئي. سنڌ کي بہ ٻولياٽي صوبو قرار ڏنو ويو. اهو هندستان مان آيل اقليت جي ڪري ٿيو. بل جي منظور ٿيڻ سان وڳوڙن جي

ڪري سنڌ جي ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن جي معيشت کي شهرن ۽ ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ وڏو نقصان پهتو.

سنڌ جي دانشورن، اديبن ۽ سول سوسائٽيءَ جي ماڻهن ون يونٽ حڪومت پاران صوبي کي ٻه ٻوليائي صوبو قرار ڏيڻ واري فيصلي جي مذمت ڪئي. جنرل يحيٰ انهيءَ رٿابنديءَ سان آيو ته سموري ملڪ ۾ ٻه ٻوليون اردو ۽ بنگالي هونديون. سنڌ ۾ پڻ فقط اردو هوندي انهيءَ فيصلي جي سنڌ سختي سان مذمت ڪئي ۽ ساڳيو فيصلو ڪين واپس وٺو پيو . انهيءَ دوران سنڌي شاگردن، اديبن، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن خاص ڪري سنڌي ادبي سنگت اڳيري رهي. سنڌ نوجوان محاذ پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀايو. مهراڻ اخبار سميت سيئي سنڌي اخبارن سخت ايڊيٽوريل لکيا.

سموري جدوجهد ۾ محترم جي. ايم. سيد ۽ ٻين اڳواڻن سنڌيءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ لاءِ آواز اٿاريو پر ڪو ٻه ڌيان نه ڏنو ويو.

هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ سان ڇو ماٽيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڇو ڪيو ويو؟

هن مختصر مقالي وسيلي ڪافي سوال اُٿاري سگهجن ٿا. ڇو ته پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌيءَ سان ڇو ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ويو! ٻوليءَ کي ڇو ڪراچي کان ٻاهر ڌڪيو ويو؟ 1972ع ۾ ڀٽو حڪومت پاران منظور ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي بل سان ڪهڙي گڙٻڙ ٿي؟ فوجي حڪومت ۽ لياقت علي خان جي حڪومت جا ڪهڙا مفاد هئا، جو انهن سنڌي ٻولي کي ديوار سان لڳايو؟ 1947ع کان 2008ع تائين ملڪ ۾ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪيون ويون، جو ماڻهو پنهنجي ترقي، جيڪا سٺي معيشت، ثقافتي، سماجي ۽ سياسي آزاديءَ تي ٻڌل هجي، حاصل ڪري نه سگهيا.

ون يونٽ دوران جنرل ايوب هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ته هاڻي سنڌ کي "اڳوڻي سنڌ" لکيو ويندو ۽ ٽپال واري پتي تي ٻه سنڌ لکڻ منع

ڪيو ويو. بورڊ ۽ ريلوي اسٽيشنن جا نالا سنڌيءَ بدران اردوءَ ۾ لکيا ويا. انهيءَ عمل جي ڪري نالن جو اصل مطلب وڃائجي ويو.

ملڪ ۾ ٻوليءَ جي تحريڪ جي حوالي سان مٿين حالتن جو جائزو وٺندي، خاص طور تي سنڌ ۾ جنهن ۾ ٻوليءَ کي معقول جاءِ ناهي ملي سگهي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ سماجي معاشي ۽ ثقافتي ترقيءَ کي نقصان ٿي رهيو آهي. تحقيق جي اعليٰ اداري وسيلي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ قدم کنيا وڃن. حڪومت تي انهيءَ ڳالهه تي زور رکيو وڃي ته اها سنڌي ٻولي کي ترقي يافته ٻوليءَ طور ڏسي ۽ اها بلوچي، پشتو سرائيڪي ۽ پنجابيءَ سميت سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي قرار ڏئي سنڌي ٻولي اڄ به پاڻ کي قومي ٻولي طور مڃرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي.

[هي مضمون سنڌ يونيورسٽي جي فئڪلٽي آف آرٽس طرفان منعقد ڪيل پهرين شيخ اياز ٻولي ۽ ادب ڪانفرنس جي موقعي تي نومبر 2008ع ۾ پڙهيو ويو.]

حوالا:


(1) اعجاز قريشي، "سنڌي ٻولي بحيثيت ڪاروباري ٻولي"، انسٽيٽيوٽ آف بزنس مئنيجمنٽ ڪراچي، 2008، صفحو 1.

(2) احمد سليم، It is my Mother's Face، سانجهه لاهور 2005، ص 11

(3) طارق رحمان، Language and Education (Selected Documents-1780-2003)، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد، ص VIII

(4) اعجاز قريشي، مٿي ڏنل حوالو ص 1

(5) اعجاز قريشي، مٿي ڏنل حوالو ص 2

(6) اعجاز قريشي، مٿي ڏنل حوالو ص 2

(7) قائداعظم محمد علي جناح، ڍاڪا جي ريس ڪورس ميدان ۾ ڪيل تقرير جو حصو 21 مارچ 1940.

(8) پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي (بحث) 25 فيبروري 1948، ص 16

(9) تمدن مجلس 1947، هلال رسالي تان کنيل، 1985، ص 182

(10) اعجاز قريشي، مٿي ڏنل حوالو ص 8

(11) جي. ايم. سيد، 1990، طارق الرحمان واري ڪتاب ۾ ڏنل، ص 103

(12) سر جارج ڪلارڪ، بي. ايچ ايلس اگوٽي اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ طرفان ڪيس ڏنل رپورٽ، 1848، پيرا 68.

(13) بي ايچ ايلس، اگوٽي اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ تي لکيل رپورٽ، 1856، پيرا 35

(14) محمد هاشم گزدر، سنڌ قانون ساز اسيمبلي جون ڪارروايون، فيبروري 10، 1948.

(15) حيدر بخش جتوئي ڇا سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نه؟ 1957، ص 13

# سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ۽ ترقي

اسين جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي زوال بابت سوچيون ٿا ته نه چاهيندي به اسان جو ڌيان هن ملڪ جي ٺهڻ وقت پيدا ٿيل سياسي حالتن ڏانهن ڇڪجيو وڃي. مون پنهنجي مضمون "سنڌي ٻولي: ماضي، حال ۽ مستقبل" ۾ هيئن لکيو آهي ته: ڪنهن به سماج جو وچيون طبقو ان جي علمي ۽ ادبي زندگيءَ لاءِ ڪرنگهي برابر ٿئي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو مکيه دؤر، ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿيو ان زماني ۾ بدقسمتيءَ سان سنڌ جي وچئين طبقي جو وڏو حصو هتان لڏي هندستان روانو ٿيو. اهي شهر، جيڪي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي واڌاري جا مرڪز هئا، جتان هزارين ڪتاب مختلف موضوعن تي نڪرندا هئا، اهي اوچتو ئي اوچتو اوپرا ٿي ويا. اسان پنهنجي روايتي مهمان نوازيءَ کان ڪم وٺندي، آيلن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، پر 1948ع ۾ لياقت علي خان جي حڪم تي هڪ ئي ڌڪ سان ڪراچيءَ جي 1300 سنڌي ميڊيم پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن کي بند ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو گناهه ڪيو ويو. ڪراچيءَ جي اسڪولن ۾ سنڌي استادن جو تعداد گهٽايو ويو، انهيءَ تباهه ڪن وقت گذرڻ کان پوءِ ان جا اثر وڌيڪ گهرا ٿيندا پيا وڃن. ڪراچيءَ ۾ هزارين سالن کان رهندڙ سنڌي ماڻهن پنهنجو پاڻ کي ٻين ماڻهن جي گهيري ۾ ڏٺو. صرف هڪ وسيلو هو جنهن ذريعي هو پاڻ کي سنڌي ثقافت ۽ سماج سان ڳنڍي سگهيا ٿي، اهو هو سنڌي ٻولي، جنهن کي پڻ ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. نتيجي ۾ ڪراچيءَ جا سنڌي ماڻهو هڪ عجيب ويڳاڻپ (Alienation) جو شڪار ٿي، پنهنجي چؤطرف گهيريل بستين ۾ محدود ٿي ويا ۽ سندن ثقافتي، روحاني ۽ ذهني ترقيءَ تي جمود ڇائنجي ويو.

ان پسمنظر جي روشنيءَ ۾ اڄ هن اجلاس کي بيحد اهم سمجهان ٿو. ڇاڪاڻ ته اسان جي قومي وحدت جو ٽيو هن وقت فقط ٿي فقط ٻوليءَ تي

بيٺل آهي. جڏهن اسين پنهنجي چوڌير نظر ڦيرايون ٿا ته اسان کي اهو نظر ايندو ته اسين ثقافتي ۽ اقتصادي طور ڪيترو نه پوئتي رهجي ويا آهيون. هڪ پاسي اهو ڏسي اسين مايوس ۽ ڪجهه اپاٽڪا ضرور ٿيون ٿا، پر ٻئي پاسي پنهنجي ساهه سيباڻي، پياري، سدا سُهڻي ۽ ٻاٻاڻي ٻوليءَ جي هزار مصيبتن کان پوءِ به پاڙ پختي ڏسيو ٺريو پئون ٿا. اسان جي اها خوشنصيبي آهي، جو سنڌي ٻوليءَ کي هڪ لپي آهي. اها اڄا تائين اسڪولن ۾ لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. ان کانسواءِ سنڌ مان ڪيترين ئي اخبارون ۽ رسالا جاري ٿيندا پئي رهيا آهن ۽ ان کان وڌيڪ اسان جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي خوشنصيبي اها به آهي ته هيئنر اها باقاعده سٽلائيٽ ۽ ڪمپيوٽر تي اچي وئي آهي.

اسان وٽ ڪجهه ماڻهن اهو تاثر پکيڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي ته جيستائين سنڌي ٻولي رومن لپيءَ ۾ نٿي لکجي، تيستائين اسان ترقي نه ڪري سگهنداسين. پر آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ جي موجوده لپيءَ کي مٽائي رومن لپي اختيار ڪريون ٿا ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڪم عقلي نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته اسين هڪ اهڙي دور مان گذري رهيا آهيون، جنهن ۾ انيڪ ٻيا به مسئلا آهن، جن سان سنڌي قوم مهاڏو اٽڪائي رهي آهي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن اسين سنڌي، ٻوليءَ سان ڪنهن به قسم جي هٿ چراند ڪنداسين ته اها هڪ وڏي تاريخي غلطي ٿيندي، ڇاڪاڻ ته جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون ته سنڌ جي قومي وحدت جي عمارت فقط سنڌي ٻوليءَ جي بنياد تي بيٺل آهي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن اسين ٻوليءَ سان هٿ چراند ڪري ان کي بگاڙڻ يا هيٺ مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سزا هوندي، جيڪا پنهنجي قوم جي لاءِ تجويز ڪجي.

جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو سوال آهي ته ان کي فقط لپيءَ جي تبديليءَ سان نه ڳنڍجي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، منهنجي

نظر ۾ اها ئي آهي تہ اها سنڌ ۾ رهڻ وارو هر هڪ فرد پنهنجي گهر ۾ ڳالهائي ۽ لکي پڙهي ۽ محفوظ ڪري ۽ پنهنجي ٻارن کي پڙهائي، ان ڪانسواءِ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر تي استعمال ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، ان ڪري اهو ضروري آهي تہ ان جي لپي تبديل ڪئي وڃي تہ جيئن سنڌي ٻولي هڪ ئي وقت سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وڃي. اُن لاءِ آءٌ عرض ڪريان ٿو تہ توهين پلي پنهنجي ٻولي رومن لپيءَ ۾ لکو پر ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارا وري بہ سنڌي ئي هوندا، ان ڪري اهو سمجهڻ تہ رومن لپيءَ ۾ ٻولي کي لکڻ سان اسين سڄي دنيا سان ڳنڍجي ويندا سون، هڪ خوش فهميءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ان ڪانسواءِ هن وقت سنڌ هڪ ڇڪتاڻ واري دؤر مان گذري رهي آهي، سنڌي ماڻهو بيروزگار آهن، مهانگائي وڏي وئي آهي، غربت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو اچي رهيو آهي. زراعت تباهہ ٿي رهي آهي، پاڻي گهٽ هجڻ جي ڪري اسان جي ڳوٺن جي سونهن ختم ٿي رهي آهي. تعليم بلڪل تباهہ ٿي رهي آهي، ان ڪانسواءِ ڪارو ڪاري، خودڪشي ۽ انهن جهڙا ڪيترائي ٻيا بہ مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. اڳ ۾ تہ اسان سڀني سوچيندڙن جي مٿان اها ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ اسين پنهنجيءَ قوم جون ترجيحون ڪيئن ترتيب ڏيون ۽ ان نقطي تي بہ بلڪل چٽا ٿي بيهون تہ اسان کي سڀ کان اول ڪهڙي شئي هٿ ۾ ڪڻڻ گهرجي. ان جي لاءِ آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌي ٻولي جيتوڻيڪ ترقيءَ ڏانهن نہ بہ وڃي رهي آهي تہ ايترو پوئتي بہ نہ آهي، اهو تہ فقط اسان جي ذهن جو اختراج آهي ۽ اسان جي هڪ اجائي خواهش آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ کي تبديل ڪريو. ان کي سڄي دنيا سان هم آهنگ ڪيو وڃي. اهڙي خواهش ڪرڻ وقت اسين پنهنجو پاڻ کي جاچڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون، تہ ڇا اسين اهڙو ڪم پوري ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهيون بہ يا نہ؟ ڇا سنڌ پئسي، وسيلن ۽ سهوليتن جي حساب سان ايترو پاڻ ڀري آهي، جو اها ايتري وسيع پئماني تي، اهڙو ڪم پنهنجن هٿن ۾ کڻي

سگهي. ان ڪري آءُ سمجهان ٿو تہ موجوده لپي اُن ڪري تبديل نہ ڪئي وڃي، جو ان ۾ اسان جو ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي سرمايو محفوظ آهي. جنهن کي رومن لپيءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا ادارا انتهائي فاضل ۽ عالم ماڻهو بي انداز پئسو ۽ اڻ ڳڻيون سهوليتون گهرجن ٿيون. تڏهن بہ آءُ سمجهان ٿو تہ اسين سؤ سيڪڙو گهربل نتيجا نہ وٺي سگهنداسون. اڄ جنهن ٻاراڻي ۽ انتهائي خسيس انداز سان سنڌي ٻوليءَ تي ڳالهايو وڃي ٿو سچ پچ تہ اهڙو رويو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڏسي اسان جو هانءُ هڄيو وڃي ۽ دهڄيو پوي ۽ اهو سوچڻ تي مجبور ٿيون ٿا تہ ڪٿي اسين ڪا اهڙي غلطي نہ ڪري وجهون، جيڪا اسان لاءِ صدين جو ناسور بنجي وڃي.

هونئن بہ اسين جڏهن دنيا تي نظر ڊوڙايون ٿا تہ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ قومن جي ترقيءَ ۽ تبديلي جو سوال هرويرو بہ ٻوليءَ جي لپيءَ سان لاڳاپيل ناهي. اڄ بہ دنيا ۾ ڪيترائي ترقي يافتہ ملڪ آهن، جن جي ٻولي رومن لپيءَ ۾ ناهي. پر اهي دنيا ۾ سويارا ۽ ترقي ڪيل آهن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ اسان کي جيڪڏهن حقيقي طور سوچڻو آهي تہ ان لاءِ اسان کي سنڌي ماڻهوءَ جي ترقيءَ لاءِ سوچڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ئي اهو "لاڪر" آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڳهہ محفوظ رهي سگهي ٿو. ان ڪري جيستائين سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار کي مٿي نٿو ڪجي، جيستائين انهن کي پنهنجن پيرن تي نٿو بيهارجي، جيستائين سنڌ ۾ غربت جو خاتمو نٿو ٿئي، تيستائين ٻوليءَ جي ترقي بہ هڪ خواب رهندي. ڇاڪاڻ تہ اسان کي اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ سنڌي ماڻهو هوندو تہ سنڌي ٻولي بہ هوندي ۽ ٻوليءَ ترقي وٺرائڻ وارا ادارا، شعبا، اسڪول ۽ يونيورسٽيون بہ هونديون. ان ڪري اچو تہ سڀ گڏجي پهريان سنڌي ماڻهوءَ جي ترقيءَ لاءِ سوچيون ۽ اهو ئي طريقو آهي، جنهن سان اسين سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ايندڙ نسلن ڏانهن صحيح سلامت موڪلي سگهون ٿا. پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ سان ڪنهن بہ قسم جي هٿ چراند ڪرڻ

جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ سنڌ اڳ ئي هزار مسئلن ۾ قاتل آهي. اها هڪ وڏيڪ مرڻ ۽ جيئڻ واري مسئلي ۾ مبتلا ٿي ويندي. مختصر طور تي تہ اجوڪي دنيا جي ترقيءَ جو ماپو اقتصادي ترقي آهي، جن بہ قومن وٽ مارڪيٽ آهي، اهي ٻين قومن تي فوقيت رکن ٿيون. اسان کي جيڪڏهن سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿانهون ڪرڻو آهي تہ سڀ کان پهريان سنڌي ماڻهوءَ کي پاڻ پرو ڪرڻو پوندو. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ ٻوليءَ جي ترقي ڪا مادي شئي نہ آهي. پر ان جو اظهار ڪنهن سماج ۽ قوم جي گڏيل ڪم ۽ عمل مان ٿيندو آهي. اُن ڪري اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ ٻوليءَ جي ترقي ڪنهن بہ سماج جي اقتصادي ترقيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ اسين ڏسون ٿا تہ اڄ اهي ئي ٻوليون شاهوڪار آهن، جن جا ڳالهائيندڙ شاهوڪار آهن ۽ اهي ئي ٻوليون غريب آهن، جن جا ڳالهائيندڙ غريب آهن.

# سنڌي ٻولي ۽ سماج

ٻولي انساني سماج جي ڪاروهنوار ۽ سڃاڻپ جو اهڃاڻ جزو آهي، جيڪو ڪنهن به سماج توڙي قوم جي نه رڳو اندروني ميل ميلاپ جي فرضن ڪي پليءَ پٽ نباهي ٿو پر ان سان گڏ ان سماج/قوم کي ٻين کان منفرد ۽ ممتاز پڻ بڻائي ٿو. سنڌي سماج جي مطالعي تي وڏي دسترس رکندڙ عالم محترم محمد ابراهيم جويي بلڪل درست فرمايو آهي ته:

”زبان، آواز۔دانهن ۽ دانهن جو جواب۔ ٻوليءَ جا لفظ۔ ٻوليءَ جون ڳالهيون۔ زندگيءَ جي وڏي وٿ آهن ۽ اُن لاءِ وڏو آڌٽ آهن. بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن.“ (1)

هڪ روسي اديب، تزگنيف (1818ع کان 1883ع)، جنهن پنهنجيءَ عمر جو لڳ ڀڳ اڌ حصو ٻي وطنيءَ واريءَ حالت ۾ گذاريو هو. تنهن هڪ موقعي تي پنهنجي روسي زبان جي باري ۾ جيڪي ڪجهه فرمايو تنهن جو حوالو ڏيندي جويو صاحب لکي ٿو:

”جڏهن مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو جڏهن به پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو من لرزجي ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏڍ ڏئيڻءَ ٿي، ۽ مون کي بچائين ٿي. جي تون نه هجين ته پڪ ئي پڪ جو ڪجهه منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏسي آءٌ هوند ڍهي ٻنهه پٽ اچي پوان ها، پر ڪو آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي ته اهڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن قوم کي مليل هوندي“ (2)

سنڌ جو ناميارو اسڪالر ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

”ڪنهن به سماج ۽ اُن سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي روزمره جي زندگي، سندن تهذيب ۽ تمدن، نشست ۽ برخاست، لباس، کاڌي خوراڪ ۽ اهڙن ٻين نقطن جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ انمول خزانو هر دور ۾ اُن سماج يا قوم جي

ٻولي ٿي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي تهذيب ۽ تمدن توڙي سماجي قدرن ۾ فرق ايندو رهيو آهي، تيئن تيئن انسان ذات جي اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ روزاني زندگيءَ ۾ تبديليون ايندڙيون رهيون آهن ۽ انهن تبديلين ۽ ترقيءَ جو اثر، اُن قوم ۽ اُن قوم جي ٻوليءَ تي ٻه ٿيندو رهندو آهي.

علم اللسان جو علم الانسان سان هميشه واسطو رهيو آهي. اُن لحاظ کان ڪنهن زبان جو مطالعو اُن قوم، اُن قوم جي معاشري، تهذيب ۽ تمدن، ۽ اُن قوم ۽ ملڪ جي ثقافت جو مطالعو سمجهيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته هر ڪا ٻولي، انساني عمل جي پيداوار آهي. ٻوليون مرده انسانن جي لاش، مري ويل ماڻهن جي هڏين مان نڪتيون جُڙن، پر اُهي (ٻوليون) زنده انسانن جي روزمره جي زندگيءَ مان اُڀرن ۽ اُسرن ٿيون، ۽ ترقي ڪن ٿيون، لحاظ اهو چئي سگهجي ٿو ته ٻوليون زنده قومن جي زندگيءَ سندن جيوت، سندن تهذيب ۽ تمدن ۽ سندن ثقافت جون آئينه دار هونديون آهن. انهيءَ دليل جي آڌار تي، چئي سگهجي ٿو ته ٻولين جي تاريخ ۾ قومن جي زندگي ۽ زندگيءَ جي تاريخ لڪل يا سمايل هوندي آهي. يعني زبان جي تاريخ ۾ قوم جي زندگيءَ جي تاريخ سمايل هوندي آهي." (3)

ٻوليون ۽ زبانون صدين جي فطري سماجي عمل جي نتيجي ۾ ٺهنديون، جُڙنديون ۽ جڙ ڀي راس ٿينديون آهن، اُهي ڪنهن مصنوعي ۽ هٺراڙو ٺڪساٽ جو نتيجو نه هونديون آهن.

سنڌ جو ناميارو اسڪالر ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

"انساني ٻولي عوام جي پيداوار آهي. اُها نه ڪن عالمن جي جوڙيل آهي ۽ نه وري ڪن اُستادن جي. عالم ۽ اُستاد ٻوليءَ کي شاهوڪار ضرور بڻائين ٿا، اُن کي سينگاري سنواري ناهي جوڙين، ادبي ٻوليءَ جي حُسن جو ڳُل ضرور بڻائين ٿا. پر ٻوليءَ جون اهم ترين مُکڙيون دراصل انهيءَ ڌاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون، جيڪا پنهنجو پاڻ اُڀري ۽ اُسري آهي. وڏي ۽ ويجهي آهي، ۽ اُن جون پاڙون زمين ۾ کُتل آهن: يعني ٻوليءَ جو اُسرڻ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي

محنت جو نتيجو نہ آهي. اُها زمين ئي آهي، جنهن مان ٻوليءَ کي پنهنجي تازگي ۽ غذا ملي ٿي.“ (4)

ان سان گڏوگڏ ٻولين جي ارتقا ۽ اؤسر ۾ سماجن ۽ قومن جي طبعي لاڙن کي پڻ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

اهڙيءَ ريت اسان کي سنڌ جي سرزمين جي قديم آثارن ۽ سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ جي اِپياس مان اها پروڙ پوي ٿي تہ سنڌي سماج/قوم پنهنجي قديم دؤر کان ٻولي، علم، ادب ۽ فنون لطيفہ ڏانهن غير معمولي دلچسپيءَ جا لاڙا رکندڙ هو جنهن ڪري ئي سنڌ جي سرزمين جُڳن کان علم، ادب، آرٽ ۽ تصوف جو گهوارو رهندي پئي اچي. موئن جو دڙو رني ڪوٽ ۽ ٻيا ڪيترائي آثار سنڌي سماج جي فني ۽ فڪري اوجر کي ظاهر ڪن ٿا.

سنڌي سماج جي انهن ئي فڪري لاڙن اڳتي هلي ارتقا ۽ اؤسر جا فطري مرحلا طئي ڪرڻ بعد هڪ شاندار ٻوليءَ جو روپ ورتو ۽ اجوڪي سنڌي ٻولي ٺهي جُڙي راس ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ خوبين کي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب هيٺين لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”سنڌي هڪ زنده جاويد زبان آهي، جنهن جو وجود هڪ اهڙيءَ تہ ترقي پذير زبان وانگر آهي، جيڪا ڪنهن بہ ٻيءَ زبان جي لفظن کي پنهنجي وجود ۾ شامل ڪري، انهن کي هضم ڪرڻ جي قوت ۽ صلاحيت رکندي آهي. جتي هزارين عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي لغات جو حصو بڻجي ويا آهن، اُتي ٻنهي تهذيبن (عربي ۽ سنڌي تهذيب) جي ميل جول ڪري ڪيترائي روزمره جي استعمال وارا سنڌي ٻوليءَ جا لفظ عربي لغات جو بہ حصو بڻيا. عرب سياحن، محققن، جاگرافيدانن ۽ مؤرخن، سنڌ ۾ پنهنجي سفر دوران، سنڌي ٻوليءَ جو وجود ۽ اُن جي وسعت جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي.“(5)

جيتوڻيڪ اُها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ انگريزن جي دور، 1848ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده لپيءَ کي معياري الفابيٽ قرار ڏيئي، ان کي سنڌ

جي دفتري ۽ تدريسي زبان جو درجو ڏنو ويو پر دراصل اهو قدم سنڌي سماج جي اوسر جي فطري تقاضا جي تڪميل هو.

الفابيٽ نهڻ، تعليمي، تدريسي ۽ دفتري درجو حاصل ڪرڻ بعد، سنڌي ٻولي جيئن جيئن سنڌي سماج جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي ترقيءَ جي آڌار قومي ۽ بين الاقوامي ڪيتر ۾ روان دوان هئي تہ 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي سياسي فضا ۾ اهڙيون اُٿلون پٿلون رونما ٿيون، جن سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ اوسر کي شديد هاڃو رسايو. اُهي هن ريت هيون:

(1) 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو عمل ۾ آيو جنهن ڪري سنڌ جي معاشي ۽ سياسي سگهہ يعني مڊل ڪلاس، جيڪو هندو واپارين، صنعت ڪارن ۽ هنرمندن، عالمن ۽ اديبن تي مشتمل هيو اُهو لڏي هندستان هليو ويو.

(2) 1948ع ۾ سنڌ جي اهم معاشي ۽ ڪاروباري مرڪز ۽ گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري مرڪز حوالي ڪيو ويو.

(3) 1948ع ۾ ڪراچيءَ جي 1300 سنڌي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن کي ختم ڪيو ويو.

(4) 1954ع ۾ مغربي پاڪستان جي صوبن کي ملائي "ون يونٽ" ناهيو ويو، جنهن ڪري سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ کي شديد هاڃو رسيو. سنڌ کي سڃاڻپ جي خاتمي سان گڏ شديد معاشي ۽ سياسي استحصال کي منهن ڏيڻو پيو.

(5) 1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ کي "امتحاني ذريعي واري حيثيت" کان محروم ڪرڻ جا احڪام جاري ڪيا ويا، جنهن ڪري ڪراچي ۽ پرپاسي جي قديم سنڌي آبادي قومي تشخص جي احساس کان محروميءَ ڏانهن ڌڪجي وئي.

(6) 1958ع ۾ مارشل لاءِ لڳائي ون يونٽ جي ايجنڊا (جيڪا سنڌ جي معاشي ۽ سياسي غلاميءَ جي سنگهرن کي مضبوط بنائڻ هئي) کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ جي مڪمل تياري ڪئي وئي.

(7) 1959ع ۾ ايوب خان پاران ويهاريل تعليمي ڪميشن جيڪا "شريف ڪميشن" سڏجڻ ۾ آئي، هڪ رپورٽ پڌري ڪئي، جنهن ۾ سفارش ڪئي وئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي آهستي آهستي اهڙيءَ طرح گهٽايو وڃي جو اُها فقط پنجين درجي تائين تعليمي ذريعو وڃي رهي، ان خلاف سنڌي عوام تمام گهڻي مزاحمت ڪئي. دانشورن طرفان "سنڌي زبان سوسائٽي" قائم ڪئي وئي، ان ۽ "سنڌي ادبي سنگت" جي پليٽ فارم تحت تمام گهڻو احتجاج ڪيو ويو. نيٺ حڪومت ڪنڌ جهڪايو ۽ 13-آڪٽوبر 1962ع تي مرڪزي حڪومت هڪ آرڊيننس ذريعي سنڌي زبان کي انٽر تائين ذريعہ تعليم طور قبول ڪيو.

(8) 1966ع ۾ ون يونٽ سرڪار طرفان سنڌ ۾ تي ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول کوليا ويا، جن ۾ فقط اردو کي ذريعہ تعليم بنايو ويو. انهن اسڪولن ۾ اُهي شاگرد، جن جي مادري زبان سنڌي هئي، انهن لاءِ بہ اردوءَ کي ذريعہ تعليم طور لازمي قرار ڏنو ويو.

(9) ون يونٽ دوران نہ رڳو ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج جون لکين ايڪڙ زرخيز زمينون ڌارين فوجي ۽ سول آفيسرن کي "مالِ غنيمت" طور ڏنيون ويون، پر ان سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخي حيثيت کي پڻ گهٽائڻ لاءِ سازشون ڪري مختلف هاڃيڪار قدم کنيا ويا. اُن صورتحال خلاف سنڌي عوام تاريخي جدوجهد ڪئي، جنهن ڪري آخرڪار يحيٰ خان حڪومت جولاءِ 1970ع ۾ باضابطہ طور ون يونٽ کي ٽوڙي اڳوڻا صوبا بحال ڪيا ۽ ووٽر لسٽن کي سنڌيءَ ۾ لکڻ جا پروانا جاري ڪيا.

(10) جولاءِ 1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ٻولي بل پاس ڪري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حيثيت جي بحاليءَ ڏانهن هڪ اهم قدم اڳتي وڌايو جنهن مطابق اردوءَ سان گڏ سنڌي پڻ سنڌ جي دفتري زبان رهندي ۽ ان کي ذريعہ تعليم جو درجو پڻ حاصل رهندو. پر اهڙي فيصلي اڳيان هلي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڪافي نقصان ڏنو ۽ سنڌ بہ ٻوليائي صوبو ٿي ويو.

**سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سماج جو مستقبل:**

انساني سماج جي تاريخ شاهد آهي تہ سماج جي ترقي ۽ ٻولي، ادب ۽ آرٽ جي ترقي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهي. سنڌي سماج جي اڄوڪي پست حالت جو پس منظر ۽ پيش منظر ڪجهہ هيٺينءَ ريت آهي:

انگريز دؤر ۾ سکر بئراج ٺهڻ بعد سنڌي سماج جي ترقيءَ جا امڪان پيدا ٿيا، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي حوالي سان جيڪي بہ قدم کنيا ويا، انهن جا سنڌ جي معاشي ۽ سماجي حالتن تي انتهائي ناڪاري اثر پيا آهن. ڪنهن اهڙي منظم پارٽي جو نہ هجڻ، جيڪا سنڌي عوام جي بنيادي مسئلن کي ڏاهپ ۽ دانائيءَ سان حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون وٺي. جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهي جي رياستي پٺڀرائيءَ سبب زراعت ترقي نہ ڪري سگهي آهي. ٻهراڙين ۾ جديد صنعتن جو ڄار وڇائڻ جا منصوبا شروع ڪرڻ تہ پري رهيو سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ "ڪراچي" جي صنعتن جي لاڀ حاصل ڪرڻ ۽ روزگار جي موقعن کان پڻ سنڌي عوام محروم آهي. تيل، گيس ۽ ڪوئلي جي پئداوار جي لاڀ کان عام سنڌي ماڻهو وانجهيل آهي.

جيئن تہ سنڌي سماج اڃا سوڌو صنعتي ترقيءَ جي دور ۾ داخل ٿي نہ سگهيو آهي. واپار تي ڌارين جي غلبي سبب اُن ميدان ۾ پڻ سنڌي سماج چٽاڀيٽيءَ جي پوزيشن ۾ اچي نہ سگهيو آهي. ان صورتحال جو اثر لازمي طور تي سنڌي ٻوليءَ جي ٻيهڪ تي پوڻو آهي، جنهن جا ڪجهہ منظر هيٺينءَ ريت آهن:

(1) خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ذريعہ تعليم هجڻ سنڌي ٻوليءَ جو آئيني ۽ قانوني حق آهي، پر ان تي عمل درآمد ڪرائڻ کان سنڌ حڪومت ۽ سنڌ اسيمبلي بہ معذور، مجبور ۽ بيوس نظر پئي اچي.

(2) سائن بورڊن، پبلسٽي ۽ ميڊيا تي ڌارين ٻولين جو اثر ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ڪي بہ اثرائتا اُپاءَ نہ پيا ورتا وڃن.

(3) سنڌ جي تعليمي ۽ تدريسي نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا بابت

جيڪو آڳاٽو مفيد ۽ لاڀائتو طريقو رائج هو جھڙوڪ: گرامر ۽ صورتخطيءَ تي خاص ڌيان ڏيڻ وغيره. انهن طريقن تي عمل جيئن پوءِ تيئن گهٽبو پيو وڃي، جنهن ڪري شاگردن مان سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي ڄاڻ گهٽجي رهي آهي.

(4) تعليمي ۽ تدريسي نظام ۾ نقصن ۽ خامين جو دائرو ڏينهون ڏينهن وسيع ٿيندو پيو وڃي، جهڙوڪ: ڪاپي ڪلچر ۾ واڌ، تعليمي ادارن ۾ تدريسي عمل جي کوٽ، اُستادن ۽ شاگردن جي تدريسي عمل سان عدم دلچسپي، سياسي پارٽين جو تعليمي ادارن ۾ منفي ڪردار، انتظامي ڪرپشن وغيره. جنهن ڪري نوجوانن جي تعليمي اهليت ۽ قابليت شدت سان متاثر ٿي رهي آهي ۽ اُن جا مستقبل جي سنڌي سماج تي نهايت ئي اُگرا ۽ تباهه ڪندڙ اثر پوندا.

مٿي ڄاڻايل صورتحال اهو ظاهر ڪري ٿي ته سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻولي ورهاڱي کان اڳ جيڪا بيهڪ رکي پئي، سا ورهاڱي کان پوءِ ٻين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ معاشي وسيلن جي گهٽتائيءَ هوندي به، جيئن پوءِ تيئن پستيءَ ڏانهن روان دوان آهي. انهيءَ انتهائي افسوس جوڳي صورتحال مان نڪرڻ ۽ ترقي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته:

(1) سنڌ جي تعليمي ادارن جي بهتري ۽ ترقيءَ واسطي سوچڻ ۽ رِٿ وڌائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميداري آهي.

(2) اسان کي ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪجهه ٻين شهرن ۾ غير سنڌين جي غلبي کان مرغوب ٿيڻ ۽ احساس ڪمتريءَ ۾ اچي ڌارين ٻولين کي اختيار ڪرڻ بدران خود اعتمادي ۽ فخر سان صدين جي قدامت رکندڙ پنهنجي پياري سنڌي ٻوليءَ جي نه رڳو واهپي ۽ استعمال کي هٿي وٺرائڻ گهرجي، پر پنهنجي ٻارن ۽ گهر ڀاتين جي سنڌي ۾ تعليمي قابليت تي پڻ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

(3) سنڌي سماج جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته اسين زراعت، صنعت، واپار

۽ تعليم جي شعبن ۾ نہ رڳو اڳتي وڌون، پر پنهنجي نئين نسل ۾ انهن شعبن سان لاڳاپيل قابليت ۽ اهليت پڻ پيدا ڪريون.

(4) ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي اردو ڳالهائيندڙ ۽ ٻين غير سنڌي آبادين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا مرڪز قائم ڪيا وڃن ۽ کين سنڌي ثقافت ۽ تهذيب کان روشناس ڪرائڻ لاءِ سرگرميون ڪرڻ گهرجن.

(5) سنڌي ٻوليءَ کي ڪاروباري ۽ مارڪيٽ جي ٻولي بنائڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن دنيا ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجي ٻولي ۾ ڪم ڪار ڪن ۽ ائين ئي ٻوليءَ جي بين الاقوامي سطح تي ترقي ٿي سگهندي.

حوالا:


1. جويو محمد ابراهيم: مقدمو "سنڌي ذات هنجن"، حيدرآباد 1983ع ص 8
2. الانا غلام علي ڊاڪٽر سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ص 3
3. الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، جام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1978ع ص: 48
4. الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2006ع، ص 78.

# سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ

*ٻوليءَ جي سالميت ۽ صحيح استعمال جو مسئلو هر دؤر ۾ هر ٻوليءَ سان درپيش رهيو آهي. پر زندهہ سجاڳ، ترقي ڪندڙ قومون پنهنجن ٻولين کي ڌارين ٻولين جي سياسي ۽ سماجي غلبي سبب ايندڙ اُٿلن پٿلن ۽ گرمين سردين جي منفي اثرن کي حڪمت ۽ دانائيءَ ۽ سمجهہ ۽ سليقي سان حل ڪنديون آهن. ان سلسلي ۾ تعليمي نظام، تدريسي سرشتو ۽ تعليمي ۽ علمي ادبي ادارا سندن ڏيان جو خاص مرڪز بڻبا آهن ۽ اهي ٻوليءَ جي درست استعمال لاءِ پنهنجون ڪاوشون ۽ توانائيون خرچ ڪندا آهن. پر اسان ڌارين ٻولين جي اثر کان بچاءَ ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري خاطر ڪابہ اجتماعي رٿابندي ڪرڻ بدران، مورڳو اسان سنڌي خود پنهنجي مٺڙي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تباهيءَ لاءِ هٿ ڌوئي ان جي پٺيان پيا آهيون. تنهنڪري خدشو آهي تہ اجها ڪي اجها هيءَ اسان جي ٻولي ۽ ادب وڏي نقصان هيٺ ايندا. سچ پچ اسان سنڌين لاءِ اها ڳالهہ افسوس جوڳي آهي. اڄ اسان جي ادب جا عالم ۽ رهنما خود پنهنجي ٻولي ۽ ادب کي غلط استعمال ڪن ٿا. منهنجي نظر ۾ اسان جي ٻولي ايتري تہ وسيع آهي، جو ان ۾ هر هڪ شئي ملي سگهي ٿي. ان ۾ هر هڪ ڏکيو يا سولو لفظ ڪم آڻيون ٿا. اهڙي قسم جا مثال اسان جي زندگي ۾ روزمره عام ملندا. البت ايترو آهي تہ اسان جي ٻوليءَ ۾ اهي لفظ نٿا ملن تہ پوءِ ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان اوڌاري طور وٺي ڪتب آڻي سگهجن ٿا. انهيءَ نموني جا ڪي مثال مان توهان صاحبن جي اڳيان پيش ڪريان ٿو:

1. مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن اسڪول جي جلسي ۾ ويجي

---

* [نوٽ:هي مضمون 1964ع ۾ لکيو ويو جيڪو انهيءَ سال گورنمينٽ ڪاليج دادو جي مخزن "منچر" ۾ ڇپيو ۽ بعد ۾ 1968ع ۾ حيدرآباد مان نڪرندڙ رسالي "بادل" ۾ پڻ ڇپيو. هتي ٿورين درستين ۽ واڌارن سان پيش ڪجي ٿو.-ا.ق]

وينس تہ هڪ ماستر صاحب "گونجاري"[1] تي ڳالهائيندي هيئن چوڻ فرمايو: "منهنجي هن اسڪول جي old boys کي request آهي تہ هو هڪدم stage تي پهچي وڃن". هن جملي ۾ اهي لفظ جيڪي انگريزي ۾ ڪم آندا ويا آهن، تن جا سنڌي لفظ موجود آهن، البت لفظ stage سنڌيءَ ۾ مروج طور ڪم آندو ويندو آهي.

2. هڪ دفعي ٻہ دوست پاڻ ۾ هن طرح ڪچهري ڪري رهيا هئا:

شجاع: Hello اعجاز واهہ جون تون رات منهنجي dinner تي آئين!

اعجاز: Dear excuse me، رات جو مون سان ڪجهہ اهڙا Circumstances ٿيا، جو مان تنهنجي dinner attend نہ ڪري سگهيس.

انهيءَ کان سواءِ اڄڪلهہ اسان جا ڪجهہ معزز استاد صاحب ڪلاس ۾ پڙهائيندي ۽ ڳالهائيندي خود اهي لفظ ڪتب آڻين ٿا. جيئن تہ هڪ استاد ڪلاس ۾ پڙهائڻ وقت هيئن چئي رهيو هو:

"الله تعاليٰ جيڪي بہ توهان کي Facilities عطا ڪيون آهن، تن کي توهان ضرور use ڪندا ڪيو." انهيءَ ۾ انگريزيءَ کانسواءِ ڪيترين ٻين ٻولين جا لفظ پڻ استعمال ڪيا ويا ويا آهن. خاص ڪري اسان جا مصنف حضرات، ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ڪن ٿا، تن ۾ گهٽي قدر هندي ٻولي ڪم آندل هوندي آهي. هنديءَ کان سواءِ اردو عربي، فارسي وغيره جا لفظ بہ استعمال ٿيندا آهن. لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ٻيون ٻوليون استعمال ڪندي هڪ قسم جو فخر محسوس ڪن ٿا. ڪن ٻولين بابت مثال هيٺ ڏجن ٿا. جوش و خروش، آب و هوا، رسم و رواج، انهن سيني لفظن ۾ "و" اچي ٿو ۽ "و" لفظ جي معنيٰ آهي "۽". تہ پوءِ انهن لفظن ۾ "و" (واو) ڇو ڪم آندو وڃي ٿو؟ جڏهن سنڌي حرف جملو موجود آهي. ڪيترن صاحبن اکرن جي جمع ۽ واحدن ۾ اردو جو طريقو اختيار ڪيو آهي.

---

[1] لائوڊ اسپيڪر (لفظ لائوڊ اسپيڪر لاءِ پروفيسر علي نواز جتوئي چيئرمين سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي "گونجاري" جو نئي اصطلاح ايجاد ڪيو هو تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ انهي لفظ کي ڪم آڻي عام ڪيون)

جيئن حالات، اقوام ۽ الفاظ وغيره. جڏهن ته انهن لفظن لاءِ نج سنڌي لفظ موجود آهن. يعني حالتون، قومون وغيره ته پوءِ ڇو اسان اوپرا لفظ هرويرو استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيون. انهن ڳالهين کان سواءِ اسان جا ڪيترا لکندڙ حضرات مورڳو لفظن جي صورتخطي ئي بدلائي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آڻي ڇڏين ٿا. جهڙوڪ پاڪستان، حڪومت، پاڪ ۽ شڪل وغيره. حقيقت ۾ ک ۽ ڪ ۾ اسان جي سنڌي صورتخطيءَ ۾ عام طرح گهڻو فرق آهي. هنن ڳالهين مان اهو ثابت ٿي چڪو ته اسان سنڌي خود پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ جي پنيان پيا آهيون ته جيئن اها تباهه ٿئي. مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته جيڪڏهن اسان لاهي پاهي انهيءَ نموني سان ٻوليءَ کي استعمال ڪيو ته وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري منهنجو سنڌي ٻوليءَ جي عالمن، اديبن، تعليمي عملدارن، استادن، گهڻگهرن، لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي هي عرض آهي ته عام ڳالهه ٻولهه توڙي تدريسي اُپائن وسيلي پنهنجي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين جو شڪار ٿيڻ کان بچائين ۽ غلط استعمال نه ڪن. هن کي صحيح استعمال ڪرڻ سان اسان پنهنجي ٻولي، ادب ۽ وڏڙن جي ڏنل ورثي کي بچائي سگهون ٿا ۽ دنيا کي اهو ثابت ڪري ڏيکاريندا سون ته "سنڌي" اها قوم آهي، جا هن دنيا جي تختي تي پنهنجي هڪ فخر جوڳي ۽ پياري ٻوليءَ سميت موجود آهي. تنهن ڪري آخر ۾ آءٌ وري اهو عرض ڪندس ته ٻوليءَ کي صحيح استعمال ڪرڻ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو وڃي.

# سنڌي ٻولي: ماضي، حال ۽ مستقبل

تاريخ جي هر مخصوص ڏاڪي تي موجود نسل جي سيني فردن جو اهو فرض آهي تہ هو پنهنجي سماج جي ترقي، جيڪا هزار سالن تي ڦهليل ۽ سون نسلن جي پورهيي جي پيداوار آهي، ان کي اڃا بہ وڌيڪ سگهارو وڌيڪ بهتر، وڌيڪ انصاف ڀريو بنائڻ لاءِ جاکوڙين ۽ ايندڙ نسلن لاءِ زندگيءَ جون بهتر حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ محنت ڪن ۽ انهن مڙني ڳالهين سان گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءَ، واڌاري، مثبت تبديلين ۽ ترقيءَ جي پاڻ ۾ سگهہ پيدا ڪن.

اڄ جي سڄي انسان ذات جي ترقي، انساني سماج جي جڙڻ جي پيداوار آهي، سماج جي ترقي ٻوليءَ کي بہ وڌيڪ ترقي يافتہ بنائي ٿي ۽ موٽ ۾ ٻوليءَ جي ترقي بہ سماج جي ترقيءَ تي گهرو اثر ڇڏي ٿي. خاص ڪري قومي ثقافتي شعور جي واڌاري تي.

ٻولي قوم جو مڪمل روان دوان ثقافتي ۽ نفسياتي نظام آهي جيڪو اُن جي حاصلاتن، ڏاهپ، جذبن، خوابن، خواهشن ۽ اُمنگن سان ڀرپور رهي ٿو تنهن ڪري جيڪڏهن تاريخ جي ڪنهن بہ مخصوص ڏاڪي تي ڪو بہ موجود نسل پنهنجيءَ زبان جو بچاءُ ۽ واڌاري ۾ ناڪام وڃي ٿو تہ هو پاڻ کان اڳ جي ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ نسلن جو جوابدار ۽ ڏوهي بنجي ٿو. انهيءَ ڳالهہ کي ٻوليءَ جي ماهرن (Linguistics) لاءِ ڇڏيندي تہ هو ٻوليءَ جو بڻ بنياد ڳولي لهن، جيڪو ڪم تاريخي مواد جي کوٽ سببان اڃا انوماني (Hypothetical) ڏاڪي تي آهي، سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪي ڳالهيون يقين سان چئي سگهجن ٿيون.

ظاهر آهي تہ دنيا جو هيءُ حصو پنهنجي قدرتي وسيلن سان مالا مال هئڻ ڪري، انساني وسندين سان ڀرپور رهيو آهي. انهيءَ جا مثال دنيا جي وڏي ۾ وڏي پٿر دور جي قديم آثارن جهڙوڪ روهڙي، موئن جو دڙو ۽ ٻيا انيڪ قديم آثار

---

هي مقالو شاهہ عبداللطيف ڪلچر سوسائٽي طرفان ڪراچي ۾ منعقد ڪيل سنڌي ٻولي ۽ ادبي ڪانفرنس 1984ع ۾ پڙهيو ويو.

آهن ۽ انهيءَ مان وقت بہ ماڻهو ڪانءَ ڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا.

اها ٻولي اڄ جي ٻوليءَ کان لازمي طور تي مختلف هوندي، پر جيئن تہ ٻوليءَ جي ترقي هڪ لڳاتار ۽ بنا وقفي عمل آهي، تنهن ڪري اهو سمجهڻ تہ سنڌ جي ماڻهن اوچتو ئي اوچتو ڪا ٻي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪئي هوندي، يا ڪنهن وقت سنڌ ۾ رهندڙ ڪو هڪ نسل مڪمل طور فنا ٿي ويو هجي ۽ ڪنهن ٻئي نسل اچي ڪا بلڪل ئي ٻي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪئي هجي، سو ممڪن نہ ٿو لڳي، تنهن ڪري اسان اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ اڄ جي سنڌي ٻولي لازمي طرح ان ٻوليءَ جي ترقي يافتہ شڪل آهي، جا اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ (7000) ست هزار سال اڳ ڏرتيءَ جي هن خطي تي ڳالهائي ويندي هئي. مثال طور موئن جي دڙي مان ڏاند گاڏي ملي آهي، ان جو مطلب تہ لفظ "ڏاند"، "گاڏي"، "ڦيٿو" ۽ ڏاند گاڏيءَ سان لاڳاپيل ٻين اوزارن جا نالا ضرور هوندا. يلي اِهي اُهي نہ هجن، جيڪي اڄوڪي دور ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. ان کانسواءِ موئن جي دڙي جي پرپاسي درياهہ جي پاڻيءَ تي مڪمل زراعت ٿيندي هئي، لازمي طور ان وقت زراعت جي پوري مقامي ترمنالاجي موجود هئڻ کپي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ ماڻهو گونگا تہ نہ هئا. ان سلسلي ۾ اهو بہ چئجي تہ موئن جي دڙي مان ناچڻيءَ جو مجسمو مليو آهي، جنهن مان اهو ئي اندازو ٿئي ٿو تہ موئن جي دڙي جي ديس ۾ ٻولي ايتري تہ ترقي يافتہ ٿي چڪي هئي، جو ان ۾ راڳ ۽ رقص ٿي سگهندو هو. سوچڻ اهو گهرجي تہ ناچڻي ائين پنهنجو پاڻ تہ نہ نچندي هوندي ۽ ان جهڙا ٻيا ڪيترائي گمان اهو ٻڌائين ٿا تہ سنڌي ٻولي صدين کان هلندي پئي اچي. جيئن ڪاڪي ڀيرومل اُن کي پراڪرت جي ڌيءَ ڄاڻايو آهي ۽ ياد رهي تہ پراڪرت وري سنسڪرت ٻوليءَ جي ڌيءَ ڄاڻايل آهي ۽ هن لاءِ ٻوليدانن جو اهو چوڻ آهي تہ اها ٻاهران ايندڙ آرين جي ٻولي هئي. اتان ئي اندازو لڳائجي تہ آرين جي آمد کان اڳ موئن جو دڙو آباد هو جتي ٻولي

ڳالهائي ويندي هئي. هڪ اعليٰ تهذيب پنهنجي پوري روح سان روان دوان هئي. گهر هئا. گهرن ۾ روشنيون هيون. گهٽيون هيون ۽ انهن ۾ هلندڙ ڦرندڙ ماڻهو هئا. ميڙو ڪرڻ جي لاءِ هنڌ ۽ ٿاڪ هئا. اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ٻوليءَ جي موجودگيءَ کانسواءِ ڪيئن ٿي سگهي ٿو ان ڪري آءٌ پنهنجي ان راءِ تي واپس ٿو اچان ته سنڌي ٻولي آرين جي اڳ واري زماني جي آهي ۽ اها ڪنهن ٻي زبان مان ڦٽي نه نڪتي آهي. پر ائين ضرور ٿي سگهي ٿو ته وقت گذرڻ سان گڏ ٻين ٻولين جو اُن جي مٿان اثر ٿيو هجي ۽ لازمي طور ٻولين جو ٻولين مٿان اثر ٿيندو آهي. اسان جي ڪجهه ٻوليدانن کي تاريخي شعور نه هئڻ ڪري ڪجهه غلط فهميون آهن. جيڪڏهن هو حقيقي بنيادن تي سنڌي ٻوليءَ جو ٻڌ بنياد ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪن ته اها آرسي ته اڳيان ئي پئي آهي، جنهن ۾ چٽا پٽا عڪس ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن.

ٻولي هڪ تمام وسيع، پرپور ۽ هر ثقافتي، سماجي، سياسي ۽ سائنسي واڌاري کي اظهار جو روپ ڏيڻ جي سگهه رکي ٿي. منهنجو بنيادي مقصد صرف هيءَ آهي ته آءٌ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ ٿيندڙ رڪاوٽن، پابندين ۽ سياڻي جي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، ان جي تياريءَ لاءِ ڪي امڪاني ڳالهيون لکان.

دنيا جي تاريخ ۾ اهڙا مثال تمام ٿورا ملندا، جن ۾ سنڌيءَ جهڙي ڪنهن ترقي يافته ٻوليءَ سان ڪي اهڙا ڪلور ٿيا هجن، جن جي ٻُڌڻ سان لڳ ڪانڊارجيو وڃن. آءٌ سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ ڏاڍاين کي مختلف دؤرن ۾ ورهائيندس ۽ گڏوگڏ انهيءَ جي سنڌي سماج تي ٿيل اثرن ۽ سنڌي سماج جي موٽ ۾ ڪيل جدوجهد (Resistance Offered) جو ذڪر ڪندس.

عربن کان پوءِ سنڌ ۾ هتي جي اصلي /مقامي ماڻهن، سومرن ۽ سمن جون حڪومتون قائم ٿيون. جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سماج جي پنهنجين حالتن پٽاندڙ واڌاري ۾ مددگار ثابت ٿيون. پر اُن کان پوءِ ايندڙ حاڪمن

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ سنڌ ۾ درٻاري زبان جو اختيار فارسيءَ کي حاصل ٿيو ۽ پوءِ ايندڙ حڪمرانن بہ پاڻ ۽ عوام ۾ ويڇي کي قائم رکڻ لاءِ فارسي زبان کي فضيلت بخشي ۽ ائين فارسي ڳالهائڻ جڻ ڏاهپ ۽ دانشمنديءَ جي نشاني بڻجي ويئي، نہ صرف ايترو پر سماجي مرتبي ۽ عهدي لاءِ بہ فارسيءَ کي ذريعو بنايو ويو تنهن ڪري اهو پهاڪو جُڙيو: "فارسي گهوڙي چاڙهسي".

پر سنڌ جي مُحب وطن ماڻهن پنهنجي شاعري ۽ پهاڪن ذريعي انهيءَ بالادستيءَ خلاف نفرت جو اظهار ڪيو جيئن لطيف سائينءَ جا هي بيت:

جي تون فارسي پڙهيو، تان گولو تون غلام
اُجيو تان آب گهري، بُکيو تان طعام
ايءَ عامن سندو عام، خاصن منجهان ڪين ٿئي
ٻيم پناڻن سين، ٻولي جي نہ ٻُجهن
آءُ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو پارسيون پُڇن
مون پڻ ملا تن، سرتيون سور پرايو

گڏوگڏ سنڌ جي ڏاهن هڪ لمحي لاءِ بہ سنڌي زبان جي زندگيءَ سان ڀرپور درياهہ کي شڪڻ نہ ڏنو. اڄ اسان وٽ اسان جو جيڪو قديم (اڄ بہ ترقي پسند ۽ جديد) ادب موجود آهي، سو ان دور جي پيداوار آهي، جو اڄ بہ اسان جي روح کي گرمائي ٿو اڄ بہ اسان کي پنهنجن مارن، ماڻهن، پنهنجي وطن پنهنجن اباڻن پٽن سان محبت جو پيغام ڏئي ٿو.

اڄ اسان ۾ هڪ قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي قومي ورثي ۽ ثقافت تي فخر ڪرڻ جو تمام ڀرپور جذبو موجود آهي، سو اُن ادبي ورثي جي پيداوار آهي ۽ اهو ورثو واين، ڪافين، بيتن، پهاڪن، چوڻين، ڏندڪٿائن، دوهن، قصن، نثري ۽ نصابي، تاريخي ۽ مذهبي ادب جي سوَن جلدن تي مشتمل آهي. انهيءَ دور ۾ جن ماڻهن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ثقافت جي واڌاري لاءِ

اچرج ۾ وجهڻ جهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا، تن ۾ شاهه عبدالڪريم بُلڙيءَ وارو، لطيف سائين، ميون شاهه عنات، سچل، سامي، بيدل، بيڪس ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا، ٿورا نه ٿورا مون تي ماروئڙن جا.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ٻيو دؤر انگريزن جو هتي اچڻ وارو آهي. انگريزن هتي اچڻ سان پنهنجين اقتصادي ضرورتن جي تحت سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو ڪيو ۽ انهيءَ مڙني انگريز عالمن جن سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو ڪيو تن ڪي سنڌي ٻوليءَ جي گهرائي، پختگيءَ ۽ وسعت اچرج ۾ وجهي ڇڏيو.

ڊاڪٽر سورلي چوي ٿو ته: "عام طور هر ٻولي اُن جي ڳالهائڻ وارن کي سمجهڻ جو هڪ وسيلو هوندي آهي. سنڌي ٻولي بہ موزون اظهار جو هڪ اهڙو ئي سهڻو ۽ سوَلو وسيلو آهي، جنهن کي انهن تهذيب لاءِ ڪم آندو ٿو وڃي، جن لاءِ اها نهي راس ٿي آهي، اها تهذيب، زرعي، امن پسند ۽ ڳوٺاڻي ڪلچر تي ٻڌل تهذيب آهي. جنهن کي اُتان جي محنتي ۽ سانتيڪن ماڻهن وڏيڪ ترقي ڏني آهي."

اهڙي طرح انگريز دور جو مشهور عالم ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر تي اهم ڪم ڪيو آهي، ان جي ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڀرپور عظمت جو اظهار ٿئي ٿو.

ساڳيءَ طرح جڳ مشهور جرمن عالم ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، جنهن سڀ کان اول "شاهه جو رسالو" جرمنيءَ ۾ ڇپرايو، پنهنجي هڪ املهه ڪتاب "سنڌي گرامر" ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي.

سنڌي زبان جي دنيا جي قديم ترين ۽ سيني کان شاهوڪار زبان هئڻ جو فيصلو دنيا جون تاريخون ڏيئي چڪيون آهن.

اهو فيصلو ڪنهن ٻئي جو نہ پر دنيا جي مڃيل ۽ تسليم شده تاريخ دانن پروفيسر ٽوئن بي ۽ ڊاڪٽر ول ڊيورانٽ جو آهي. سنڌ کي انگريزن جي

دور ۾ سياسي طور ممبئي سان ملايو ويو. ٻين لفظن ۾ ممبئي يونيورسٽي تنهن زماني ۾ سنڌ جي واحد يونيورسٽي هئي. پر اها سنڌي ٻوليءَ کي نصابي ذريعي تعليم طور مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي.

1921ع ۾ انهيءَ دور جي ڊي. جي ڪاليج جي پروفيسر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هڪ رپورٽ ممبئي يونيورسٽيءَ کي پيش ڪئي، جنهن جو عنوان هو "A brief survey of Sindhi Literature" جيڪا ايڏي تہ وزندار ۽ زبردست هئي، جو ممبئي يونيورسٽيءَ جون اختياريون ان کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيون ۽ 1940ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ .B.A تائين آرٽس جي امتحانن لاءِ سنڌيءَ کي جواب ڏيڻ جي وسيلي طور قبول ڪيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي اها وڏي خدمت هئي جا هميشہ ياد رکي ويندي.

انهيءَ پوءِ ٻامبي (ممبئي) يونيورسٽيءَ جي ذريعي سنڌي ماڻهن پنهنجي تعليم پرائي ۽ ڊگريون حاصل ڪيون. ڪيترن ماڻهن اڳيان هلي ايم. اي ۽ پي. ايچ. ڊي جون ڊگريون حاصل ڪيون. برطانوي دور جي سڄي راڄ دوران سنڌي ٻولي ترقي ڪندي ۽ وڌندي رهي. هن کان اڳ واري صفحي تي سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر طرفان سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي بنائڻ وارو حڪم نامو پيش ڪيو ويو آهي.

برطانوي دور کان پوءِ پاڪستان ٺهيو ۽ پوءِ ٻوليءَ سان جيڪو حال ڪيو ويو تنهن جو سربستو احوال ٻين مضمونن ۾ ڏنو ويو آهي. موجوده وقت ۾ سنڌ جا اديب ۽ دانشور ۽ سڀ تنظيمون سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن، پر مرڪزي توڙي صوبائي حڪومتن طرفان باوجود تفصيلي ڪيس پيش ڪرڻ جي ڪو بہ خاطرخواه رويو نظر نہ پيو اچي. سنڌي ٻولي موجوده وقت ۾ تہ ڪمپيوٽر جي ٻولي ٿي چُڪي آهي. سنڌي ماڻهن کي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪرڻي آهي. هتي آءُ 1972ع وارو سنڌ اسيمبلي ۾ پاس ٿيل ٻولي ائڪٽ جو تفصيل ۽ اُن کان اڳ ۾ گورنر سنڌ طرفان جاري ڪيل آرڊيننس پڙهندڙن لاءِ ڏيان ٿو:

سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر پاران جاري ڪيل ان پڌرنامي جو عڪس، جنهن ۾ سنڌيءَ کي دفتري ٻولي قرار ڏنو ويو آهي.

ملڪي سنه ١٨٩٧

پڌر نامو

ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جي دربار منجهان سڀني ماڻهن جگن
تان هنڌ ٿن سنڌ جي سنڌي ڏجي
ته خبر ٿئي ته اڳ عربي پهاڙي لفظن ۾ حضور دانه نامو ڪالين
تن منجهان ڪي فارسي ۽ ڪي سنڌي ۾ تا الائي اهاڳال نامو جاري ڪيو
تن ڪري ڪنهن ڪنهن عربي واسطي نه پڙهيو حضور ڪمشنر
صاحب بهادر سنڌ جي دربار منجهه عرض ڪئي هئي ته سنڌي ۽ ڄاڻي
عربي اکر لکي موڪلي جنهن ڪري هي ڪه سڀ ڪاغذ فارسي عربي
لکي موڪليا تن اهي فارسي عربي سان ترجمو سنڌي ۾
ڪري موڪلي ته پڌر پابند ٿي تاريخ ٢٩ مهيني آگسٽ سنه ١٨٥١

Commissioner in Sind

قانون کاتو حکومتِ سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي، 22 جولاءِ 1972ع

نمبر ايس (ليجس) 1 (11) 72، سنڌ جي گورنر جو جاري ڪيل هيٺ ڏنل آرڊيننس، عام پڙهڻ لاءِ شايع ڪجي ٿو:-

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس 1972.

مهاڳ: جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل 267 جي فقره (2) ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کانسواءِ صوبائي مقننه قانون جي ذريعي قومي ٻوليءَ سان گڏ هڪ صوبائي ٻولي جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن ته اردو هڪ قومي ٻولي آهي ۽ ان کي ڳالهائڻ وارا ڪافي ماڻهو موجود آهن.

۽ جيئن ته بغرض وضاحت ۽ گمانن کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ضروري تصور ۾ ڪيو ويو آهي ته سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ واڌارو ۽ استعمال) ائڪٽ 1972 (ائڪٽ ٻيو بابت سال 1972ع)، جنهن جو حوالو هن بعد مذڪوره ائڪٽ جي طور تي ڏنو ويندو، تنهن جي اطلاق جي سلسلي ۾ ڪجهه فقره واضح ڪيا وڃن.

۽ جيئن ته هن وقت صوبائي اسيمبلي سنڌ جو اجلاس ڪون ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ جي گورنر کي انهيءَ ڳالهه جو اطمينان آهي ته اهڙيون حالتون موجود آهن، جن سببان ٺرت قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي، تنهن ڪري، انهن اختيارن کي، جيڪي کيس اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل 135 جي فقره (1) هيٺ حاصل آهن، استعمال ڪندي سنڌ جو گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ ڪري رهيو آهي:-

1۔ (1) **مختصر عنوان شروعات ۽ حد:** هن آرڊيننس کي سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال) ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس، 1972ع چيو ويندو.

(2) هي سنڌ جي سڄي صوبي سان لاڳو ٿيندو.

(3) هي هڪدم عمل ۾ ايندو.

2۔ **زبان جي بنيادن تي ڪنهن فرق جو نہ هجڻ:** مذڪوره ائڪٽ جي فقرن جي باوجود هن آرڊيننس جي شروعات کان ٻارهن سالن جي عرصي تائين:

(الف) ڪنهن بہ شخص سان، جيڪو ٻي صورت ۾ سول ملازمت ۾ نوڪريءَ يا سنڌ صوبي جي معاملن جي بجاآوري سان متعلق ڪنهن سول آساميءَ تي تقرر يا ترقي جو اهل هوندو، فقط ان ڪري فرق نہ رکيو ويندو جو هن کي سنڌي يا اردو ٻولي جي ڄاڻ ڪونهي؛

(ب) ڪنهن بہ شخص کي، جيڪو هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان هڪدم اڳ، سول نوڪري ڪري رهيو هو يا سنڌ صوبي جي معاملن جي بجا آوري سان متعلق ڪنهن سول آساميءَ تي ڪم ڪري رهيو هو فقط ان ڪري نوڪريءَ مان نہ ڪڍيو ويندو جو هن کي سنڌي يا اردو ٻولي جي ڄاڻ ڪونهي.

3۔ **اردو جي خلاف فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ جو اطلاق:** مذڪوره ايڪٽ کي اهڙيءَ ريت عمل ۾ آندو ويندو، جيئن اردوءَ جي استعمال کي ڪوئي نقصان نہ پهچي.

مير رسول بخش خان ٽالپر
گورنر سنڌ
16 جولاءِ 1972ع

بي۔ جي۔ اين۔ قاضي
سيڪريٽري قانون کاتو
حڪومتِ سنڌ.

'سنڌي ٻولي ايڪٽ 1972'

**صوبائي اسيمبلي سنڌ**

**نوٽيفڪيشن**

**ڪراچي، 17 جولاءِ 1972ع**

**نمبر 2، الف س/ق-ب- 72/13 سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال) بل سال 1972ع جيڪو 7 جولاءِ 1972ع تي صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان منظور ڪيو ويو ۽ جنهن جي بحالي سنڌ جي گورنر 16 جولاءِ 1972ع تي ڪئي، تنهن کي سنڌ جي صوبائي قانون ساز مجلس جي ائڪٽ جي طور تي ڇاپيو پيو وڃي:**

**سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ائڪٽ 1972ع.**

**سنڌ ائڪٽ نمبر 2 بابت سال 1972ع**

**(سنڌ جي گورنر جي بحاليءَ بعد، پهريائين سنڌ سرڪار جي غير معمولي گزيٽ ۾ تاريخ 17 جولاءِ 1972ع تي ڇپيو).**

**سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪرڻ لاءِ هڪ ائڪٽ**

**مهاڳ:** جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل 267 ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي زبان جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کانسواءِ صوبائي مقننه قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻولي سان گڏ هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن ته سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاتن ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿي رهي آهي:

۽ جيئن ته سنڌي ٻولي تعليمي ادارن ۾ پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون هئي، پر اُن کي مارشلا اختياريءَ وارن جي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو هو:

۽ جيئن ته اها سنڌ صوبي جي دفتري آرزو ۽ خواهش آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي ڏني وڃي، تنهن ڪري هيٺيون قانون ٺاهيو پيو وڃي:

(1) **مختصر عنوان، شروعات ۽ حد:** هن ايڪٽ کي (سنڌي ٻوليءَ جي

سکيا، واڌاري ۽ استعمال) ايڪٽ 1972ع چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو ۽ پوري سنڌ صوبي سان لاڳو ٿيندو.

(3) تشريح: هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪوئي ٻيو مطلب نه نڪرندو هجي، هيٺين لفظن جي اها ئي معنيٰ سمجهي ويندي، جيڪا هر هڪ لاءِ ڄاڻائي وئي آهي:

(الف) "اسيمبليءَ" معنيٰ صوبائي اسيمبلي سنڌ.

(ب) "حڪومت، معنيٰ سنڌ جي حڪومت

(ج) "حڪومت جو ڪاتو" معنيٰ حڪومت جو ڪوئي ڪاتو ۽ انهيءَ ۾ ڪوئي خود مختيار ادارو، لوڪل ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي به شامل سمجهيا ويندا.

(د) "ادارو" معنيٰ اسڪول، ڪاليجي يونيورسٽي يا ڪوئي ٻيو تعليمي ادارو.

(3) صوبائي ٻولي: سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي صوبائي ٻولي جي طور تي استعمال ڪيو ويندو.

4. (1) سنڌي جي سکيا: اهڙن سڀني ادارن ۾ جن ۾ چوٿين کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم ڏني پيئي وڃي، سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمونن جي حيثيت هوندي.

(2) لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي شروعات هيٺين سطح يعني چوٿين ڪلاس کان عمل ۾ آندي ويندي ۽ درجه بدرجه جيئن مقرر ڪيو وڃي، مٿين درجن ۽ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.

(5) سنڌيءَ جو واڌارو: سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ حڪومت اڪيڊميون ۽ بورڊ ٺاهي سگهي ٿي.

(6) سنڌيءَ جو استعمال: حڪومت آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي آفيسن ۽ سرڪاري ڪاتن ۾، جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجه بدرجه استعمال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي.

7_ (1) قاعدن ٺاهڻ جو اختيار: هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ

لاءِ حڪومت قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

(2) مٿين عام اختيارن کي نقصان پهچائڻ کانسواءِ اهڙا قاعدا خاص طرح سان هيٺين مقصدن لاءِ ٺاهي سگهجن ٿا:

(الف) سنڌي ٻوليءَ کي درجہ بدرجہ پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون جي طور تي رائج ڪرڻ.

(ب) اڪيڊمين ۽ بورڊن جو ٺاهڻ ۽ انهن جو عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن جي اختيارن ۽ ڪمن جي وضاحت ڪرڻ.

(ج) آفيسن ۽ سرڪاري ڪاتن، اسيمبلي، عدالتن ۽ ادارن وغيره ۾ سنڌي زبان جو درجہ بدرجہ استعمال.

بحڪم

اسپيڪر

صوبائي اسيمبلي سنڌ

جمال الدين ابڙو

سيڪريٽري

صوبائي اسيمبلي، سنڌ.

# سنڌي مادري ٻوليءَ جي تعليم: تاريخ ۽ پسمنظر

ٻولي ڪنهن بہ قوم جي قومي ۽ ثقافتي تشخص ۽ ان جي سڃاڻپ جو بنهہ اهم ۽ سگهارو وسيلو هوندي آهي. جڏهن تہ ٻولي مادري ٻوليءَ جي حيثيت ۾ دنيا جي ٻارن کي پنهنجي قومي سڃاڻپ توڙي انهن جي ذهني ۽ مادري اوسر ۾ هڪ مددگار سگهہ طور ڪردار ادا ڪندي آهي. ان ريت تعليم جي ذريعي جي حيثيت ۾ اها هڪ قوم تي اظهار جا نوان در سدائين لاءِ کولي رکندي آهي. اها ٻولي ئي آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن قوم/سماج جي ثقافت پرهہ جون باکون ٿي، سدا جوان ۽ سدا ملوڪ سٺاءَ ۾ پختي رهي ٿي. جن قومن وٽ پنهنجي ٻولي آهي، اُهي پاڻ ۾ سهڪار جي بنڌڻن ۾ ٻڌل هونديون آهن. اڄ هيءَ ڳالهہ علمي ۽ سائنسي طرح ثابت ٿي چڪي آهي تہ جن قومن پنهنجين ٻولين جو بچاءُ ڪيو آهي ۽ اُن جي واڌ ويجهہ جي سنڀال ۽ پوئواري ڪئي آهي، اهي قومون چڱيءَ حد تائين ترقي ماڻي سگهيون آهن.

اسان جي سنڌي ٻولي جيڪا اسان جي مادري ٻولي آهي، اها وقت گذرڻ سان گڏ ڪيترائي اوسر جا مرحلا پار ڪندي رهي آهي. هن ٻوليءَ کي نهڻ ۽ اڳيان وڌڻ ۾ هزارين سال لڳا آهن ۽ تاريخي طرح، اهڙي ارتقا موئن جي دڙي کان ٿي. انهيءَ تهذيب دنيا کي اهو ٻڌايو تہ سنڌ هڪ وڏو تهذيبي خطو آهي، جنهن وٽ بنياد کان وٺي پنهنجي ٻولي آهي، ۽ هي خطو ڪنهن ٻيءَ ٻولي ۽ ثقافت جو محتاج نہ رهيو آهي. صرف اسان لطيف سائينءَ تي ئي نظر ڦيرايون تہ اسان پنهنجو پاڻ کي خوشنصيب محسوس ڪريون ٿا.

اوهين ٻولين جي اوسر جي سفر کي هڪ طرح هيئن بہ سمجهي سگهو ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ کي بهتر مقامي ماحول هوندي بہ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ورهيہ اُن کي نهي راس ٿيڻ ۾ لڳا آهن. هن ٻوليءَ جي اوسر ۽ ترقي هڪ اهڙي خطي ۾ ٿي، جيڪو اقتصادي لحاظ کان پاڻيرو هو ۽ هتي جي زندگيءَ جون گهرجون خود هتي جي اُپايل ۽ موجود شين مان پٺي پوريون ٿيون. مثال

طور دنيا جا ڪي ڀاڱا ڪپهه پيدا ڪن ٿا، ڪي جانور پيدا ڪن ٿا ته ڪي ڪڻڪ اُپائين ٿا، پر سنڌ جي زرخيز زمين اهي سيئي جنسون اُپائي ٿي. انهيءَ ڪري قديم وقت کان وٺي اقتصادي طور سنڌ پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل ۽ خود ڪفيل ڀاڱو ٿي رهي آهي.

تقريباً پوڻا ٻه سؤ سال اڳ، سنڌي ٻولي ڳوڙي سنڌ واسي، پنهنجي سماجي اوسر ۾ مختلف علمي شعبن جي نسبت ۾، شاعر، عالم، گرامر جا ماهر ۽ لغت نويس ٿي اُڀريا ۽ انهن وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. هيءَ رُڳو پوين سٺ ڇيهٺ ورهين جو واقعو آهي، جو سنڌي ٻولي، مخصوص رياستي سٽاءَ جي صليب تي ٽنگجي، پنهنجي اڳوڻي اوج ۽ حيثيت لاءِ آسروند رهي آهي. هاڻي اهو اسان جي همت ۽ حوصلي تي ڇڏيل آهي ته اسين سنڌ جي زندگيءَ ۽ اجتماعي خوبين کي وري نئين سر جياريون ۽ پنهنجي قومي زندگيءَ ۾ فڪر، عمل ۽ مقصد جي وحدت ۽ يگانگي پيدا ڪريون. چو ته انهيءَ وحدت ۽ يگانگيءَ کان سواءِ ڪنهن به قوم يا ٻوليءَ جو اُسرڻ ڏکيرو مامرو هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ واسطي ٻين اڳيان هٿ ڊگهيرڻ اسان کي، هڪ قوم طور ڪنهن به نموني نه جُڳائي ۽ نه سونهي. سنڌي ٻولي فقط ايستائين زنده رهي سگهي ٿي، جيستائين سنڌي ماڻهو زنده آهن، ۽ هڪ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهن. سنڌ واسين، حقيقت ۾ پنهنجي تاريخي ثقافتي ۽ قومي اوسر ۾ جيڪي اهم ۽ سوڀاريون وڪون ماضيءَ ۾ کنيون، سنڌ انهن جي نيڪين سببان ئي ٽڪي رهي آهي. جڏهن ڪا قوم شاندار ماضيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏيندي ۽ پنهنجي فڪر ۽ تخليقي قوتن ذريعي نون خيالن پيدا ڪرڻ بدران رڳو جامد جسم بڻجي ويندي، تڏهن فطرت جي قانون پٽاندڙ اها پنهنجي وجود جي بچاءَ جي چڪتاڻ جي ور چڙهي ويندي.

تاريخ ۾ جيئندڙ هر ڪنهن پيڙهيءَ جو اهو فرض آهي ته اها پنهنجي سماج جي ترقيءَ کي جيڪا هزارن سالن تي ڦهليل ۽ سون پيڙهين جي

پورهيي جي پيداوار آهي، اجا بہ وڌيڪ سگهاري، وڌيڪ بهتر، وڌيڪ لائائتو بنائڻ لاءِ منظم جاکوڙ ڪري ۽ شعوري ڪوششون وٺي؛ ۽ انهن مڙني ڳالهين لاءِ بين سيني سان گڏجي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ هم خيال، سهمتي، سنجيدين ۽ سهڪاري وکون کڻي.

اڄ جي سڄي انسانذات جو مهذب پڻو انساني سماج جي جڙڻ جي پيداوار آهي. اهڙيءَ ريت سماج جي ترقي، ٻوليءَ کي بہ وڌيڪ ترقي يافتہ بنائي ٿي، ۽ موٽ ۾ ٻوليءَ جي ترقي بہ سماج جي ترقيءَ تي گهرو اثر ڇڏي ٿي.

ٻولي هڪ قوم جو متحرڪ ثقافتي شمبو آهي، جيڪو ان جي حاصلاتن، ڏاهپ، جذبن، خوابن، خواهشن ۽ امنگن جي حفاظت ڪري ٿو. تنهنڪري جيڪڏهن تاريخ ۾ جيئرو ڪوبہ نسل پنهنجيءَ زبان جي بچاءَ ۽ واڌاري ۾ ناڪام وڃي ٿو تہ اُهو پاڻ کان اڳ جي ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ نسلن جو جوابدار ۽ ڏوهي بنجي ٿو.

مادري ٻولين جو تعليمي سرشتن ۾ لاڳو ٿيڻ هڪ جديد تصور آهي، جنهن جو سڌيءَ ريت تعلق جديد علمن جي آبياريءَ سان آهي. گذريل ٻن ٽن سون ورهين اندر جديد تعليم جا ڍانچا ٺاهيا ويا ۽ انهن کي سڄيءَ دنيا ۾ لاڳو ڪيو ويو. مادري زبان جي سلسلي ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ اها تعليم جي شروع ۾ ئي ٻارڙن جي تعليم جو ذريعو بڻائي وڃي. اهڙي ضرورت ان ڪري پيش آئي، جو اهو سمجهيو ويو تہ مادري ٻوليءَ جو ٻارن جي نفسيات توڙي انهن جي ذهني اوسر سان ويجهو لاڳاپو آهي. اهو ئي اڪيلو طريقو آهي، جنهن وسيلي ٻارن کي تعليم ڏئي، انهن تي مٿين درجن/ ڪلاسن جا در چڱي نموني کولي سگهجن ٿا ۽ هڪ قوم جي بنيادن کي پختو رکي سگهجي ٿو. اسين اهو ڏسون ٿا تہ فرينچ انقلاب کان پوءِ دنيا ۾ قومن جو واضح تصور اُڀريو ۽ هڪ قوم هجڻ جون بنيادي خصوصيتون پڻ مقرر ڪيون ويون . انهن خصوصيتن مان هڪ قوم جي بنيادي خصوصيت ٻوليءَ کي پڻ ڄاڻايو ويو ۽ اهڙي ريت هڪ قوم جي ذهني، فڪري ۽ شعوري توڙي

ثقافتي پختگيءَ لاءِ ٻوليءَ کي بنيادي حيثيت ڏني وئي. ان ريت اهو ڄاڻايو ويو تہ هر ڪنهن قوم جي ٻارن جو اهو بنيادي حق آهي تہ اهي پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ ۾ تعليم پرائين. عالمي سطح تي ٻولين جي اهڙي نئين اُڀار ۽ ڦهلاءَ جا اثر سڄي دنيا تي پيا ۽ جتي ڪٿي تعليمي نظام ۾ مادري ٻولين جي اهميت کي مڃيو ويو. جيڪڏهن اسين عالمي ادارن، ليگ آف نيشنس ۽ پوءِ گڏيل قومن جي اداري جي بنيادي اصولن تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي اهو چڱي ريت معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ادارن پنهنجن مول متن ۾ ٻولين واري معاملي کي پڻ ترجيح تي رکيو آهي، ۽ خاص طرح مادري ٻولين جي اهميت کي سمجهندي اُن کي شروعاتي تعليم لاءِ ضروري قرار ڏنو آهي. انهيءَ ڏس ۾ 1951ع ۾ گڏيل قومن جي اداري سڄي دنيا جي ناميارن ٻوليدانن جي هڪ عالمي سطح جي ڪانفرنس فرانس جي شهر پيرس ۾ گهرائي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ بنيادي تعليم جي حوالي سان هڪ پيرائتي رپورٽ تيار ڪئي وئي ۽ اُن جي لاءِ ڪي بنيادي اصول طئي ڪيا ويا. انهن جو بيان هيٺ پيش ڪجي ٿو:

1. انهيءَ رپورٽ ۾ چيو ويو تہ مادري ٻولي هر ڪنهن ماڻهوءَ جي خيالن جي اظهار کي وڏيءَ حد تائين سگهہ بخشيندي آهي. وڌيڪ اهو بہ چيو ويو تہ ڪنهن بہ سماج/قوم سان تعلق رکندڙ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ بنيادي ضرورتون هونديون آهن، ٻولي/مادري ٻولي انهن مان هڪ بنيادي ضرورت جي حيثيت رکي ٿي.
2. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ دنيا جي هر ڪنهن ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۾ ڪابہ اُن قسم جي کوٽ/اڻاٺ يا اظهار جي لحاظ کان ڪمزوري موجود نہ آهي، جيڪا ڪنهن قوم سان لاڳاپيل ماڻهن کي علم ۽ فن جي وسيلي ٻڌجڻ کان روڪي.
3. انهيءَ رپورٽ ۾ اهو پڻ اظهار ڪيو ويو تہ هر ڪنهن شاگرد جي تعليم ۽ تدريس جي عمل لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ اهو سندس مادري زبان ۾ ئي موجود ڪري ڏنو وڃي.

4. هيءَ به انهيءَ رپورٽ ۾ واضح نموني چيو ويو آهي ته مادري ٻوليءَ جي جاءِ ٻي ڪابه قومي يا بين الاقوامي ٻولي نه ٿي والاري سگهي. اهو ضروري آهي ته اها ئي ٻولي ٻار کي اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ پاڙهي وڃي، جيڪا اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ سندس ٻولي آهي.

انهن اصولن کي جڏهن سامهون رکون ٿا ته اها ڳالهه بنهه چٽي ٿي پوي ٿي ته اسان جي جديد دنيا ۾ مادري ٻولين جي اهميت، افاديت ۽ حيثيت کي چڱيءَ ريت مڃيو ويو آهي، نه رڳو ايترو پر انهيءَ سان گڏ عالمي سطح جي ادارن پاران مادري ٻولين جي بچاءَ لاءِ مختلف وقتن تي مختلف اُپاءَ پڻ جاٺايا ويا آهن، جن هيٺ اهو چيو ويو آهي ته دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ کي اهو حق نه ٿو ڏئي سگهجي ته اها ٻين ٻولين کي ڳڙڪائي وڃي يا اها پنهنجين سرحدن کان هلي ٻين ٻولين جي سرحدن ۾ گهڙي وڃي ۽ اتي وڃي هڪ حملي آور ٻوليءَ طور ڪنهن ٻي ٻوليءَ کي نقصان رسائي يا مرڳوئي انهيءَ تي قابض ٿي ويهي رهي.

جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي سرشتي ۾ لاڳو ٿيڻ جي تاريخ واري مامري جو تعلق آهي ته انهيءَ ڏس ۾ اسان کي تاريخ سان رجوع ڪرڻو پوي ٿو. مٿي هيءَ ڳالهه چڱي طرح ڄاڻائي وئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو هاڻوڪو روپ انهيءَ ٻوليءَ جي سڌريل شڪل آهي، جيڪا موئن جي دڙي ۾ ڳالهائي ويندي هئي. هيءَ اسان جي وڏي بدنصيبي چئبي جو تاريخ ۾ ڪي به اهڙا ماخذ موجود نه ڏنا ويا آهن، جيڪي اهڙو ڏس ڏين ته ڪي هزار يا به هزار ورهيه اڳي سنڌ ۾ سنڌي ٻولي تعليم جي ذريعي طور موجود هئي. نه ئي اسان کي گهڻو معلوم ٿي سگهيو آهي ته سنڌ ۾ باقاعدي ڪو تعليمي سرشتو موجود هو. جڏهن اسين چچ نامي کي پڙهون ٿا ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته چچ برهمڻ کي راجا راءِ سهاسي پنهنجي دربار ۾ ان ڪري مقرر ڪيو هو جو هن جا هٿ اکر سٺا هئا ۽ انهيءَ ڪري جيڪو به سرڪاري رڪارڊ هو، اهو سولي ۽ سهڻي نموني محفوظ رکي سگهبو هو. انهيءَ هوندي به ڪو به اهڙو

رڪارڊ نٿو ملي تہ اهو سرڪاري رڪارڊ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ رکيو ويندو هو يا اهو تہ راءِ سهاسي جي وقت ۾ سنڌ ۾ دفتري/سرڪاري لکپڙهہ لاءِ ڪهڙي ٻولي استعمال ڪئي ويندي هئي؟ ڇچ جي زماني ۾ پڻ اهڙيون شاهديون موجود ڪونہ آهن. جيئن تہ ڇچ، برهمڻ هو انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ سنسڪرت ٻوليءَ کي دفتري لکپڙهہ لاءِ رائج ڪيو هجي. اهي سڀ امڪان آهن، جن جي باري ۾ ڪابہ ڳالهہ خاطري سان نٿي ڪري سگهجي.

پر اڳتي هلي ڏسون ٿا تہ عربن جي هندستان ۾ اچڻ ۽ پاڻ هندستان منجهہ مختلف مذهبي ۽ سماجي سڌارن جي تحريڪن جي اُڀرڻ، مقامي ٻوليءَ جي اهميت کي پڻ اُڀاريو. انهيءَ معاملي کي ٻن رُخن ۾ ڏسي سگهجي ٿو: پهريون رخ هيءَ آهي تہ جڏهن هندستان ۾ ڀڳتي تحريڪ جي شروعات ٿي تہ انهيءَ سان لاڳاپيل مڙني سنتن ۽ ڀڳتن، سنسڪرت ۽ عربيءَ جي جاءِ تي مقامي ٻولين کي اهميت ڏئي پنهنجي پرچار جو ذريعو بڻايو ۽ ماڻهن سان انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو جيڪا اهي چڱيءَ ريت سمجهي سگهيا ٿي. جڏهن تہ ٻئي پاسي اسان کي اهي آثار پڻ ملن ٿا تہ لڳ ڀڳ ڏهين صدي عيسوي ۽ يارهين صدي عيسويءَ جي شروع ۾ ڪيترائي مذهبي پرچارڪ هندستان ۾ آيا، انهن پڻ مقامي ٻولين کي پنهنجي پرچار جو ذريعو بڻايو. سنڌ ۾ پڻ انيڪ معلم ۽ مذهبي پرچارڪ آيا ۽ انهن سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي پرچار جو ذريعو بڻايو. انهن معلمن ۽ مذهبي پرچارڪن ٿي سگهي ٿو تہ لکت ۾ پڻ پنهنجا مذهبي اصول ۽ مول متا توڙي سمجهاڻيون ۽ مختلف معاملن جون وضاحتون پيش ڪيون هجن ۽ اهي پڻ مقامي ٻولين ۾ هجن. پر انهيءَ هوندي ڪابہ ڳالهہ خاطريءَ سان چئي نٿي سگهجي. جيڪڏهن ڪابہ ڳالهہ دستاويزي ثبوت طور پيش ڪري سگهجي ٿي تہ اها هيءَ آهي تہ مغل ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ لڳ ڀڳ 1700ع ۾ سنڌي ٻولي ڪنهن نہ ڪنهن طرح تعليم جي ذريعي طور استعمال هيٺ آئي. انهيءَ ڏس ۾ جڏهن اسين مخدوم ابو الحسن جي تعليمات سان رجوع ڪريون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ ان

باقاعدي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ئي ناهيل لپيءَ ۾ لکي پنهنجي مذهبي خيالن جي ڦهلاءَ لاءِ استعمال ڪيو هو. انهيءَ ڏس ۾ اسان کي سندس قلمي نسخو "مقدمہ الصلوات" مليو ٿو. انهيءَ کان سواءِ 'شاهہ لطف الله' جو رسالو پڻ هڪ اهم ڪڙيءَ طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

هتي هيءَ ڳالهہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان جي ڪا طئي ٿيل لپي موجود هجي. جيستائين ڪنهن ٻوليءَ کي ڪابہ لپي ميسر ناهي، ان وقت تائين ان جي تعليمي حيثيت لاءِ ڪابہ ڳالهہ نٿي ڪري سگهجي. سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي معاملي ۾ اسين اها ڳالهہ پڪ سان ڪرڻ جهڙا آهيون تہ انگريزن جي وقت ۾ طئي ڪيل رسم الخط کان اڳ اها مختلف لپين ۾ لکي ويندي هئي ۽ اها لکت جي لحاظ کان مختلف هئي. هيءَ 1848ع جي زماني جي ڳالهہ آهي. جڏهن انگريزن هڪ حڪم نامو جاري ڪيو جنهن ۾ انهن سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو.

"We should introduce the language as the medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continued) can work effectually through a foreign medium of communication such as Persian and English. A period of 18 months should therefore, be allowed to the officers in civil employ to qualify themselves for an examination in the Sindhee language. I believe their doing so will be facilitated by the publication of the dictionary and grammar proposed by Leiutenant Stack should be allowed to have printed.

The recommendation of the Commissioner that "early measure, to education, as in our other provinces, is no doubt judicious, but it where premature to take any measure for farming educational establishment before our own European administration have obtained a complete knowledge of the country and before we trained up persons, fitted to impart knowledge in vernacular tongue.

(James C. Melvile, 1848, 15)

متيون حڪم نامو جاري ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ 29 آگسٽ 1857ع تي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر هڪ سرڪيولر جاري ڪيو هو جنهن ۾ سرڪاري عملدارن کي اهڙي هدايت ڪئي هئي ته انهن لاءِ اها ڳالهه لازم آهي ته اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن. انهيءَ سرڪيولر ۾ هيٺيون اهم ڳالهيون ڪيون ويون هيون:

هينئر کان اڳتي سموري سرڪار لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪئي وڃي.

سنڌ ۾ جيڪي به يورپ ۽ ٻين خطن سان واسطيدار عملدار آهن، اهي لازمي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن ته جيئن هو چڱيءَ طرح سنڌ جي مقامي ماڻهن سان پنهنجي طور تي حال احوال ڪري سگهن، جيڪا به لکپڙهه انهن سان ڪئي وڃي تي، اها سمجهي سگهن ۽ موٽ ۾ ضروري ڪارروائي به ڪري سگهن.

سنڌي اسڪول قائم ڪيا وڃن.

انهيءَ کانسواءِ اسان جڏهن انگريز سرڪار جو رڪارڊ جانچيون ٿا ته اسان کي اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ انگريز سرڪار باقاعدي تعليمي رٿابندي پڻ واضح ڪئي هئي ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ جي پڻ منظوري ڏني هئي. جنهن هيٺ چيو ويو هو ته مادري زبان ۾ تعليم ڏني وڃي. سرڪاري دفترن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهه جو سرشتو رائج ڪيو وڃي. سرڪاري آفيسرن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ تمام ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جا ترجما ٿيڻ کپن. سنڌ ۾ تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ تعليم کاتو قائم ڪيو وڃي ۽ نصاب پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو وڃي. سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ سڌاري لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي وڃي. سنڌ ۾ ڇاپخانا قائم ڪيا وڃن. گرامر ۽ لغتون تيار ڪيون وڃن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اخبارون پڻ جاري ڪيون وڃن.

جيتوڻيڪ انگريز دور ۾ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ منظم رسم الخط ڏنو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ۽ سرڪاري ٻولي قرار ڏنو ويو. جنهن جا

فائدا سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي پيا. پر هيءَ حقيقت آهي تہ تعليم جو اهڙو مقامي سرشتو قائم ڪرڻ پويان انگريز سرڪار جا پنهنجا انتظامي ۽ سياسي مقصد هئا. جن کي سائين محمد ابراهيم جويي پنهنجي هڪ مضمون "سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جو تعليمي سرشتو" ۾ هڪ هنڌ هن طرح ڄاڻايو آهي:

"(انگريز) اسان جي ٻوليءَ کي هڪ "ورنيڪيولر" يعني هڪ "غلامن جي ٻولي" سڏيندا رهيا: جنهن جو مطلب هيءَ هو تہ سندن سامهون اسان جي ٻولي هڪ اڻ سڌريل ۽ علمي شان کان ڪريل ٻولي هئي. اهو ئي سبب هو جو ملڪ جي تعليمي سرشتي ۾ هنن پنهنجي "شاهانہ ٻوليءَ" جي ڀيٽ ۾ اسان جي ٻوليءَ کي اها غير اهم جڳهہ ڏني، جو اُها خاص طرح علمي ۽ ادبي دائري ۾ اسان لاءِ ڪنهن ڪم جي نہ رهي ۽ نتيجو هيءَ نڪتو جو اسان جي ٻولي خود اسان جي نظرن ۾ ڪري پيئي. پرائمري اسڪولن ۾ پنهنجي مادري زبان معرفت، اسان جا ٻار اڌوگابرو انگ اکر سکي سگهيا ٿي، باقي سيڪنڊري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ "محڪوم" (سنڌي) ٻولي ڪو شاناٿو پير پائي، اها ڳالهہ "حاڪمانہ" (انگريزي) ٻوليءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪيئن پئي ممڪن ٿي سگهي؟ جنهن کان سواءِ حاڪمن جو بنيادي مقصد تہ فقط پنهنجي حڪومت کي قائم رکڻ جو هوندو آهي. تنهنڪري انگريزن کي فقط هڪ محدود تعداد "تعليم يافتہ" غلامن جو گهربل هو جن جي هٿان هو پنهنجي حڪومت جو چرخو ڪاميابيءَ سان هلائي سگهن. انهيءَ لاءِ پڻ لازمي هو تہ تعليم جو سرشتو اهڙو تجويز ڪيو وڃي، جو هڪ تہ اهي "تعليم يافتہ" غلام ڪٿي بہ گهرج کان وڌيڪ نہ پيدا ٿي وڃن، ۽ ٻيو تہ ڪين تعليم فقط اها ئي حاصل ٿئي، جا ڪين "غلاميءَ" لاءِ تيار ڪري ۽ ان جو هيراڪ بنائي."

انهيءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ انگريز سنڌ ۾ تعليم جو جيڪو سرشتو قائم ڪيو هو. انهيءَ هيٺ فقط سنڌي سماج جي خاص مراعت يافتا طبقي جا ماڻهو اعليٰ تعليم پرائي ٿي سگهيا. باقي عام خلق سنڌي فائينل ئي پاس ڪري ٿي سگهي ۽ اهڙي ريت اها رڳو پرائمري ماسترين ۽ ڪلارڪين لاءِ حقدار پئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي انگريز سرڪار جيڪا بہ ٿوري گهڻي آزادي ڏني هئي، انهيءَ کي ماڻڻ جي راهہ ۾ سنڌ جو ممبئيءَ سان الحاق رڪاوٽ بڻيل هو. سنڌ کان انگريزن جي دور ۾ سياسي طور ممبئيءَ سان ملايو ويو. ممبئي يونيورسٽي تنهن زماني ۾ واحد يونيورسٽي هئي، پر اها سنڌي ٻوليءَ کي نصابي مضمون(سبجيڪٽ) طور مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. جيئن اڳ ۾ هڪ مضمون ۾ چيو ويو آهي:

"1921ع ۾ انهيءَ دور جي ڊي جي ڪاليج جي پروفيسر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هڪ رپورٽ ممبئي يونيورسٽيءَ کي پيش ڪئي، جنهن جو عنوان هو: "A Brief Survey of Sindhi Literature". جيڪا ايڏي تہ وزندار ۽ زبردست هئي، جو ممبئي يونيورسٽيءَ جون اختياريون اُن کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيون ۽ 1940ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ B.A تائين آرٽس جي امتحانن لاءِ سنڌيءَ کي جواب ڏيڻ جي وسيلي طور قبول ڪيو."

اسان اڳ ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ اهو ذڪر ڪيو آهي. تہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو ٻيو دور ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿيو. ان زماني ۾ بدقسمتيءَ سان وچيئن طبقي وارن سنڌين جو وڏو حصو ورهاڱي کان پوءِ هتان لڏي هندستان روانو ٿيو.

1948ع ۾ هڪ حڪم ذريعي اردوءَ کي سڄي ملڪ جي واحد سرڪاري ۽ قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. انهيءَ تي بنگال ۾ لڳاتار پنج سال گوڙ هليو جنهن ۾ وڏي خون خرابي کان پوءِ آخر 1954ع ۾ ون يونٽ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن ۾موجوده پاڪستان جي پين قومن جي پين ڳالهين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ

تي به شديد حملو ڪيو ويو جنهن جو اظهار 1956ع جي آئين جنهن ۾ ون يونٽ کي آئيني شڪل ڏني وئي هئي، ان جي هيٺين شق مان ٿئي ٿو:

حصو ٻيو (بنيادي حق) آرٽيڪل 19. پاڪستان يا ان جي ڪنهن به حصي ۾ رهندڙ شهرين جو اهڙو گروهه جنهن کي پنهنجي الڳ زبان، رسم الخط يا ثقافت آهي، ان جو بچاءُ سندن حق آهي.

حصو ٽيون (تجويز ڪيل عام قدم General Provision) آرٽيڪل_ 122:

1. اسلامي مملڪت پاڪستان جي سرڪار زبان اردو ۽ بنگالي هوندي، پر انگريزي آئيني طور اڄ ڏينهن کان بلڪ اهڙي ئي نموني سيني سرڪاري ڪمن لاءِ ايندڙ 20 سالن تائين استعمال ٿيندي جهڙي نموني هن آئين کان اڳ ۾ پاڪستان ۾ استعمال ٿيندي هئي. انهيءَ مدت گذرڻ بعد پارليامينٽ قانون ذريعي انگريزيءَ جي استعمال جي ڪن مقصدن لاءِ، جنهن جو ذڪر ان قانون ۾ ڪيل هوندو اجازت ڏئي سگهي ٿي.
2. ڏهن سالن گذرڻ کان پوءِ صدر هڪ ڪميشن مقرر ڪندو، جيڪا انگريزيءَ کي متائڻ (replacement) متعلق سفارشون پيش ڪندي.
3. هي آرٽيڪل ڪنهن به صوبائي حڪومت کي انهيءَ مدت جي خاتمي کان اڳ به انگريزيءَ کي متائي ڪنهن ٻي سرڪاري زبان کي نافذ ڪرڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿيندي.

انهيءَ آئين ۾ سنڌي، بلوچي ۽ پشتو کي انهيءَ لائق نه سمجهيو ويو جو انهيءَ جو اشاري طور به ذڪر ڪجي. سنڌي اديبن، سياسي ڪارڪنن، دانشورن ۽ اخبارن سنڌي ٻوليءَ کي حقن، ان جي وسعت، عظمت ۽ اهميت تي گهڻائي ليک ۽ ڪتاب لکيا. پرورپو ڪجهه به ڪونه. سنڌي ادبي سنگت، جيڪا سنڌي اديبن، شاعرن، فنڪارن ۽ دانشورن جي تنظيم آهي_ جي ڪراچيءَ جي شاخ پنهنجي تاريخي جوابداري محسوس ڪندي هڪ يادداشت، هيٺين عنوان سان:

"Declare Sindhi as an Official Language of Pakistan"

پاڪستان جي عوام ۽ اختياريءَ وارن آڏو پيش ڪئي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان انهيءَ ظاهر ظهور ناانصافيءَ تي ٻٽل مؤقف خلاف بيان ڪيل هو. انهيءَ ڪتابڙي ۾ مٿين آئيني فقرن مان هيٺيان نتيجا اخذ ڪيا ويا، جيڪي ڏاڍا سچا آهن ۽ انهيءَ ناانصافيءَ کي پڌري پٽ وائکو ڪن ٿا.

1. سرڪاري زبان ۽ قومي زبان ٻه الڳ شيون آهن. قومي زبان هڪ ٿي سگهي ٿي، پر سرڪاري زبانون هڪ کان وڌيڪ ٿي سگهن ٿيون.
2. پاڪستان ۾ ٻه سرڪاري زبانون ٿينديون، هڪ اردو ۽ ٻي بنگالي.
3. پاڪستان ۾ هن وقت ڪا به قومي ٻولي نه آهي، پر ايندڙ وقت ۾ انهن ٻنهي مان ڪا به هڪ اهو رتبو حاصل ڪندي. ڪهڙي ٻولي اهو خوش قسمتيءَ جو مقام حاصل ڪندي، سا ڳالهه انهن ٻولين جا معتبر طرفدار طئي ڪندا.
4. انگريزي 20 (ويهن) سالن تائين ۽ ايتري وقت تائين سرڪاري زبان رهندي، جيستائين پارليامينٽ انهيءَ لاءِ طئي ڪري.
5. ڏهن سالن کان پوءِ هڪ بنا ذڪر ڪيل قانون واري ڪميشن قائم ڪئي ويندي، جيڪا انگريزي کي هٽائڻ لاءِ سفارش ڪندي.
6. انهن 20 سالن گذرڻ کان اڳ ۾ به اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جا صوبا انگريزيءَ کي ترتيبوار اردو ۽ بنگالي سان بدلائي سگهن ٿا.
7. ٻيون غير سرڪاري يا پرائيويٽ زبانون Country of Official جيڪي سرڪاري ٻوليءَ سان گڏ ملڪ ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، بنا ڪنهن اعتراض جي ان جا ڳالهائيندڙ انهن کي محفوظ رکي سگهن ٿا. سرڪار (مرڪز ۽ صوبن) کي اهڙين غير سرڪاري زبانن کي قائم رکڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي.

اهڙي نموني 1956ع جي آئين ۾ جڳهه ته اهڙين غير سرڪاري ۽ پرائيويٽ زبانن جي زنده رهڻ لاءِ ته ڪوبه اعتراض نه هو جيڪي سرڪاري نصابي ۽ ميڊيا (ريڊيو ٽيليوزن ۽ اخبارن) مان بيدخل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو موت پاڻ مري وڃن.

1951ع ۾ جڏهن ڪراچي يونيورسٽي قائم ٿي، تڏهن کان ئي سنڌيءَ کي بيدخل ڪرڻ جون سفارشون ٿيون، پر 1956ع ۾ انهيءَ آئين جي بنياد تي

ڪراچي يونيورسٽي سينڊيڪيٽ هڪ چڙ ڏياريندڙ عمل ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جي ميڊيم طور رکڻ کان خارج ڪيو. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ کي بيدخل ڪرڻ تان سڄي ءَ سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جي سنڌي آباديءَ ۾ سخت تاءُ پيدا ٿيو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ انهيءَ صورتحال تي هڪ ڪتابچو: "Shall Sindhi Language in Karachi or not" لکيو. جنهن ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران سنڌي زبان کي بيدخل ڪرڻ لاءِ بنياد بنايل بهانن کي وائکو ڪيو ويو جنهن جو تت هيٺ ڏجي ٿو:

1. مسٽر اي بي. اي حليم کي پير الاهي بخش عليگڙهه مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدي سنڀالڻ لاءِ وٺي آيو هو جيڪو ڪراچي يونيورسٽي ٺهڻ تي ان جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو.
2. اها ڳالهه ڪرڻ تہ سنڌي شاگردن جو تعداد گهٽ آهي، نسورو ڪوڙ آهي. ڇاڪاڻ جو ان وقت بہ صرف ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ ٻن هزارن کان مٿي سنڌيءَ ۾ جواب ڏيندڙ شاگرد موجود هئا ۽ اڄ اهو تعداد گهٽ ۾ گهٽ پنجوڻون هجي ها، جي ڪراچيءَ ۾ 1948ع ۾ سنڌي ميڊيم پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول بند نہ ڪيا وڃن ها.
3. اهي مڙئي حرڪتون، پاڪستان جي اڳواڻن طرفان ڪرايل يقين ڏهانين ۽ آئين جي يڪسر خلاف هيون. جنهن تحت مقامي ماڻهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بچاءَ جو هر حق حاصل هو. ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ مظاهرا ٿيا. جلسا جلوس ٿيا. ڳالهہ هاءِ ڪورٽ تائين پهتي، هاءِ ڪورٽ Stay Order جاري ڪيو پر اهو هڪ عارضي فائدو ثابت ٿيو ۽ سنڌي ٻولي جيئن ڪراچيءَ مان نڪتي آهي تہ هيل تائين اُتي پنهنجا پير پختا نہ ڪري سگهي آهي.

ون يونٽ کان پوءِ 1948ع جي انهيءَ قانون کي تہ 'سنڌي ٻار ٽئين درجي کان اردو هڪ لازمي سبجيڪٽ طور پڙهن'، پر اردو ڳالهائيندڙ ٻارن کي

انهيءَ پابنديءَ کان آجو ڪيو ويو تہ هو وري سنڌي پڙهن، جڏهن تہ اتي سنڌي پڙهندڙ ٻارن لاءِ اها پابندي يڪ طرفہ طور تي برقرار رهي.

1958ع ۾ مارشل لا نافذ ٿي، جنهن حيدرآباد ريجن جي اردو ڳالهائيندڙ ٻارن کي بہ انهيءَ پابنديءَ کان آجو قرار ڏنو.

1959ع ۾ هڪ قومي تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي وئي تہ ملڪ ۾ تعليمي سرشتي کي بهتر بنائڻ لاءِ اها پنهنجون رٿون پيش ڪري. انهيءَ ڪميشن ۾ ڪوبہ سنڌي ماڻهو نہ کنيو ويو. ڪميشن جي هڪ سفارش جيڪا 283 ۽ 284 صفحي جي پئرا ۾ ڏنل آهي، سا هن ريت آهي:

"ٻين ملڪن ۾ ڪيل باضابطہ تجربا سيکارين ٿا تہ جتي گهٽيون زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون، اتي بهترين تعليمي نتيجا ۽ قومي زبان جو مڪمل فهم تڏهن ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن شاگرد جي مادري زبان پنجين درجي تائين تعليمي ذريعو ۽ قومي زبان ٽئين درجي کان هڪ اختياري مضمون ۽ ڇهين درجي ۾ قومي زبان مادري زبان جي جاءِ پرينڊي تہ تعليمي ذريعو بنجندي. اسين انهيءَ نظريي سان اتفاق ڪريون ٿا. ان جو مطلب هيءُ ٿيندو تہ پشاور ۾ پهرين پنجن درجن تائين تعليمي ذريعو پشتو رهندي، پر هڪ اختياري مضمون طور ٽئين درجي کان اردو زبان متعارف ڪرائي ويندي ساڳي طرح سنڌي جيئن هينئر آهي تعليمي ذريعو رهندي، پر ٽئين درجي کان هڪ لازمي اختياري مضمون طور اردو متعارف ڪرائي ويندي. ٽئين درجي کان ڇهين درجي تائين اردوءَ جي سکيا لاءِ ڪافي وقت ڏنو وڃي تہ جيئن ان کي ڇهين درجي کان اثرائتي نموني تعليم جو ذريعو بنائي سگهجي."

انهيءَ سفارش جا نتيجا هن ريت وڃي بيٺا:

1. سنڌي زبان صرف پنجين درجي تائين تعليمي ذريعو ٿيندي.
2. ٽئين درجي کان ٻارن کي اردو پڙهڻي پوندي
3. ڇهين درجي کان ٻارن جو تعليمي ذريعو ۽ امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جو

ذريعو اردو يا انگريزي هوندي.

4. سنڌي فائينل امتحان ختم ڪيو ويو.

5. اردو ڳالهائيندڙن لاءِ لازمي سنڌي مضمون کي اختياري مضمون بنايو ويو.

سنڌي ماڻهن وڏي اچرج، ڏک، ڪاوڙ ۽ پريشانيءَ سان انهن تعليمي سڌاري جي نام نهاد سفارشن کي ڏسڻ لڳا، جيڪي دراصل ڪين ذهني، تعليمي ۽ ثقافتي تباهيءَ جي اهڙي اونهي کاهيءَ ۾ اڇلڻ لاءِ ٺاهيون ويون هيون جتان اهي ڪڏهن به نڪري نه سگهن. انهن نام نهاد سفارشن خلاف ڪيترائي پمفليٽ، سوين ليک ۽ يادداشتون، ايڊيٽوريل نوٽ، سنڌي ماڻهن جي صحيحن سان عرضداشتون سنڌي ماڻهن جي هر طبقي ۾ هر نقطہ نظر جي ماڻهن ۽ تنظيمن طرفان پيش ڪيون ويون. جن جو ذڪر هن ريت آهي:

1. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو بيان.

2. سيني سنڌي اخبارن ۾ قسطوار ڇپيل ۽ بعد ۾ گڏي ڇپايل "سنڌي زبان جي حيثيت ۽ ان جي مستقبل بابت مضمون ۽ ڪتاب".

3. صدر مملڪت فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي خدمت ۾ سنڌي ٻارن جي مائٽن جي اپيل.

4. مختلف شاگرد تنظيمن ۽ اسٽوڊنٽس جا بيان.

5. هزارين سنڌي ماڻهن جي صحيحن سان پيش ٿيل يادداشتون ڪارڊ وغيره.

انهن سيني سفارشن ۾ سنڌي ٻوليءَ تي پوندڙ نتيجن جو جيڪو بحث ڪيل هو ان جو تت ڪجهہ هن ريت بيهي ٿو:

سنڌي زبان گڏريل اڍائي سؤ سالن کان هيٺين درجي لاءِ عملي طرح نوي سالن ۾ سرڪاري طرح گڏريل چوويهہ سالن کان هاءِ اسڪول لاءِ، بي اي لاءِ گڏريل ويهن سالن کان، ايم. اي لاءِ ۽ پي. ايڇ ڊي لاءِ تقريباً ڏهن سالن کان امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جو ذريعو رهي آهي. ان کي صرف پنجين درجي تائين محدود ڪرڻ تاريخ کي پٺتي موٽائڻ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي عوام لاءِ وڏو هاڃو ثابت ٿيندو.

ان دستخطي مهم لاءِ پيش ڪيل مضمون ۾ ظاهر ڪيو ويو تہ اُن نام نهاد ڪميشن جي ڪيل سفارشن کي قبول ڪرڻ سان پاڪستان ٺهڻ وقت مجيل جماعتن پاران ٺاهيل تعليمي معيارن، اخلاقي قدرن ۽ يونيسڪو طرفان بين الاقوامي طور تي طئي ٿيل اصولن، (جن کي پاڪستان بہ تسليم ڪري ٿو) جي خلاف ورزي ٿيندي

1951ع ڌاري پئرس ۾ تعليم ۾ مقامي زبانن جي استعمال تي ويچار ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي ماهرن جو وڏو ميڙ ڪٺو ٿيو هو جنهن ۾ وڏي غور ويچار ۽ بحث مباحثي کان پوءِ جيڪا راءِ قائم ڪئي وئي سا هيٺئين طرح هئي:

"هيءَ هڪ واضح حقيقت آهي تہ ٻار کي سيکارڻ جو بهترين ذريعو سندس مادري زبان آهي. نفسياتي طور اهو هڪ پرمعنيٰ اشارن جو نظام آهي، جيڪو سمجهڻ ۽ ظاهر ڪرڻ لاءِ هن جي دماغ ۾ پاڻمرادو ڪم ڪرڻ لڳي ٿو. سماجي طرح جنهن طبقي ۾ رهي ٿو تنهن جي سڃاڻپ جو اهو مادري زبان هڪ ذريعو آهي. تعليمي نقطہ نگاهہ کان ٻار پنهنجي مادري زبان ۾ وڌيڪ تيزيءَ سان سکي ٿو. بنسبت اهڙي زبان جي، جنهن سان هو مانوس نہ آهي."

انهيءَ جي پڄاڻي هن ريت ٿيل آهي:

"اسين ظاهر ڪري چڪا آهيون تہ تعليم بهترين نموني سان مادري زبان ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. پوءِ ڀلي شاگرد ٻار هجي يا ڪو بالغ."

انهن مڙني ڳالهين جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي صرف پنجين درجي تائين محدود ڪرڻ سان جيڪي اڳرا نتيجا نڪرندا، اهي ٿلهي ليکي هن ريت آهن:

1. سنڌ جا اهي نسل، جيڪي پنجين درجي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل نہ ڪندا، سي سنڌي ۾ ڪوبہ ادب تخليق نہ ڪري سگهندا. تنهن ڪري ادب جو واڌارو نا ممڪن ٿي پوندو.
2. اهڙيءَ پاليسيءَ سببان سنڌي ٻولي پنتي گهلجي گهلجي، تان جو وڃي مرڻ ڪنڌيءَ تائين پهچندي

3. ٽئين درجي کان وٺي ٻارن کي اردو ٻولي پاڙهڻ- جڏهن تہ سنڌن ٻوليءَ جا ترڪيبي بنياد خود سنڌن ذهن ۾ ڪچا هجن- ضرورت کان وڌيڪ بوجهہ وجهي سنڌن ذهن کي هيٺو ڪرڻ برابر ٿيندو.

4. اهي ٻار جيڪي هيٺين درجن ۾ پوري ساري نموني اردو پڙهيا هوندا، تن کان ڇهين کان پوءِ سڄو نصاب اردوءَ ۾ پاڙهڻ سنڌن تخليقي صلاحيتن کي مڪمل ختم ڪرڻ برابر ٿيندو ۽ اهي ٻار ڪڏهن بہ ذهني ۽ تخليقي طور انهن ٻارن سان برميچي نہ سگهندا، جن جي مادري زبان اردو آهي يا اهي جي شروع کان ئي اردو ۾ پڙهيا آهن.

5. سنڌ جي ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ جي ۽ خود پنهنجي خلاف انهيءَ موت جي پرواني (Death Warrant) (تعليمي ڪميشن جي رپورٽ) خلاف وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪئي، جن ۾ سنڌ جي هارين، نارين، شاگردن، استادن، اديبن، شاعرن، صحافين، دانشورن، تعليمي ماهرن حصو ورتو ۽ حڪومت کي انهيءَ سفارش کي واپس وٺڻ تي مجبور ڪيو. پر اڻ سڌيءَ طور ۽ انتظامي قدمن ذريعي ان کان پوءِ بہ هر ممڪن نموني سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون. سنڌي اخبارن، ڪتابن، ادبي ۽ فني شهپارن تي پابنديون مڙهيون ويون.

1957ع ۾ وڏين رقمن سان قائم ڪيل جديد ترين ڪمپرهينسو هاءِ اسڪولن تعليمي ذريعي طور 1962ع جي مڃتا ماڻڻ باوجود اردوءَ کي پنهنجايو.

1969ع ۾ ايوب خان جي جاءِ تي جنرل يحيٰ خان حڪومت جون واڳون سنڀاليون. 1969ع ۾ ئي انهيءَ گورنمينٽ نئين تعليمي پاليسيءَ جو اعلان ڪيو جنهن تحت اردوءَ کي تعليم جي مڙني ڏاڪن تي تعليمي ذريعي بنائڻ ۽ سيني سرڪاري ڪمن ڪارين لاءِ رائج ڪرڻ جي سفارش ڪيل هئي. سنڌ ۾ انهيءَ خلاف هڪ طوفان ڪڙو ٿيو ۽ هڪ دفعو وري سنڌي قوم جا فرد پنهنجي قومي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ نڪري نروار ٿيا. انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي نقطہ نظر جي بچاءَ لاءِ مختلف ذريعن طرفان هيٺيان

پمفليٽ ۽ يادداشتون شايع ٿيون ۽ جدوجهدون ٿيون:
سنڌ جي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن جو وزارت تعليم ڏانهن خط
ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو 26 جولاءِ 1959ع وارو خط
جيئي سنڌ نوجوان محاذ طرفان نئين تعليمي پاليسيءَ لاءِ تجويزون ۽
سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي ۽ سرڪاري درجي متعلق يادداشتون جنهن
تي 25000 ماڻهن صحيحون ڪيون هيون.
1959ع ۾ ووٽرن جون لسٽون سنڌي زبان ۾ ڇپرائڻ جي حق ۾ ڪيل
ٻڪ هڙتالون.
سڄي سنڌ ۽ خاص ڪري تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ ٿيل
مظاهرا ۽ هڙتالون وغيره.
1971ع ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌين طرفان ڪوٺايل "سنڌي ٻولي
ڪنوينشن". جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ جي اديبن، دانشورن، شاعرن،
سياستدانن، اسيمبلي ميمبرن ۽ سنڌ جي ماڻهن شرڪت ڪئي. انهيءَ
۾ سموري جدوجهد ۽ جاکوڙ ۾ لکئين جو تت هن نموني ڪڍي
سگهجي ٿو:
1959ع واري تعليمي پاليسي غير منصفاڻي ۽ صرف انگريزي ۽ اردوءَ
جو مسئلو حل ڪرڻ کي بنياد بنائي اڳتي وڌڻ تي ٻڌل هئي، جنهن ۾
ڪوبہ سنڌي ماڻهو شامل نہ هو جيڪا اُن وقت جي اولهہ پاڪستان ۾
ڳالهائجندڙ ٻين مادري زبانن کان بنهہ لاتعلق ۽ صرف هڪ ٻوليءَ کي
نافذ ڪرڻ تي بضد هئي ۽ اهڙي نموني سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي ثقافتي
ورثي جي خاتمي ۽ اُتي جي ماڻهن جي پٺتي پوڻ جو سبب ٿي بڻي.
سنڌي ماڻهن جي جدوجهد سببان اها پاليسي نافذ ٿي نہ سگهي. 1971ع
۾ پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي حڪومت سنڀالي، عبوري آئين جي
آرٽيڪل 267 تحت هيءَ فيصلو ٻڌايو ويو:
قومي زبان جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ صوبائي مقننہ

(اسيمبلي) قانون ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

سنڌ اسيمبلي جولاءِ 1972ع تي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ، واڌاري ۽ استعمال جو ائڪٽ تمام وڏي اڪثريت سان پاس ڪيو. ان آئيني بل جا مقصد ٿلهي ليکي هي هئا:

1. سنڌي ٻوليءَ کي ڏاڪي ٻه ڏاڪي پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون طور رائج ڪرڻ

2. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اڪيڊميون ۽ بورڊ ڻاهڻ. آفيسن ۽ سرڪاري کاتن، اسيمبلين ۽ عدالتن ۽ ادارن وغيره ۾ اهو آئيني بل، سنڌي ٻوليءَ سان ٿيل ڏاڍاين جي ٿوري گهڻي تلافيءَ جي برابر هو. پر نام نهاد قوتن کان سٺو نه ٿيو سڄيءَ سنڌ ۾ ٻوليءَ جا فساد ٿيا، جنهن ۾ سوين ماڻهو ماريا ويا ۽ ڪروڙها روپين جون ملڪيتون تباهه ٿيون. اسيمبليءَ کي سڏائڻ کانسواءِ سنڌ جي گورنر هنگامي اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ کي ٻه زباني Bi-Lingual صوبو قرار ڏنو ۽ بل جي متن ۾ بنيادي ترميمون ڪيون. انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بدخواهن جي چُرچ تي هڪ ٺي ڏڪ ۾ سنڌ جي 42 رسالن، ڪتابن ۽ پبليڪيشنن تي پابندي مڙهي وئي.

موجوده دور ۾ سنڌي ٻولي اڃا تائين عوام کي سکيا ڏيندڙ تمام طاقتور ذريعي ابلاغ عامہ (ميڊيا) Media ريڊيو، ٽيليوزن ۽ اخبارن کان بيدخل آهي. سنڌي ڪتاب ڇپيندڙ/ڇپائيندڙ ادارا اڃا تائين ڪسمپرسيءَ ۽ ڊپ جو شڪار آهن.

1981ع ۾ سنڌي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن هڪ اپيل موجوده حڪومت کي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري جي سلسلي ۾ پيش ڪئي، پر ان سلسلي ۾ ماٺ چانيل رهي ۽ ڪابه پيش رفت نه ٿي. مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ هڪ مسلسل ڏاڍ، ڌمڪاءَ ۽ سختين سهڻ جي تاريخ آهي. اها انهيءَ زبان جي ڪماليت ۽ طاقت آهي، جو ايڏين پابندين ۽ رڪاوٽن جي باوجود به زبان وڌندي ۽ نکرندي رهي آهي. پر اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي

ٻوليءَ سان جيڪڏهن اهي ڪلور نہ ٿين ها تہ سنڌي ٻولي اڄ ڏهوڻ تي وڌيڪ ترقي يافتہ هجي ها. سنڌي ٻوليءَ تي پابنديءَ جو اثر هڪ حد تائين سنڌ جي تعليمي پسماندگيءَ جي شڪل ۾ نڪتو آهي. جتي ٻهراڙيءَ جي آباديءَ (گهڻو ڪري سنڌي) ۾ پڙهيلن جو سيڪڙو 16 ۽ شهري آبادي (گهڻو تڻو غير سنڌي) 51 سيڪڙو آهي.

اڄ جي دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي فن ۽ علم جي تيز ترين ترقيءَ جي دنيا آهي. پنهنجي ٻوليءَ کي صرف عظيم ۽ قديم چوڻ ۽ ان سان پيار ۽ لڳاءَ جو اظهار ڪرڻ ڪافي نہ آهي ۽ اهو بہ ڪافي نہ آهي تہ ڪا ٻولي ايم. اي، بي. اي ۽ پي. ايڇ. ڊي تائين پڙهڻ جو ۽ تحقيق جو موضوع هجي.

ضرورت تہ هن ڳالهہ جي آهي تہ سياڻي جيڪڏهن سنڌي معاشري جي بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪي ڪردار ادا ڪرڻو آهي تہ سنڌ جا اهي سڀ ماڻهو جيڪي اهڙي، مقصد کي پنهنجو نصب العين سمجهن ٿا، سي سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار عملي طرح ادا ڪن. سنڌي ٻوليءَ کي اڄ بہ Computer ۽ Space دور جي علمي ۽ ادبي ضرورتن جي اهل بنائڻو آهي. سنڌي ٻوليءَ تي لڳاتار پابندي جاڻي واڻي رکڻ جا اثر اڃا تائين موجود آهن. انهن کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيس جوابدارين جي پورائيءَ جو اهل بنائڻ، ڪنهن هڪ ٻن يا ڏهن فردن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. صرف فعال ۽ منظم ادارا ئي اهڙو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ڪري "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هن سيمينار اڳيان هيٺيون رٿون بحث لاءِ رکان ٿو:

1. سنڌي ٻوليءَ لاءِ "لٽريچر فائونڊيشن" (Literature Foundation) قائم ڪئي وڃي، جيڪا پيشي وراڻن (Professionals) بنيادن تي سڄيءَ دنيا جي بهترين ادب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪري
2. سنڌيءَ جي سيني تعليمي ماهرن ۽ سائنسدانن جي هڪ تنظيم ٺاهي وڃي، جيڪا سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي مضمونن کي اظهار ڏيڻ جي سگهہ ۾ اضافو ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي موضوعن تي ڪتاب لکي ۽

لکرائي، قدرتي ۽ سماجي اصطلاحن جا تز سنڌي نعم البدل ڳولڻ جي جاکوڙ ڪري ۽ سائنس کي تمام آسان ۽ عام فهم ڪري سنڌ جي عام ماڻهوءَ تائين پهچائي.

3. سنڌ جا اديب، شاعر، دانشور ۽ فنڪار جيڪي پسماندگيءَ جوشڪار آهن، تن کي همٿائڻ ۽ هٿي ڏيڻ لاءِ تنظيم جو قيام.

4. سنڌي ڪتابن جي ڇپرائڻ ۽ انهن جي ورهاست جو جوڳو انتظام ڪرڻ.

5. سرڪار تازو ئي سال 2009ع لاءِ تعليمي پاليسي جوڙي آهي، جنهن ۾ پرائمري ۽ نرسريءَ سطح کان مادري ٻولين سان انگريزيءَ کي به لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. اهڙي سفارش تي نظر ثاني ڪري ٻارڙن جو مادري ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جو حق بحال رکيو وڃي.

6. سنڌ ۾ موجود خانگي انگريزي ميڊيم اسڪولن کي سنڌيءَ جو مضمون پاڙهڻ لاءِ پابند ڪيو وڃي. انهيءَ ڏس ۾ سنڌ سرڪار هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي، جنهن تي (بقول حڪومت جي) سختي سان عمل ڪرايو ويندو.

7. سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ سميت سنڌ جي سڀني وڏن شهرن ۾ سرڪاري توڙي غير سرڪاري سائن بورڊ اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ لکيا وڃن، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ سڀ کان پهريون حق سنڌي ٻوليءَ جو آهي.

8. ان کان سواءِ سنڌ ۾ ملٽي نيشنل ڪمپنين کي، جيڪي ڪاروباري سرگرمين ۾ رڌل آهن، گهرجي ته پنهنجا سائين بورڊ توڙي اشتهار ۽ ٻين خدمتن جا اعلان، آواز توڙي لکت جي صورت ۾ سنڌيءَ ۾ به پيش ڪن، جيڪا سنڌ جي اڪثريتي عوام جي ٻولي آهي.

# سنڌي ٻولي بحيثيت ڪاروباري ٻولي

سنڌ جي تهذيب دنيا جي آڳاٽين ۽ اهم تهذيبن مان هڪ آهي ۽ ڪن حوالن ۾ اُهيڃاڻن موجب اها ٻين تهذيبن کان منفرد ۽ مختلف آهي. هن تهذيب کي ڳالهائڻ ۽ لکت ٻنهي صورتن ۾ ٻولي هئي. ان ڏس ۾ موئن جي دڙي جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جتي سنڌ جي ٻولي، لکت ۽ واپار سميت هر شئي ۽ عمل لاءِ استعمال ٿيندي هئي.

سنڌي ٻوليءَ جي شروعات بابت ماهرن جا مختلف رايا آهن. پر سڀ ان ڳالهه تي اتفاق ڪن ٿا ته سنڌي ٻولي هن خطي جي اوائلي ٻولي آهي ۽ ان جون پاڙون مُوئن جي دڙي جي تهذيب ۾ کُتل آهن.

سنڌ جي تجارتي مهم جوئي به ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب قديم آهي. سنڌ ۾ ان جي واپار متعلق دستاويز آڳاٽي تاريخ ۾ نظر اچن ٿا.اين. ايم. بي ورما. انهيءَ راءِ جو آهي ته رگ ويد ۾ جيڪي "پڻي" لوڪ ٻڌايل آهن، اهي سنڌ سان لاڳاپو رکن ٿا. اها هڪ غور لائق شاهدي آهي ته ويدن واري دور ۾ سنڌ سامونڊي مهم جوئيءَ ۽ واپار جي ڪري سڃاتي ويندي هئي. هڪ اهم شاهدي ملي ٿي ته سنڌ 3000 ق.م. ۽ ان کان به اڳ انهن ڪجهه واپاري مرڪزن مان هڪ هئي، جتي مختلف ملڪن جا ٻيڙا اچي بيهندا هئا. سنڌ جي هڪ وڏي آرڪيالاجسٽ ۽ اسڪالر تاج صحرائيءَ پنهنجيءَ تحقيق ذريعي اهو ثابت ڪيو آهي ته "پڻي سنڌ سان تعلق رکن ٿا ۽ سندن وڻج واپار سان واسطو هو". ميجر جنرل هئگ لکي ٿو ته "ڊيلٽا وارو علائقو (سنڌ) ٻاهرين واپارين لاءِ پُرڪشش علائقو رهيو آهي، اهو قدرتي آمدرفت جي چيهه واري رستي تي آهي. جتان وچ ايشيا کان ٿيندي ڀارت جي ميدانن ڏانهن وڃي ٿو". ساڳيو ليکڪ لکي ٿو ته "سنڌوءَ جو ڊيلٽا، پيننسلا جي ويجهن هنڌن تي هو. عظيم ميسوپوٽيمي ندين ۽ پونچ سمنڊ جي ڪنارن کي به ويجهو هو. جتي واپاري

رجحان شروعاتي دور کان ئي ڪافي سرگرم هئا ۽ ساموندي واپار ۾ مهم جوئي ب جاري هئي". پروفيسر چيتن ماڙيوالا انهيءَ خيال جو آهي ته ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌو درياهه جي منهن ۾ ساموندي سفر ڪندڙن کي ايراني نار ۾ ڳاڙهي سمنڊ کان ويجهي منزل فراهم ڪئي، جڏهن ته ان کي پنهنجا ٻيڙا سدائين خشڪيءَ واري پاسي رکڻا پوندا هئا. ڊاڪٽر بريسٽيڊ انهيءَ خيال جو آهي ته ٻن درياهن جي ماٿري ميسوپوٽيميا ۾ ان جا واپاري لاڳاپا ق. م. جيستين- جنگ ۾ ڪيترن ئي ملڪن سان هئا. هو چوي ٿو ته بنا شڪ اها شاهدي ملي ٿي ته اهو ڪاروبار اوپر طرف سنڌو درياهه جي لاڙ تائين پکڙيو. ڊاڪٽر آر. ڪي لکي ٿو: "هاڻي اهو يقين ڪيو وڃي ٿو ته مصري پنهنجون مميون سنڌي ڪپڙن ۾ ويڙهيندا هئا، ته جيئن سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ واپاري لاڳاپا ڊگهي ماضيءَ تائين قائم رهن. بولان لڪ کان قافلن وچ ايشيا ۽ سنڌوماٿريءَ جي وچ ۾ صدين تائين لاڳاپن کي جاري رکيو". اها هڪ حقيقت آهي، جنهن لاءِ ڪنهن ثبوت جي ضرورت نه آهي.

شروعاتي دور ۾ ٻاهرينءَ دنيا سان سنڌ جا واپاري لاڳاپا هڪ ڊگهي عرصي تائين برقرار رهيا. اهو سنڌ جو وسيع ڪاروبار ئي هو جو سنڌ، ايراني بادشاهه Arives جي اثر هيٺ پهرين صدي ق.م. ۾ رهي ۽ هن سنڌ تي ڪاهه ڪري اُن کي فتح ڪيو.

ڪئپٽن مڪمرڊ انهيءَ راءِ جو آهي ته: "ملڪ کي قدرتي طور تي واپار جي واڌاري لاءِ پسند ڪيو ويو ۽ ائين ئي ٿيو هندو حڪومت ان جو بهترين ثبوت آهي" ڊاڪٽر مڪمرڊ جي وڌيڪ چوي ٿو ته اها سنڌين ۽ پاڙيسري گجراتين جي واپاري ڏي وٺ هئي، جنهن پندرهين صدي عيسويءَ ۾ جاوا کي بينڪيت بنايو.

مٿين مختصر پر سگهاري شاهدي ثابت ڪري ٿي ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڻج واپار جا مرڪز ڪليل هئا، جن کي "ڪوئسي" چيو وڃي ٿو. انهن ۾ ڏور اوڀر، چين، سنگاپور، هانگ ڪانگ، آمريڪا، پئسفڪ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊن جا ڪيترا بيٽ اچي وڃن ٿا.

واپار جي واڌاري کي ڏسنديءَ واپاري برادرين هڪ "واپاري ٻوليءَ" کي جنم ڏنو جيڪا انهن جي استعمال ۾ لاڳيتو رهي. هيٺينءَ سطح تي ماپ ۽ تور لاءِ به ٻولي ٺاهي وئي، مثال طور تولو رتي، ماسو ٽوپو چٽي، پراڻ ڪاسو وال وغيره اهڙا اصطلاح آهن. جيڪي نمايان طور واپار لاءِ استعمال ٿيندا هئا. اڄڪلهه انگريزي ماپ ۽ تور وارو نظام ڪتب اچي ٿو ۽ سڄي دنيا ۾ ڳولا ڪيو ويو آهي، پر سنڌ کي اهو اعزاز آهي ته انهيءَ کي ماپ ۽ تور جو پنهنجو نظام رهيو آهي، جيڪو ورهاڱي کان اڳ تائين عام جام هلندو هو ۽ هاڻي به ٻهراڙين ۾ استعمال ٿئي ٿو.

عرب دور کان وٺي ڪلهوڙا دور تائين سنڌ واپار جو اعليٰ مرڪز رهي آهي. عربن، سنڌين ۽ يورپين جي وچ ۾ رابطو سنڌيءَ ۾ نه هو پر واپاري ٻولي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته جيئن لهه وچڙ ٿي سگهي. ڪجهه ماڻهو عربي ڄاڻندا هئا ۽ شعوري ڪوشش سان سيني عربن کي سنڌي سيکاري وئي، ۽ ڪجهه وقت لاءِ واپاري ضرورتن کي پورو ڪيو ويو. يورپي، جن ۾ انگريز پورچوگيز ۽ فرينچ شامل هئا، تن کي سنڌي سيکاري وئي ته جيئن واپار ٿي سگهي. عرب وڏا واپاري هئا. ان وقت ٺٽو وڏو واپاري بندر هو جتان اُهي مالا بار ۽ گلف (نار) طرف واپار ڪندا هئا. عرب ڪاٺ، ڪپڙي ڪاڌي پيتي جي شين ۽ مصالن جو واپار ڪندا هئا.

سنڌي واپاري جن کي "سنڌ ورڪي" سڏيو ويندو هو. تن جو واپار سڄيءَ دنيا ۾ پکڙيل هو. سنڌي پنهنجي دڪان سان يقيني طور مهذب دنيا جي ڏوراهين علائقن ۾ ملي ٿو. سندن موجودگي هر هنڌ ماڻهن جو ڌيان ڇڪائيندي هئي. هنن جي واپار جي تجسس پري طبيعت ڪيترائي سوال اُن ڌرتيءَ بابت اُٿاريندي هئي، جتان هو ايندو هو ۽ اُن ريت سنڌي سموريءَ دنيا ۾ سڃاڻپ بڻيو هو.

جڏهن سماج ٻوليءَ سان مالا مال ٿئي ٿو ته انهيءَ جي جذب ڪرڻ واري صلاحيت ۾ واڌ اچي ٿي. تڏهن ماڻهو هر ميدان ۾ انهيءَ کي استعمال ڪرڻ

۾ ڪابہ ڏکيائي محسوس نٿا ڪن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ صدين کان سنڌ جي ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ کي مڪمل شڪل ڏني. پراڻي دور ۾ سنڌي سماج پاڻ کي واپار ۽ تجارت ۾ مصروف رکيو. واپاري ٻوليءَ جي گهرج موجب انهن ڪي نوان اصطلاح پيدا ڪيا، جيڪي عام ماڻهو سولائيءَ سان سمجهي ٿي سگهيا. اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ واپاري برادري جيڪڏهن ڪو اصطلاح استعمال ڪري ٿي، جيڪو ڪنهن مقصد جي پورائيءَ لاءِ معمولي آهي تہ اهو مونجهاري ۽ پريشانيءَ سان گڏ تضاد جو ڪارڻ بنبو آهي، ان ڪري واپار ۽ حساب جي حوالي سان ڪجهہ ضميما/واڌارا Annexure بہ شامل ڪيا ويندا هئا، جيڪي اهو ثابت ڪندا هئا تہ سڄي دنيا جي واپاري مرڪزن سان جيڪا ڏي وٺ ٿيندي هئي، اها ساڳي سنڌي طريقي سان ٿيندي هئي. جنهن کي سڄيءَ دنيا ۾ واپاري اصطلاح هئا. 16 ۽ 17 صدي عيسويءَ دوران ۽ ان کان پوءِ "هُنڊيون" استعمال ٿينديون هُيون. هُنڊي گشتي بئنڪ جو پهريون ۽ مناسب اقتصادي نمونو هو جيڪو سنڌي سرمائيدارن ايجاد ڪيو هو. اهو هاڻي جديد بئنڪ جي صورت ۾ عالمي طور اهم ۽ اثرائتو ذريعو آهي. هُنڊيءَ ذريعي ايجنٽ يا دلال ملڪ اندر يا ملڪ کان ٻاهر جي حساب ڪتاب کي منهن ڏيندو هو. پئسي جي مٽا سٽا لاءِ ضروري تفصيل واضح طور هُنڊيءَ ۾ لکيل هوندا هئا. هُنڊيءَ جو مارڪيٽ قدر (market value) هوندو هو جن جي قيمت هُنڊيءَ ۾ لکيل رپين برابر هوندي هئي. عام ماڻهو سدائين هُنڊيءَ جي طريقيڪار کي ترجيح ڏيندو هو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سان ڪين ٻين طريقن جي ڀيٽ ۾ پئسا موڪلڻ ۾ تمام گهٽ لاڳت لڳندي هئي.

اهو پئسي جي ڏيتي ليتيءَ جو نظام جڙ تہ واپار جي 'ڪرنگهي جي هڏي' هو. هنڊيءَ جا بہ قسم هئا، هڪ 'درساڻي' ۽ ٻيو 'مُدي' واري. درساڻي هنڊي اهڙو قسم هو جنهن کي ڏيکارڻ کان پوءِ دلال کان پئسا ورتا ويندا هئا. مدي واري هُنڊي بئنڪ ۾ وياج تي پئسا جمع ڪرائڻ جهڙي هئي، جنهن

موجب، رقم ڏيندڙ سيٺ لکت ۾ هڪ ڪاغذ ڏيندو هو جنهن ۾ لکيل هوندو تہ ڪير ڪيترا پئسا، ڪيتري وقت لاءِ ڪيتري وياج تي رکائي ٿو.

جديد دور ۾ بئنڪن ۾ رقم وياج تي رکي ويندي آهي، جنهن موجب هڪ ماڻهو هڪ وقت مقرر وقت تائين رقم معاهدي هيٺ واپس وٺي ٿو پر سيٺ مدي واري هنڊيءَ ۾ اڳ ۾ وياج ڏيندو هو. مثال طور ڪنهن پنج سؤ روپيا جمع ڪرايا ۽ اُن تي وياج اٺ آنا في سؤ هئا، تہ ان موجب وياج پنجن سون تي اڍائي رپيا ٿيندو هو. پئسا جمع ڪرائڻ وقت سيٺ 495 رپيا جمع ڪندو هو ۽ ان تي رپيا اڳواٽ ڏئي ڇڏيندو هو. اهو ڏاڍو دلچسپ طريقو هو جيڪي پئسا سيٺ وٽ جمع ڪرايا ويندا هئا، تن جو عام نالو "ڏراوت" هو. اهڙيءَ ريت ماضيءَ ۾ سنڌي ٻولي واپار جي حوالي سان ناقابل يقين ۽ مالدار هئي ۽ ان جا ڪيترائي اصطلاح استعمال ٿيندا هئا ۽ اڄ تائين ڪم اچن ٿا.

انهيءَ عمل دراصل ڪاروبار ۽ واپار جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ کي سگهارو ڪيو. ڪاروبار جي حوالي سان لفظ "ڏيوالو" عام ڪتب ايندو آهي. اهڙو واپاري، جيڪو اهڙيءَ حالت ۾ ڦاسي پوي، جو پنهنجو قرض نہ ادا ڪري سگهي، انهيءَ کي 'ڏيوالو نڪتل واپاري' چئبو آهي. انهيءَ حالت ۾ عدالت هڪ عملدار رکندي هئي، جيڪو سيٺ جي ملڪيت، اثاثن ۽ واپار جي جانچ ڪندو هو. اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ بعد هُو نيلاميءَ جو بندوبست ڪندو هو. جڏهن سموري ملڪيت وڪامجي ويندي هئي تہ حاصل ٿيل رقم عهديدارن ۾ ورهائي ويندي هئي، انهيءَ ورهاست کي "سڏمي" چئبو هو.

ورهاڱي کان اڳ ۾ سنڌ ۾ ڪاروبار رڪارڊ تمام چڱيءَ ريت رکيو ويندو هو. انهيءَ وقت ماڻهو واپار ۾ مڪمل طور مصروف ۽ واپاري انتظام جي اوچائين تي پهتل هئا. مثال طور هر قسم جي رڪارڊ لاءِ مقامي ٻوليءَ جو اصطلاحن تي مشتمل ڪتاب هوندو هو جنهن ۾ هڪ "آڱت جو ڪوڙو" هو. اهو اهڙو ڪتاب هو جنهن ۾ واپاري مختلف شين جا تفصيل رکندا هئا.

جيڪي هو وڏن واپارين کان خريد ڪندا هئا. ان ۾ اهو ڄاڻايل هوندو هو تہ ڪهڙي شيءِ ڪنهن کان خريد ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ رڪارڊ رکڻ جي وڏي اهميت هئي. جڏهن ڪو بہ انهيءَ جو مطالعو ڪندو هو تہ سنڌي واپاريءَ جي عقل جي ساراهہ کان نہ ڏاپندو. هڪ ٻيو ڪتاب جنهن کي "افائيت جو کوڙو" چئبو هو. اهو اهڙو ڪتاب هو جنهن ۾ وڪري ٿيل شين جا تفصيل ڏبا هئا. جيڪي قرض تي ڏنيون ويندڙيون هيون. ان ۾ قرضيءَ جو نالو بہ ڄاڻايل هوندو هو.

"نقد" پئسي کي واپار ۾ وڏي اهميت آهي. جيڪو ماڻهوءَ جي نقصان ۽ فائدي جو فيصلو ڪري ٿو انهيءَ ڪري واپاري روزانو دڪان بند ڪرڻ کان پهرين پئسا ڳڻيندو آهي. اهو روزمره جو معاملو آهي. انهيءَ لاءِ هڪ ٻيو ڪتاب رکيو ويندو هو جنهن کي مقامي طور روزميل/روڪڙو چئبو هو. واپار جي شين جي خريد. سامان خريد ۽ روڪڙ رقم ڪيتري آئي ۽ وئي. انهي سيني جو کاتو رکيو ويندو هو. اهو رڪارڊ واپاريءَ کي ٻڌائيندو هو تہ هن ڇا ڪيو ڪنهن ۽ ڪيترو انهن ذريعن مان ڪمايو. اها واپاري عشق "ليکي پيڙهہ" سڏبي هئي. اهو ڪتاب مٿي بيان ڪيل ڪتابن "آڳت جو کوڙو"، "افائيت جو کوڙو"، "روزميل" مان تيار ڪبو هو جنهن کي تفصيلي ڪتاب "ليکي پيڙهہ" جو ڪتاب چئبو هو.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ وياج جو تصور بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو پراڻو آهي. خاص طور جڏهن اسين هاڻوڪي وقت ۾ سنڌي واڻين (وٽج ڪندڙ واپارين) جو رڪارڊ ڏسون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وياج جي حساب ڪتاب جو بہ واهپو هو. انهيءَ لاءِ انگريزيءَ بدران عربي (سنڌي) انگ استعمال ڪيا ويندا هئا. واپاري ڪوٺين جي رابطي لاءِ مختلف چارٽ استعمال ٿيندا هئا. ان زماني ۾ شڪارپور ٺٽي کان پوءِ اهم واپاري ۽ ڪاروباري مرڪز هو. ڪيترن ئي سنڌين پنهنجا واپاري مرڪز ۽ ٻئنڪون سنڌ ۽ پوري هندستان ۾ کوليون. جتي تربيت يافتہ ماڻهو موجود

هوندا هئا، جن کي "منشي" چيو ويندو هو. اُهي اقتصادي ۽ مالياتي واپار جي رڪارڊ کي ڏسندا هئا. آهستي آهستي سنڌي واپاري مشهور ٿي ويا ۽ انهن مان ڪيترا روس ۽ بلقان رياستن جي مدد ۽ رهنمائيءَ لاءِ ويا ته جيئن روسي بينڪر پنهنجو واپاري ۽ ڪاروباري نظام تيار ڪري سگهن. انهن روسي رياست جي وڏي خدمت ڪئي. انهن مان ڪيترا اُتي ترسي پيا ۽ ڪجهه واپاري ۽ ڪاروباري جرمني، آسٽريا ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ سنڌي خانه بدوشن جي صورت ۾ سڃاتا وڃن ٿا. اها سنڌ جي ترقي، سنڌن واپار، ڪاروبار، ماليات، ڪاروباري ذهنيت، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ انهيءَ جي استعمال جي نشاني آهي.

سنڌ تمام ڏکيو وقت به ڏٺو. عرب ۽ برطانوي دور ۾ سنڌ سان ظلم عام هو. چاڪاڻ ته سنڌ جو پئسو ۽ وسيلا هتان انهن دورن ۾ ڪڍي ٻاهر ويندا هئا. سنڌ وسيلن جي حوالي سان ڪافي امير ملڪ رهيو آهي. ڪلهوڙا دور سنڌي سماج ۾ تمام سٺو ضابطه اخلاق پيدا ڪيو. انهيءَ دور ۾ پاڻيءَ جا وسيلا ڪئنالن جي صورت ۾ اُسريا ۽ ٻيا گهربل آبپاشي چينل به ٺهيا، جن زراعت ۾ ڪافي مدد ڪئي. تعليم ۽ ٻوليءَ لاءِ به اهو سونهري دور هو. باغ ۽ قلعا تعمير ڪيا ويا. انگريزي ڪارخانن جي پهرين شاخ به ڪلهوڙا دور ۾ ٺٽي ۾ قائم ٿي.

ڪلهوڙا دور جي سؤ سالن کان پوءِ ٽالپر قبيلي جي سنڌ تي سؤ سال حڪومت رهي. ان دور ۾ به واپار هلندو رهيو ۽ ترقي يافته سنڌي ٻولي ماضيءَ جيان هلندي رهي. ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن فارسي ٻوليءَ جو استعمال به ڪيو. جڏهن ته سنڌي ٻولي سنڌ جي اصل ٻولي رهي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن تقريباً ٻن صدين تائين حڪومت ڪئي. انهيءَ دور ۾ به سنڌي ٻوليءَ پنهنجي سُڃاڻپ برقرار رکي. واپارين، رابطي ذريعي پوريءَ دنيا ۾ اقتصادي اصول ۽ بئنڪنگ ذريعي ڪاروبار ۽ واپار کي جاري رکيو. سيٺي "چٺا، ڪنڊا" ۽ "هنڊيون" خاص فارميٽ ذريعي انهيءَ مقصد لاءِ تيار ٿيون.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهو سٺو سنؤڻ هو تہ برطانوي راڄ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي خاص ڌيان ڏنو ويو. برطانيا 1843ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو ۽ انهيءَ جي ذميوار منتظمن، ماڻهن جي زندگيءَ جي هر شعبي تي ڌيان ڏنو. ٻولي تمام اهم سڃاڻپ ۽ ضرورت هئي، جنهن کي برطانوي سامراج سُٺي مدد ڪئي. سر بارٽل فريئر ۽ سر ايلس بيرو ۽ پوءِ سنڌ جي ٻين ڪمشنرن، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. انهن ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو معيار مقرر ڪيو ۽ عربيءَ لپيءَ جي چونڊ ڪئي. انهيءَ ڳالھ واپارين لاءِ وڏيڪ آساني پيدا ڪئي ۽ هو سڄيءَ دنيا سان سڌريل سنڌي ٻوليءَ وسيلي رابطو ڪرڻ لڳا. هتي اهو بہ ٻڌائڻ اهم آهي تہ سنڌي واپاري، جيڪي سموريءَ دنيا ۾ پکڙيل هئا، اهي پاڻ ۾ سنڌيءَ جي ديوناگري لپيءَ ۾ رابطو ڪندا هئا. سر بارٽل فريئر برطانوي آفيسرن لاءِ سنڌ ۾ ملازمت دوران سنڌي سکڻ ۽ خاص امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏئي ڇڏيو. جيڪي اهو امتحان پاس ڪندا هئا، تن کي ترقيون ملنديون هيون ۽ سنڌ ۾ خاص انتظامي حوالي سان اهم جايون ڏنيون وينديون هيون. اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي ڊڪشنريون ۽ گرامر تيار ڪيو. ان کان سواءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جرمن اسڪالر برطانوي تنظيمن سان ملي، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر تيار ڪيو. ان ڏس ۾ سربارٽل فريئر جو ڪردار بہ ساراهہ جوڳو آهي.

شاهدين جي دستيابيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيتوڻيڪ انهيءَ وقت ٻوليءَ کي جديد ڪرڻ لاءِ طريقا (Techniques) دستياب نہ هئا، پوءِ بہ انهن پنهنجو ڪردار نڀايو ۽ "واپاري برادريءَ" جي ضرورتن کي پورو ڪيو.

پراڻن واپارين، جن 1930ع ۽ 1940ع ڌاري واپار ۾ حصو ورتو. تن جي انٽرويوئن ۽ ساروڻين مان خبر پوي ٿي تہ سموريءَ سنڌ ۾ واپار جي ڏيتي ليتي سنڌيءَ ۾ ٿيندي هئي ۽ سڄو پراڻو رڪارڊ ۽ رجسٽر سنڌيءَ ۾ هئا، انهن مان ڪجھہ اڄ بہ ڪٿي نہ ڪٿي موجود آهن.

جيئن مٿي بيان ٿي چڪو تہ برطانوي راڄ سنڌ لاءِ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيو. بمبئي حڪومت ابتدا ۾ ٻوليءَ جي اوسر لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون، جنهن ۾ واپار جو طريقہ ڪار بہ شامل هو.

ان ريت سنڌي ٻولي، ڪاروباري ٻوليءَ طور بهترين نموني اُسري 1928ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻيءَ جي درخواست تي سنڌيءَ کي گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن لاءِ قبول ڪيو جنهن تي اسڪالر خوش ٿيا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت تي زور ڏنو ڇو تہ هن ترقي ڪندڙ ٻوليءَ ۾ ميٿاميٽيڪل سائنس جي ڪتابن جي ضرورت هئي. اهي سنڌي جيڪي انگريزي پڙهي نہ ٿي سگهيا، تن کي سنڌيءَ ۾ مختلف امتحان پاس ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ اهڙيءَ طرح اهي نوڪرين وٺڻ جي قابل ٿيا. هڪ اميد اها بہ پيدا ٿي تہ ٻولي واپار جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي هي اهو وقت هو جڏهن سنڌ ۾ "هٽڪي سنڌي" (واڻڪا اکر) استعمال ٿيندي هئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بدقسمتي ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿي. ورهاڱي جي نتيجي ۾ سنڌي واپاري ۽ سنڌي وچيون طبقو وڏي تعداد ۾ هندستان لڏي ويو. جنهن سان واپار/ڪاروبار ۽ ٻوليءَ کي وڏو ڌڪ رسيو. انهيءَ برادريءَ جي جاءِ هندستان مان آيل اردو ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ برادرين والاري، جنهن مان اڪثر سنڌ ۾ رهيا ۽ انهن جي ٻولي سنڌي ڪانہ هئي.

پاڪستاني حڪومتن جي اڪثر پاليسين سنڌي ٻوليءَ سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ برقرار رکيو جنهنڪري سنڌي ثقافت کي نقصان ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جي ڪاليجن، اسڪولن ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تدريس کي ڌڪ رسيو. پاڪستان جي شروعاتي دور ۾ ڪراچيءَ جي 500 سنڌي اسڪولن کي هڪ ڌڪ سان بند ڪيو ويو. يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي پڙهائي ختم ڪئي وئي. ڪراچي سنڌ جي گاديءَ جو شهر هو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي اوسر لاءِ مدد ڪري پئي سگهيو. پاڪستان سرڪار ڪيترا

ايڪٽ ۽ ڪميشنون تعليمي پاليسيءَ جي سڌاري لاءِ مقرر ڪيون، پر سنڌي، سنڌ ڌرتيءَ جي ٻولي هوندي بہ پاڪستان جي ٻين مادري ٻولين وانگر نظر انداز ڪئي وئي ۽ فقط اردوءَ کي سرڪاري ۽ قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. ڪجهہ ئي ڏهاڪن کان پوءِ جيڪي ميل جا پٿر، بورڊ ۽ روڊن رستن، اسٽيشنن جا نالا وغيره، ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ لکيل ڏسبا هئا، انهن جي جاءِ تي اردوءَ کي ڪم آندو ويو. اهو ٻوليءَ لاءِ ڪاپاري ڌڪ هو ۽ اهو رويو اڃا تائين جاري آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خاصيت آهي تہ اها جديد دور جي هڪ جديد واپاري ٻولي ٿي سگهي ٿي. اهو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن وقت جي سرڪار مڪمل سهڪار ۽ دلچسپيءَ سان واپاري سرگرمين سميت سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ تي ڌيان ڏئي. اڄ جي جديد ڪمپيوٽر ۽ اِاي ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ سنڌي دنيا جي ٻين ترقي يافتہ ٻولين جي صف ۾ بيٺي آهي. سنڌيءَ 1988ع کان ڪمپيوٽر تي موجود آهي. سنڌي ۾ اي ميل ويب سائيٽون ۽ انٽرنيٽ جو ٻيو ونهوار بہ هلي ٿو. سموريون سنڌي اخبارون اِاي ٽيڪنالاجيءَ وسيلي ڪمپيوٽر تي نڪرن ٿيون. سنڌي عدالت جي ٻولي بہ آهي. ٽي آر سومرو ۽ جي القمري جڪي يو. اي اِاي ۾ ٽيڪنالاجيءَ جا مرڪز آهن، انهن جو خيال آهي تہ انٽرنيٽ زندگيءَ جو طريقڪار تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اسان جا رابطا ۽ واپاري ذريعا تبديل ٿي چڪا آهن. سڄي دنيا سان براڊ ڪاسٽنگ سيڪٽر ۾ يا معلومات ۽ ماڻهن جي وچ ۾ رابطو هاڻ بنا ڪن جاگرافيائي فاصلن جي ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ انهيءَ ڳالهہ کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن جي گهڻائي انگريزي نہ ڳالهائيندڙ پنهنجي مقامي سائيٽن تي ۽ اي ميل ذريعي پنهنجي ٻوليءَ جو عام استعمال ڪن ٿا. اهڙي ڪوشش اڳواٽ ئي چينين، جاپانين، ڪورين، عربي ۽ ٻين ٻولين لاءِ استعمال ڪئي وئي آهي. انٽرنيٽ تي ٻولين لاءِ برابريءَ وارو رويو آندو وڃي ۽ انگريزي نہ ڳالهائيندڙ کي اهو حق آهي تہ هو پنهنجين ٻولين ۾ انٽرنيٽ استعمال ڪن.

سنڌي اڳ ۾ ئي IDNS انٽرنيشنلائيز ڊومين سسٽم تي آهي، ۽ اها فرينچ، انگريزي، اردو ۽ عربيءَ وانگر ٽاپ ليول ڊومين تي آڻي سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري صوبي ۾ واپار ۽ ڪاروبار کي وسعت ڏيڻ ۾ مدد ملندي ۽ ملڪ ۾ جتي به سنڌي واپاري برادري آهي، انهيءَ کي هڪ نئون گس ملندو. تازو پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ڪري واپار جا مختلف اشتهار سنڌيءَ ۾ اچڻ شروع ٿيا آهن. پر انهيءَ کي وڌيڪ اثرائتو ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ سرڪار طرفان هدايتون جاري ٿيڻ گهرجن.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ٻولي، واپار ۽ ڪاروبار لاءِ تڏهن ئي استعمال ٿيندي، جڏهن ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ڪاروبار ۽ واپار ۾ هوندا ۽ پنهنجي ٻولي ۾ تعليم حاصل ڪندا. لفظ اصطلاح، محاورا وغيره تڏهن ٺهندا آهن، جڏهن انهن جي ضرورت هوندي آهي. سنڌي ڪاروباري ۽ واپاري لفظن جي تياري، اُن وقت تائين نه ٿي سگهندي، جيستائين سنڌيءَ کي تعليمي ذريعي طور وسيع نٿو ڪيو وڃي. سنڌي درس ۽ تدريس جو عمل ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيو آهي. جيستائين سنڌي تدريس اثرائتي ۽ ڀرپور نٿي ٿئي، ان وقت تائين باقي ڪوششون گهٽ حاصلات ڏينديون، ڪي اثرائتا نتيجا نه ملي سگهندا.

مٿين ڳالهين جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مستقبل ۾ 'هڪ واپاري ٻولي' بنائڻ لاءِ ڪجهه مشورا هيٺ ڏجن ٿا:

1. پاڪستان سرڪار کي سنڌيءَ کي قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي دفترن ۽ تعليمي تدريسي استعمال لاءِ مؤثر قدم کڻي.
2. سنڌ ۾ رهندڙن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم لازمي قرار ڏني وڃي.
3. سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ ۾ هڪ تحقيقي ۽ امپليمينٽيشن سيل ٺاهيو وڃي، جيڪو اهو ڏسي ته سنڌي ٻوليءَ کي واپاري ٻولي بنائڻ لاءِ مڪمل ڪوششون ورتيون وڃن ٿيون يا نه. ان ڏس ۾ ورڪ پلان ۽ پراجيڪٽ تيار ڪيا وڃن، اڪثر فنڊ انهيءَ مقصد لاءِ ڏنا وڃن. اهو پراجيڪٽ ڏهن سالن لاءِ هجي.

4. ٻوليءَ جي ماهرن کي واپاري ڄاڻن سان گڏجي سنڌي ٻوليءَ ۾ واپار ۽ ڪاروبار لاءِ لفظن جا ذخيرا تيار ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

5. "سنڌي واپاري ٿيسارس" تيار ڪئي وڃي.

6. سنڌي ٻوليءَ کي واپاري ٻولي ڪرڻ لاءِ ماهرن جي مدد سان لغت تيار ڪئي وڃي، جنهن جو نالو "سنڌي واپاري لغت" هجي، جنهن ۾ ڪاروبار جا سمورا اصطلاح ڏنا وڃن.

7. اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ پرائيويٽ شعبي ۾ ٻوليءَ جي واپار ۽ ڪاروباري استعمال لاءِ اهڙن ماهرن جي ڪميٽي جوڙي وڃي، جن ۾ ٻوليءَ ۽ واپار جا ڄاڻو موجود هجي.

8. واپار ۽ ڪاروبار جا سنڌيءَ ۾ مضمون متعارف ڪرايا وڃن. ياد رهي ته اڳ ۾ اها ڳالهه عام هئي ته شاگرد پرائمري پاس ڪندو هو ته ڪيس اهڙو سرٽيفڪيٽ لازمي حاصل ڪرڻو پوندو هو. واپار ۽ ڪاروبار ۽ ضرورت کي سڄي ملڪ ۾ ترقي وڌائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن، جنهن سان واپاري برادرين ۾ ميل جول وڌندو ۽ نتيجي طور سنڌي ٻوليءَ ۾ واپاري لفظ ۽ اصطلاح وڌندا.

9. جديد مارڪيٽ/واپاري اصطلاح سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرائي ڇپرايا وڃن.

10. 1972ع جي ٻوليءَ واري ائڪٽ ۾ ترميم ڪري، حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي مقامي سطح تي واپاري ٻوليءَ طور استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏئي.

11. واپار ۽ ڪاروبار بابت سنڌيءَ ۾ ڪتاب ڇاپيا وڃن، پوءِ پلي اهي ترجمي يا طبعزاد صورت ۾ هجن.

12. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي واپار جي اصطلاحن جو هڪ سنڌي سافٽ ويئر تيار ڪيو وڃي ته جيئن واپاري برادري ملڪ کان ٻاهر به هڪٻئي سان رابطو ڪري سگهي.

13. حڪومت سنڌ، اطلاعات کاتي سنڌ کي هدايتون ڏئي ته اهو اشتهار ٽينڊر يا ڪاروباري/واپاري/صنعتي اعلان مواد ۽ نوٽيس سنڌيءَ ۾ شايع ڪرائي.

14. سنڌي لٽنگشيج اٿارٽيءَ کي سرڪاري مدد ڏني وڃي ته جيئن هيٺوين چڙن بلن ۽ فنانشل انٽرمينٽ سنڌيءَ ۾ ڇپائي.
15. واپاري حسابي چارٽ جو مضمون پرائمريءَ کان مشترڪ تائين متعارف ڪرايو وڃي.
16. حڪومت کي صنعت ۽ واپار کي جٽادار ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ صنعت لاءِ تعميري ماحول جوڙڻ گهرجي.

## مددي ڪتاب


1. C. L. Mariwala History of Commerce of Sindhi from Early Times to 1526 A.D. Institute of Sindhology. University of Sindh, Pakistan 1981.
2. U. T. Thakur: Sindhi Culture, University of Bombay- India Sociology Series No. 9. 1959.
3. Zulfiqar Halepoto; Sindhi: Politics, People and Development, Sindhica Academy, B.24 National Auto Plaza Marston Road, Karachi, Pakistan, 2008.
4. Wazira Fazila Yaqoob Ali Zamindar, The Long Partition and the Making of Modern South Asia REFUGEES_ Boundaries, Histories, Oxford University Press, Karachi, 2008.
5. Prof. Dr. Ghulam Ali Allana; The Origin and Growth of Sindhi Language, Institute of Sindhology, Allama. I. I. Kazi camps, University of Sindh, Jamshoro, Sindh Pakistan, 2008.
6. Aslam Abbasi Mian Ghulam Shah Kalhoro (Sindh jo Shahjahan), Abbasi Kalhora Ittehad, Hyderabad, Sindh, Pakistan, 2002.
7. Dr. H.T. Sorley (CSI_CIE_D. litt_FRSA_ICS_RTO); The Gazetteer of West Pakistan. The Former Province of Sindh, (Including Khairpur State). Under the Authority of West Pakistan.
8. Alexander Burnes; Travel to Bookhara Extracts Relating to Sindh 1931, Vol_1.
9. M.K. Jetley, Sindhi Saahat Ji Jhalak (Tehqiqi ain Tanqeedi Mazmoon), Akhil Bhartiya Sindhi Sahitya,_ Vidvet Parshad D_127 Vievek Vihar Dehli_11095.

10. Prof. Riaz Siddiqui Shikarpur Aur Hyderabad Ke Taajir (1750_1947), Fiction House_18, Mzding Road Lahore, 2004.
11. Hyder Bux Jatoi; Statement of Accused, Baba-e-Sindh Hyder Bux Jatoi Academy, Hyder Mehfil, Hyderabad, Sindh Pakistan 1997.
12. Parmanand Mevaram; A New English_Sindhi Dictionary, Sahtiya Academy, New Dehli, India.
13. Kalyan Addvani; Shah jo Risalo, Fiction House, Lahore, Pakistan 2002.
14. Dr. S. P. Chablanj; Economic History of Sindh (1592_1884), Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh Pakistan, 1995.
15. Ram Bukhshani; 'Aakkera Aakass Men', Sindhi Academy. Dehli, India, 2005
16. Dr. Anwar Figar Hakro 'Sindh ji Tareekhi Sheran ji Tawareekh', Roshini Publication Kandiaro. 2005.
17. Rahim Dad Khan Molai Shedai; 'Jant-ul-Sindh', Sindica Academy, B-24, National Auto Plazza, Marston Road, Karachi.
18. Buddha Prakash; Rgveda and The Indus Valley Civilization, Dev Datta Shastri at the V. VJLI. Press Hoshiapur, India. 1966.
19. Lakshman Khoobchandani; 'Sindhi Samaaj ain Bhaasha Viggian', Vishal Enterprises, Ulhasnagar, 4210032001
20. 1.Dia Ram Wassanmal Mirchandani (BA) 2. Laila Ram Premchand Wadhwani (BA); Bombay Ilaike jo Sarkari Taaleem Khaato (Dehi Hisaab), Mohan Lal Pokardas Publisher & Book Seller Hyderabad Sindh. 1939.
21. Mubarak Ali; A Scoial and Cultural History of Sindh, Fiction House.18 Mozang Road Lahore.
22. Tariq Rehman: Language and Politics in Pakistan, Oxford Unviersity Press Karachi, 1996.
23. Hamida Khuhro 'Sindh through the centuries'; Oxford University Press Oxford. New York. Dehli, 1981.
24. Dr. Fahmida Hussain, Sindh Past, Present and Future, Shah Abdul Latif Bhittai Chair University of Karachi.
25. Dr. Hatim Jatoi; BABA-E-SINDH. Hyder Bux Jatoi Introduction

and Extract from his writings, Allied Printing Corporation, Gari Khata Hyderabad Sindh Pakistan 1996.

26. Dr. Habibullah Siddiqui Education in Sindh, past and Present Institute of Sindhology, Jamshoro.

27. سنڌ جي تاريخي ۽ تحقيقي جاءِ، مارئي سماجي سنگت عمر مارئي، ڳوٺ ملير، ڪراچي، 1997.

28. سمپادڪ ڪيرت ٻاٻاڻي, Printed by Kaushal Printing Press, Dayannad Market Bombay 1986.

29. ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي ۽ ليلارام پريم چند واڌواڻي، ڏيهي حساب 1939ع، مدن لعل پوڪرداس، پبلشر ۽ بڪ سيلر، حيدرآباد.

# ون يونٽ دؤر ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم

علم سياسيات ۽ سماجيات جي روشني ۾ ٻولي، ادب ۽ تعليم قومن جي وجود جي بقا ۽ سڃاڻپ جو سڀ کان اهم وسيلو هجن ٿا. تنهنڪري ئي قديم دؤر کان وٺي سنڌ پنهنجي ٻولي (سنڌي) ۽ علم ادب جي حوالي سان ننڍي کنڊ جي ٻين پرڳڻن کان منفرد ۽ ممتاز حيثيت جي مالڪ پئي رهي آهي. موئن جي دڙي جهڙي اوائلي تهذيبي مرڪز مان مليل مهرون، قرآن مجيد جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو ٿيڻ، قاضي قادن کان وٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تائين سرجيل شاهڪار شاعري، ٺٽي، نصرپور، روهڙي، شڪارپور ۽ ٻين شهرن جو تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ تعليمي ۽ علمي ادبي مرڪز هجڻ ان ڳالهه جا پڌرا ثبوت آهن. تاريخ جا ورق ان ڳالهه جي شاهدين سان ڀريا پيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ان تاريخي قدامت، علمي، ادبي ۽ تعليمي ۽ تدريسي حيثيت ۽ اهميت کي نظر ۾ رکندي انگريزن ان جي لپي (script) کي سهيڙي، سموهي ۽ معياري بنائي نه رڳو ان جو هڪ مربوط تعليمي ۽ تدريسي سرشتو جوڙيو پر ان کي دفتري ۽ سرڪاري زبان جو درجو پڻ ڏنو جيڪا ان جي شايانِ شان مڃتا هئي. پر انگريزن جي وڃڻ ۽ 1947ع جي ورهاڱي بعد ان جي حيثيت کي گهٽائڻ جي سازشن جي شروعات ٿي ۽ اهڙا قدم کنيا ويا، جيڪي سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم لاءِ ڪاپاري ۽ هاڃيڪار هئا. جهڙوڪ:

1. پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن جي زبانن کي قومي زبانن جو درجو ڏيڻ بدران 1948ع ۾ اردوءَ کي ئي قومي زبان جو درجو ڏنو ويو.
2. سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ کي انتظامي طور سنڌ کان ڌار ڪري اُتي قائم ٿيل سوين پرائمري، مڊل، هاير (گرلز ۽ بوائز) اسڪولن ۽ ڪاليجن مان اڪثر کي يا ته بند ڪيو ويو يا انهن کي اردو ميڊيم ۾ بدلايو ويو.
3. انگريز دؤر ۾ سائين جي. ايم. سيد، ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه دائود پوٽي،

پير الاهي بخش ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي ۽ ٻين سنڌي اڳواڻن جي ڪوشش سان سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيل سنڌ يونيورسٽيءَ تي قبضو ڪري ان کي ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جو نالو ڏيئي سنڌ يونيورسٽيءَ کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو.

4. 1955ع ۾ ون يونٽ ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ويو ان جي آئين يعني 1956ع واري آئين ۾ پاڪستان جي ٻين قومن جي ٻولين سان سنڌي ٻوليءَ تي پڻ حملو ڪيو ويو جنهن جو اظهار ان جي هيٺين شق سان ٿئي ٿو:-

حصو ٻيو (بنيادي حق) آرٽيڪل 19 پاڪستان يا ان جي ڪنهن به حصي ۾ رهندڙ شهرين جو اهڙو گروهه، جنهن کي پنهنجي الڳ زبان، رسم الخط يا ثقافت آهي، ان جو بچاءُ سندن حق آهي.

حصو ٽيون (تجويز ڪيل عام اُپاءُ General Provision)

آرٽيڪل-122

1. اسلامي مملڪت پاڪستان جي سرڪاري زبان اردو ۽ بنگالي هوندي پر انگريزي آئيني طور اڄ ڏينهن کان بلڪل اهڙي ئي نموني سيني سرڪاري ڪمن لاءِ ايندڙ 20 سالن تائين استعمال ٿيندي، جهڙي نموني هن آئين کان اڳ ۾ پاڪستان ۾ استعمال ٿيندي هئي. انهيءَ مدت گذرڻ بعد پارليامينٽ قانون ذريعي انگريزيءَ جي استعمال جي ڪن مقصدن لاءِ جنهن جو ذڪر ان قانون ۾ ڪيل هوندو، اجازت ڏيئي سگهي ٿي.

ڏهه سال گذرڻ بعد صدر هڪ ڪميشن مقرر ڪندو جيڪا انگريزيءَ کي هٽائڻ (Replacement) متعلق سفارشون پيش ڪندي

2. هي آرٽيڪل ڪنهن به صوبائي حڪومت کي انهيءَ مدت جي خاتمي کان اڳ به انگريزيءَ کي هٽائي ڪنهن سرڪاري زبان کي لاڳو ڪرڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿيندو.

3. انهيءَ آئين ۾ سنڌي، بلوچي ۽ پشتو کي انهيءَ لائق نه سمجهيو ويو جو

انهن جو اشاري طور ذڪر ڪجي. اهڙي نموني ون يونٽ جي 1956ع واري آئين ۾ ٻن پرڏيهي ٻولين (اردو ۽ انگريزي) کي تہ اهم ڄاڻايو ويو پر هن ملڪ ۾ رهندڙ قومن جي تاريخي ورثي يعني سندن ٻولين کي ذڪر جوڳو نہ سمجهيو ويو تہ جيئن اُهي سرڪاري، نصابي ۽ ميڊيا مان بيدخل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي موت پاڻ مري وڃن.

4. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ باوجود ڪراچيءَ جي اڪثريتي آبادي جيئن تہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هئي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن جو چڱو خاصو تعداد موجود هيو پر پوءِ بہ يونيورسٽيءَ جي متعصب انتظاميہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبو قائم نہ ڪيو نہ رڳو اِهو پر 1956ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي امتحان جي ذريعي واري حيثيت کان پڻ محروم ڪرڻ جا احڪام جاري ڪيا ويا. ان فيصلي خلاف ڪراچيءَ جي سيني شاگردن (جيڪي ڪراچي يونيورسٽي، ايس. ايم. ڪاليج، ڊي جي سائنس ڪاليج، اين.اِي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج، گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج، ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۽ ايس. ايم. لا ڪاليج سان لاڳاپيل هئا) زبردست احتجاج ڪيو ۽ پنهنجن مطالبن ۾ ڄاڻايو تہ:

”جيو وڃي ٿو تہ سنڌي زبان اجا انهيءَ لائق نہ ٿي آهي، جو اُن کي يونيورسٽي امتحانن ۾ جوابن لکڻ جو ڪامياب وسيلو سڏي سگهجي. سوال ٿو اُٿي تہ سنڌي زبان جي انهيءَ لياقت يا عدم لياقت جو فيصلو ڪيئن ڪري سگهبو؟ جيستائين ڪراچيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي موجود هئي، تيستائين تہ اسان جي زبان جي خلاف ڪڏهن بہ اهڙي قسم جو اعتراض ڪنهن بہ ڪونہ اُٿاريو. انهيءَ (سنڌ) يونيورسٽيءَ کي اڄ بہ اسان جي زبان جي انهن لياقتن ۾ پورو پروسو آهي. ڪراچي يونيورسٽي پاڻ بہ شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين (1956ع تائين)، سنڌي زبان کي امتحاني زبان جي حيثيت ۾ قائم رکندي پئي آئي آهي.

بهرحال اسان سنڌي شاگرد، جن جو ان ڳالهه سان سنئون سڌو واسطو آهي، سي تہ امتحانن ۾ پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ سنڌي زبان جي صلاحيت ۾ ڪنهن بہ قسم جو شبهو ڪونہ ٿا رکون. عين ممڪن آهي تہ اسان جا اهي غير سنڌي محترم ٿي هجن، جن کي اسان جي زبان، يونيورسٽي امتحانن لاءِ، اڻپوري ۽ اڻسڌريل نظر آئي هجي. انهيءَ خيال ۾ هو واقعي حق بجانب ٿي سگهن ٿا، ڇو تہ هر ڪا زبان، هر انهيءَ شخص کي، جو اُن زبان ۾ لکي پڙهي نٿو سگهي، ائين ئي نظر ايندي

اسان هن ڳالهہ تي بہ احتجاج کان ڪنهن بہ صورت ۾ پاڻ کي روڪي نٿا سگهون تہ پاڪستان جي دستور ۾ اسان جي زبان جو نالو بہ داخل نہ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ظاهر ظهور زورآوريءَ خلاف، ۽ سنڌي زبان کي آئيني طور مغربي پاڪستان جي هڪ سرڪاري زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ اڳ ۾ ئي، ڪراچيءَ ۽ سنڌ ۾ هڪ زوردار عوامي هلچل هلي رهي آهي، ۽ صحيحن جي دستاويز تي لکن جي تعداد ۾ صحيحون بہ ملي چڪيون آهن (2). سنڌ جي سيني ميونسپالٽين، لوڪل ڪائونسلن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين پبلڪ ادارن ۽ سنڌ جي سيني اخبارن، اُن مطالبي جي پرزور حمايت ڪئي آهي، ۽ اسان کي فخر آهي تہ اسان ڪراچيءَ جا سنڌي شاگرد بہ ان عوامي تحريڪ جا دليون جانيون حمايتي آهيون. ساڳئي وقت پاڪستان جي دستور ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري حيثيت نہ ملڻ جي اها تہ معنيٰ نہ آهي تہ ڪي شخص توڙي يونيورسٽيءَ جهڙا پبلڪ جي پئسن تي هلندڙ ادارا، جاٽي واٽي، اُن کي نڌڻڪو سمجهي، هيسائي ۽ ٻوسائي مارڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪن.

ڪراچي شهر ۾ اڳ ۾ ئي سنڌي پرائمري اسڪول بند ڪري، سنڌي ڳالهائيندڙ رهاڪن کي هر ممڪن طريقي سان پنهنجن ٻارن کي اردو پرائمري اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ تي مجبور پيو ڪيو وڃي. "ڪراچي

سيڪنڊري بورڊ" وارن پڻ پنهنجي دائري اندر اسڪولن جي تعليمي نصاب ۾ اردو تہ سڀني شاگردن لاءِ لازمي ڪري ڇڏي آهي، پر سنڌي رڳو سنڌين لاءِ بہ لازمي قرار نہ ڏني اٿن." (سہ ماهي "مهراڻ" جلد 2_ 1956ع)

(4) جنوري 1957ع ۾ محترم سائين جي. ايم. سيد جو "مغربي پاڪستان جي وحدت تي هڪ سربستي نظر" جي عنوان سان هڪ مضمون نئين سنڌ" اخبار ۾ ڇپيو جنهن ۾سائين ڄاڻايو تہ: "ون يونٽ ٺيڻ شرط سنڌ جي تعليم کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. پنجاب ۾ 500 اسڪولن کولڻ جي تجويز آهي، پر سنڌ ۾ صرف 30 اسڪولن کولڻ جي سوال تي غور ٿي رهيو آهي. سنڌ سرڪار جو (ون يونٽ کان اڳ) پروگرام هو تہ هر سال هر ضلعي جي هڪ تعلقي ۾ هاءِ اسڪول کوليو ويندو. اهڙيءَ طرح هر ضلعي ۾ هڪ هڪ ڪاليج کولڻ جي تجويز هئي. يونيورسٽي ٺاهڻ لاءِ پڻ ضروري رقم ملڻ واري هئي. هڪ اعليٰ لائيبرري حيدرآباد ۾ کولي ان جون شاخون هر تعلقي جي هيڊ ڪوارٽر ۾ کولڻيون هيون. سڀ پرائمري اسڪيمون خاڪ ۾ ملي ويون. (چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون_ جي. ايم. سيد، ص. 140_139)

(5) آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ ۾ فوجي حڪومت جي شروعات ٿي، جيڪا سنڌ لاءِ هڪ ڪاري دؤر جي شروعات هئي. محترم الانا صاحب ڄاڻايو آهي تہ: "سنڌ يونيورسٽي جنهن ۾ غير سنڌي دان شاگردن کي سنڌي زبان جو هڪ پيپر لازمي طور پڙهڻو پوندو هو حيدرآباد سنڌ جي ڊپٽي مارشل لاءِ ائڊمنسٽريٽر جنرل ٽڪا خان جي حڪم تي ختم ڪيو ويو. انهيءَ حڪم نامي تي اعتراض ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسلر علامہ آءِ آءِ قاضي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني. (غلام علي الانا_ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا_ ص 370)

ياد رهي تہ هيءَ اهو ئي جنرل ٽڪاخان هو جيڪو بعد ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي عهديدارن ۾ شامل رهيو.

الاتا صاحب وڏيڪ لکي ٿو تہ: "ايوب خان جي تعليمي ڪميشن جي رپورٽ موجب انهن ٻارن لاءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ختم ڪئي وئي، جن جي مادري زبان سنڌي هئي. انهيءَ قدم تي سڄي سنڌ ۾ گوڙ شروع ٿي ويو هر هنڌان آواز اُٿيو. سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ "سنڌي زبان سوسائٽي" ٺهي. (حوالو ساڳيو۔ ص 370).

(6) مٿي ڄاڻايل مسئلن سبب سڄي سنڌ صدا ۽ احتجاج ٻڌيل هئي، پر فيل مست سرڪار انهن ظلمن جي خاتمي بدران محمد شريف نالي هڪ ڪاموري (تڏهوڪي سيڪريٽري تعليم) جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي تہ اُها تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري خاطر سفارشون تيار ڪري. ان ڪميشن جيڪي سفارشون پيش ڪيون انهن تي تبصرو ڪندي محمد ابراهيم جويي صاحب، سليم احمد جي هڪ فرضي نالي سان پمفليٽ لکيو جنهن ۾ لکيائين تہ:

"1959 ۾ قومي تعليمي ڪميشن، پنهنجي مشهور معروف رپورٽ تيار ڪئي، جنهن ۾ سواءِ ڪنهن رک رکاءَ جي، ٻنهہ ڳُلو ڪلايو سفارش ڪئي وئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي آهستي آهستي اهڙيءَ طرح نيست ۽ ناڪام بنايو وڃي، جو اها ڏُرڪي ڏُرڪي، وڃي رڳو پنجين پرائمري ڪلاس تائين تعليمي ذريعو رهي، ۽ ٿيندي ٿيندي نوبت ايستائين وڃي پهچي، جو ڳالهائڻ جي ٻولي پڻ، سنڌي جي بدران بدلجي اردو ٿي پوي، ۽ بقول ڪميشن رپورٽ جي، انهيءَ نموني آخر اردو وڃي، هن ايراضيءَ جي عام مقبول ٻولي ٿيندي"

(سليم احمد "اولهہ پاڪستان جي ٻولين جو مسئلو" ، حيدرآباد، مئي 1967ع۔ ص 1)

ايوبي تعليمي ڪميشن جي انهن هاڃيڪار سفارشن خلاف باوجود مارشل لا ۽ فوجي حڪومت جي سنڌ جي تعليمي ماهرن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ دانشورن شديد احتجاج ڪيو. سنڌي ادبي سنگت ان سلسلي

۾ تمام گهڻي سرگرم رهي. سنڌي اخبارن نهايت زوردار ايڊيٽوريل لکيا. سنڌي زبان سوسائٽي، جيڪا سنڌي عالمن ۽ اديبن 1959ع ۾ ٺاهي وئي هئي، ان جي پليٽ فارم تان هڪ عرضداشت پڻ مرتب ڪئي وئي، جيڪا ٽنڊوڪي وزير ذوالفقار علي ڀٽي معرف جنرل ايوب خان کي پيش ڪئي وئي. سوسائٽيءَ جو هڪ وفد مرڪزي وزير تعليم حبيب الرحمان سان پڻ حيدرآباد ۾ مليو. سنڌي زبان سوسائٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران ماڻهن کان صحيحون وٺڻ جي مهم پڻ هلائي وئي. آخرڪار حڪومت ڪنڌ جهڪايو ۽ 3 آڪٽوبر 1962ع تي مرڪزي حڪومت هڪ آرڊيننس ذريعي سنڌي زبان کي ٻارهين تائين ذريعه تعليم طور قبول ڪيو.

(7) 1962ع ۾ مغربي پاڪستان صوبي جي پنجاب ۽ سرحد جي علائقن جي ڪامورن کي وڏي پئماني تي سنڌ ۾ بدلي ڪري آندو ويو ۽ سنڌي ڪامورن کي پنجاب ۽ سرحد ڏانهن بدلي ڪيو ويو جنهن جا اُگرا اثر سنڌ جي ٻين شعبن سان گڏو گڏ تعليمي ادارن تي به پيا، جنهن ڪري حيدرآباد جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن لاءِ داخلا جا دروازا بند ٿي ويا. ٽني ڪاليجن ۾ اولهه پاڪستان اوپن ميرٽ جي بنياد تي داخلا شروع ڪئي وئي، جنهن ڪري سنڌ جا شاگرد پنجاب جي شاگردن سان ميرٽ تي مقابلو نه ڪري سگهيا ۽ اهڙيءَ طرح لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ به سنڌي شاگردن جي داخلا جا دروازا بند ٿي ويا. (الانا صاحب- حوالو ساڳيو- ص. 376_375)

(8) 1966ع ۾ ون يونٽ سرڪار سنڌي زبان کي هميشه هميشه ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڳي کان به وڌيڪ هوشياريءَ ۽ چالاڪيءَ سان قدم کنيا. ان وقت سنڌ ۾ ٽي جامع (comprehensive) هاءِ اسڪول کوليا ويا. انهن اسڪولن ۾ فقط اردو کي ذريعه تعليم بنايو ويو. انهن اسڪولن ۾ اهي شاگرد جن جي مادري زبان سنڌي هئي، تن لاءِ اردو زبان کي ذريعه

تعليم طور لازمي مقرر ڪيو ويو. (الانا صاحب، حوالو ساڳيو. ص 376)

(9) 1967ع ۾ حيدرآباد جي تڏهوڪي متعصب اردو ڳالهائيندڙ ڪمشنر مسرور حسن خان ياران سنڌ يونيورسٽيءَ جي انتظامي ڪمن ۾ دخل اندازي ڪرڻ ڪري سنڌ يونيورسٽي جي تڏهوڪي وائيس چانسلر پروفيسر حسن علي عبدالرحمان سان سنڌس اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري وي سيءَ کي نہ رڳو هٽايو ويو پر ڪيس پوليس جي پهري ۾ يونيورسٽيءَ کان پري ٺٽي پهچائي ڪراچيءَ روانو ڪيو ويو. جنهن ڪري شاگردن ۾ ڪمشنر خلاف سخت تاءُ پکڙيل هو.

(10) 4 مارچ 1967ع تي هڪ اهڙو واقعو پيش آيو جنهن سڄيءَ سنڌ جي شاگردن جي جذبن کي جهنجهوڙي ڇڏيو. ان ڏينهن حيدرآباد کان ڄامشوري ويندڙ روڊ تي هالٽوڪي راجپوتانہ اسپتال (جيڪا ان وقت ڪونہ هئي) وٽ ڄامشوري کان ايندڙ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بسن کي پوليس جي مدد سان اهڙي هنڌ زوريءَ روڪيو ويو جتي ڀنهي پاسن کان پاٽي بيٺل هو. پوليس طرفان شاگردن تي لاٺي چارج ڪرڻ لاءِ ڪين بسن مان بندوقن جي ڪنداڪن ۽ لٺين سان زوريءَ لاٿو ويو. بسن ۾ جيڪي ماڻهو ويٺل هئا، تن سڀني کي گرفتار ڪيو ويو. انهن ۾ ڪي اُستاد بہ هئا، تہ ڪي پرڏيهي شاگرد بہ هئا. اٽڪل چار سؤ کن شاگرد حيدرآباد واري سينٽرل جيل ۾ بند ڪيا ويا. يونيورسٽي ۾ SPR بيهاري وئي. هن عمل جو ردعمل اهو ٿيو جو سنڌ جا شاگرد توڙي عام ماڻهو جيلن جون سختيون سهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ان واقعي سڄي سنڌ کي لوڏي ڇڏيو. اخبارن پنهنجا ڪالم پري ڇڏيا ۽ رسالن خاص نمبر ڪڍيا. اڄ تائين ان واقعي کي ياد ڪيو وڃي ٿو.

(11) 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نواب يوسف ٽالپر شاگرد يونين جو صدر چونڊجي آيو. يونين جي افتتاح واري تقريب ۾ نواب يوسف ٽالپر پنهنجي آجياڻي واري تقرير ۾ اسٽيج تي ويٺل تڏهوڪي وزير تعليم محمد علي هوتيءَ کي گذارش ڪئي تہ سنڌ جي جامع اسڪولن ۾ اردوءَ سان گڏ

سنڌي ٻوليءَ کي بہ ذريعہ تعليم بنايو وڃي. پنهنجي جوابي تقرير ۾ هوتي صاحب اهڙو واعدو پڻ ڪيو پر جنرل ايوب جي دور حڪومت تائين ان واعدي تي ڪوبہ عمل نہ ٿيو. (حوالو ساڳيو_ ص 387_386)

محترم غلام علي الانا صاحب ساڳئي ڪتاب ۾ وڌيڪ لکي ٿو:

(ث) (i) ساڳئي سال 1968ع ۾ ايوب شاهيءَ جي خلاف سنڌ جا شاگرد ميدان ۾ نڪري پيا. جام ساقي، نواب يوسف ٽالپر، يوسف لغاري، مسعود نوراني، ڪامل راڄپر، مهر حسين شاهہ مير ٿيٻو لالا قادر حسين شاهہ بخاري ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي شاگرد ليڊر جيل موڪليا ويا. ساڳئي وقت سنڌي رسالن_سهڻي، رهبر، سارنگ ۽ پارس وغيره جي اشاعت تي بندش وڌي وئي. 'روح رهاڻ' کي ضمانت رکڻ جو نوٽيس ڏنو ويو. سنڌي اخبارن کي اشتهار ڏيڻ بند ڪيا ويا. اهڙيءَ طرح سچ ڊائجيسٽ جي، "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، "جديد سياست جا نورتن" ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي مغربي پاڪستان حڪومت طرفان بندش وڌي وئي. ٽماهي مهراڻ ۾ شعر ۽ افسانن جي اشاعت کي روڪيو ويو. سرڪاري رسالي "نئين زندگي" جي مواد تي بہ ڪڙي نظر رکي وئي.

(ii) پر سنڌ جا نوجوان هاڻ هيسجڻ ۽ ڊڄڻ وارا نہ هئا. جيل مان نڪرندي ئي جام ساقيءَ ريلوي ڪاتي وارن کي نوٽيس ڏنو تہ جيڪڏهن 24 نومبر، 1968ع تائين، سنڌ جي سيني ريلوي اسٽيشنن جا نالا، سنڌي رسم الخط ۾ نہ لکيا ويا تہ 24 نومبر، 1968ع تي سڄيءَ سنڌ ۾ نئشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا شاگرد پنهنجن هٿن سان اردوءَ ۾ لکيل بورڊ مٽائي، اهي بورڊ سنڌيءَ ۾ لکندا. ريلوي اختياريءَ وارن سمجهيو هو تہ اهو مڙئي هڪ قسم جو دڙڪو آهي، پر جام ساقيءَ ۽ سندس ساٿي شاگردن، سڄيءَ سنڌ ۾ اسٽيشنن جا نالا سنڌي رسم الخط ۾ لکيا.

حاصل مطلب تہ سنڌ جي شاگردن جو حوصلو وڌيل هو. هر ڳوٺ ۽ هر شهر ۾ انجمنون قائم ٿيون، جتان ٺهراءَ پاس ڪرايائون تہ:

(i) سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي تسليم ڪيو وڃي.
(ii) سنڌي ٻوليءَ کي هر سطح تي ذريعہ تعليم بنايو وڃي.
(iii) ون يونٽ ٽوڙيو وڃي.
(ج) هن ڏس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ فيصلو ڪيو تہ آئينده آرٽس جي مضمونن ۾ هر مضمون ۾ محقق کي پنهنجي Ph.D جي ڊگريءَ لاءِ ٿيسز انگريزيءَ کانسواءِ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ بہ لکڻ جي اجازت ڏجي ٿي.
(الانا غلام علي ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا"۔ ص 287).
(14) 26 مارچ 1969ع تي جنرل ايوب خان حڪومت تان دستبردار ٿيو ۽ جنرل يحيٰ خان ٽئين مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ حڪومت جون واڳون سنڀاليون. هن حڪومت ٻين پاليسين سان گڏ 4 جولاءِ 1969ع تي نئين تعليمي پاليسي پيش ڪئي، جنهن ۾ علائقائي ٻولين بابت خاموشي اختيار ڪيل هئي، جنهن مان ائين پئي سمجهيو ويو تہ حڪومت سڄي سنڌ ۾ ابتدائي تعليم کان ٿي اردوءَ کي تعليم جي ذريعي طور هتي جي ماڻهن تي مسلط ڪرڻ جي خواهش رکي ٿي. ان سلسلي ۾ 'آزاد اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن' جي صدر لالا قادر هڪ بيان جاري ڪيو جنهن ۾ گهر ڪئي وئي تہ "سنڌي ٻوليءَ کي اعليٰ سطح تائين ذريعہ تعليم تسليم ڪيو وڃي ۽ سنڌي زبان کي انتظامي ۽ عدليہ جي بہ ٻولي تسليم ڪيو وڃي." ان کان پوءِ سنڌ ۾ استادن، دانشورن ۽ اديبن پڻ اهڙا ٺهراءَ پاس ڪيا.
(15) جنرل يحيٰ خان جولاءِ 1969ع ۾ اعلان ڪيو تہ ملڪ ۾ جلدي اليڪشن ڪرائڻ لاءِ ووٽرن جو لسٽون ٺهرايون وينديون، جيڪي فقط اردو ۽ بنگاليءَ ۾ هونديون.
سنڌ جي غيور نوجوانن، عالمن، اديبن ۽ صحافين اهڙي فيصلي خلاف سخت احتجاج ڪيو. اخبارن ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. مسلسل ٻن مهينن

جي ڪوشش باوجود چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجي ڳالهه تان ڪونه مڙيو جنهن ڪري ’سنڌ آزاد اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن‘ جي صدر محترم لالا قادر حڪومت کي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ ۾ ووٽر لسٽون سنڌي زبان ۾ ڇاپڻ جو فيصلو نه ڪيو ويو ته هو هڪ هفتي کان پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪندو. حڪومت ان تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو جنهن ڪري آخرڪار 7 نومبر 1969ع تي جمعي نماز کان پوءِ محترم لالا قادر پنهنجي جيجل جي ٻوليءَ جي جياپي خاطر هڪ وڏي جلوس جي صورت ۾ مختلف رستن کان گشت ڪندو سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس پهتو ۽ بک هڙتال تي ويٺو. بک هڙتال جو آغاز ”جيئي سنڌ – سدا جيئي“ جي نعرن سان ٿيو. هزارين شاگرد اچي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پراڻي ڪئمپس ۾ گڏ ٿيا. لالا قادر وٽ بک هڙتال جي خاتمي لاءِ مختلف حڪومتي عملدار ايندا رهيا، پر لالا قادر پنهنجي مؤقف تي اٽل رهيو. ٻهرئين ڏينهن لالا قادر اڪيلو هو ٻئي ڏينهن لالا جي حق ۾ شاگردن امتحانن ۾ ويهڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪاپيون ڦاڙي امتحان هال کان ٻاهر نڪري آيا. شاگردن ۽ سياسي رهنمائن بيان جاري ڪيا. ساڳئي وقت سنڌ جي سجاڳ عوام اردوءَ ۾ ووٽر فارم ڀرڻ کان انڪار ڪيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ ٻيا به شاگرد هڪ گورنمينٽ ڪاليج دادوءَ جو پير بخش پنهور ۽ ٻيو ٽنڊو ڄام زرعي ڪاليج جو شبير احمد سيال پڻ بک هڙتال ۾ شامل ٿي ويا. شاگردن جي تحريڪ ۾ اضافو ٿيندو رهيو. لاڙڪاڻي، نوابشاهه، ٽنڊي ڄام، جيڪب آباد ۽ خيرپور ۾ علامتي بک هڙتالون شروع ٿي ويون.

16 نومبر 1969ع تي سنڌ جو جهونو خدمتگار ۽ سنڌي زبان جو فدائي محترم قاضي فيض محمد پڻ لالا قادر ۽ سندس ساٿين سان بک هڙتال ۾ شامل ٿي ويو. ٻئي ڏينهن محترم ڪامريڊ غلام محمد لغاري پڻ ساٿن گڏجي ويو. سڄي سنڌ ۾ علامتي بُک هڙتالون پڻ جاري رهيون. آخر آمريت پنهنجي آمرانه ڪاوڙ جو اظهار ان طرح ڪيو جو 17 نومبر 1969ع جي رات

سُتل هڙتالين کي پوليس گرفتار ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد ڪٽي وئي. ٻئي ڏينهن يعني 18 نومبر تي زرعي ڪاليج ٽنڊي ڄام جا 48 شاگرد بک هڙتال تي ويٺا. شام تائين انهن کي به گرفتار ڪيو ويو. ان ڏينهن شام جو هڪ تاريخ ساز واقعو پيش آيو. سنڌ جي فخر لائق نياڻي محترمه اختر بلوچ سماج جي ريتن رسمن جي پرواهه ڪرڻ بنا آمر جي رهائش گاهه جي ٻاهرئين گيٽ جي سامهون مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال جو اعلان ڪري اچي ويٺي. رات جو ڏهين وڳي کيس به گرفتار ڪيو ويو.

آخرڪار حڪومت کي جهڪڻو پيو ۽ ووٽر لسٽون سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

مطلب ته ون يونٽ جو دؤر سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم لاءِ تاريخ جو هڪ اونداهو دور ثابت ٿيو. ڪيترن ئي سنڌي اديبن ۽ شاگردن جي تحريرن ۽ تقريرن تي بندش وڌي وئي، ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب ضبط ڪيا ويا. ڪيترن ئي سنڌي اديبن، شاعرن، صحافين، سياستدان، شاگردن ۽ استادن کي گرفتار ڪيو ويو جنهن ڪري ان جي رد عمل ۾ تاريخ جو هڪ نهايت وڏو مزاحمتي ادب تخليق ٿيو جنهن سنڌي سماج ۾ هڪ وڏي اُٿل پٿل آندي.

# سنڌي ٻولي ۽ حيدر بخش جتوئي

انساني تاريخ ۾ جڏهن سماج جڙيو ته اُن کي هڪ ٻئي سماج سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ يا ساڳئي سماج ۾ ماڻهن کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هڪ وسيلي يا ذريعي جي ضرورت پئي ۽ انهيءَ ذريعي کي 'ٻولي' چئجي ٿو. مطلب ته ٻولي انساني تاريخ جي سڀ کان اهم ترين پيداوار آهي. ٻوليءَ ذريعي ئي سماج کي ڏاهپ سان ڀرپور بنائي سگهجي ٿو. انسان پنهنجي انهيءَ ٻوليءَ ذريعي پنهنجن سماجن ۾ تبديلي آندي ۽ انهيءَ وسيلي ئي تعليمي، علمي، ادبي، سماجي، سائنسي ۽ اقتصادي ترقي ڪئي. اڄ به جيئن ئي ٻولي ترقي ڪري ٿي ته سماج به ترقيءَ جا انيڪ ڏاڪا چڙهي مٿيرو ٿئي ٿو. اسان جي سماج جي فردن جو اِهو فرض آهي ته اهي پنهنجي ٻوليءَ کي وڌيڪ سگهارو بنائڻ ۽ پنهنجي معاشري کي هر طرح سان اڳيان وڌائڻ جي ڪوشش ڪن، ڇو ته ٻولي ئي ڪنهن قوم جي مڪمل روان دوان ثقافتي ۽ نفسياتي نظم جو ذريعو آهي.

اسان جي سنڌي ٻولي به هڪ انتهائي قديم ٻولي آهي، جيڪا آهستي آهستي ڏاڪي به ڏاڪي ترقي ڪندي هيستائين پهتي آهي. پر اسان جي سنڌي ٻوليءَ سان ڪافي ويڌن به ٿيا آهن. سنڌي ٻوليءَ سان مختلف دؤرن ۾ جيڪي ويساهه گهاتيون ٿيون آهن، انهن جون شاهديون موجود آهن، جي اسان کي ٻڌائين ٿيون ته سنڌي ماڻهو پنهنجي محبت سان ٻوليءَ کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن، پر اُهي ڌاريا، جن سنڌ تي ڪاهون ڪيون، تن اِهو پئي چاهيو ته ڌرتيءَ جي اصل ٻولي ختم ڪري، سندن ڌارين آندل ٻولي رائج ڪجي ته جيئن سندن حڪمتون مضبوط ٿين ۽ کين هر قسم جو فائدو حاصل ٿئي.

عربن جي دؤر ۾ عربيءَ کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سنڌي ماڻهن پنهنجي سنڌي ٻولي هٿ مان نه ڇڏي عربن کان پوءِ سمن ۽

سومرن جي دؤر ۾ سنڌي زبان وڌيڪ ويجهي ۽ وڌي. ان بعد وري ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ سنڌي زبان کي زوريءَ ترڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ان جي جاءِ تي فارسي زبان کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ڪنهن حد تائين انهن حڪمرانن کي ڪاميابي بہ حاصل ٿي، پر سنڌ جي عالمن، شاعرن ۽ عوام انتهائي حوصلي ۽ همت سان پنهنجي ٻوليءَ کي بچايو.

انگريز فاتح وري ٻيو رُخ اختيار ڪيو. هنن سنڌي زبان جي قدامت ۽ اهميت کي محسوس ڪري، ان جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ ان جي الف۔ ب کي وڌيڪ بهتر بنايو. ان بعد هنن لغتون ۽ گرامر لکايا. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌيءَ کي ذريعہ تعليم طور لاڳو ڪيو. ايتري قدر جو هنن پنهنجن آفيسرن لاءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏنو. اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ کي زور وٺرايائون. هتي اِهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ سنڌي الف۔ ب جي نئين جوڙجڪ ۽ سنڌي ڪتابن جي تصنيف ۾ ساڻن اسان جا ڪيترائي سنڌي عالم گڏ هئا. جيڪي اڳي ئي سنڌي ٻوليءَ جا ڄاڻو ۽ دانشور هئا ۽ هر طرح سان سندن دسترس سنڌي ٻوليءَ ڪانسواءِ گرامر تي بہ هئي.

1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ نتيجي ۾ هندستان ۽ پاڪستان بہ جدا جدا ملڪ ڏکڻ ايشيا جي نقشي تي نمودار ٿيا.

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو پاڪستان جو حصو ٿيا. ۽ سنڌ هڪ "آزاد" ملڪ جو صوبو بنجي وئي. ابتدا ۾ ئي اِهي واعدا ڪيا ويا هئا تہ پاڪستان ۾ شامل ٿيل وحدتون، رياستون هونديون، جيڪي پنهنجي ڪم ڪار جي لحاظ کان آزاد ۽ خودمختيار هونديون ۽ پاڪستان ۾ ڪنهن بہ مذهب جي ماڻهن سان ڪابہ هٿ چراند نہ ڪئي ويندي ۽ هو پنهنجن صوبن ۾ خود اختياريءَ سان ڪم هلائيندا ۽ سندن ٻولين کي تحفظ حاصل هوندو.

ٻوليءَ سان ناانصافي ٿيندي ڏسي، اسان جي سنڌ جو هڪ بهادر سياستدان، سدورو انسان، هاري رهنما محترم حيدربخش جتوئي سمجهي

ويو ۽ هڪدم سنڌي ٻوليءَ جي مسئلي تي قدم کنيائين ۽ هڪ مختصر پر اهم پمفليٽ لکي اي. پي. اي حليم ۽ حڪومت جا وڪا پڌرا ڪيائين ۽ انهن جي سازشن کي بي نقاب ڪيائين. جتوئي صاحب اِهو پمفليٽ انگريزيءَ ۾ لکيو جنهن جو عنوان هو "Shall Sindhi Language Stay in Karachi or not" يعني "ڇا سنڌي ٻولي ڪراچي ۾ رهندي يا نه؟" هن پمفليٽ جو مضمون انتهائي پرپور ۽ زوردار هو. سندس انهيءَ مضمون ڇپجڻ کان پوءِ سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن تي تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ حڪومت جي نمائندن جون ڏنديون آڱريون اچي ويون ته جتوئي صاحب هن قسم جي انگريزيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ حڪومت تي وڏو وار ڪيو آهي. حقيقت تہ اِها آهي تہ ڌرتيءَ جا حلالي پٽ هميشہ ائين ئي ويڙهہ وڙهندا آهن، جيئن جتوئي صاحب وڙهيو هو.

جتوئي صاحب پنهنجي مضمون ۾ لکن ٿا:

"ڪراچي هڪ معروضي حقيقت طور، جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جو اٽوٽ حصو رهي آهي. 1948ع تائين اِها سياسي، تعليمي، واپاري ۽ ثقافتي لحاظ کان سنڌ جو حصو هئي، سنڌ يونيورسٽيءَ جا هيڊڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هئا، جنهن ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن جو انتظام پئي هلايو. 1948ع ۾ پاڪستان جي وفاقي حڪومت اِهو فيصلو ڪيو تہ ڪراچي هاڻي سنڌ جو حصو نہ رهڻ گهرجي، 1955ع جي (هڪ ٻئي) سياڳي سال ۾ وري اختيارين اِهو فيصلو ڪيو تہ سنڌ جو هاڻي کان اڳتي (صوبي طور) وجود نہ رکڻ گهرجي. ان (جي وجود) کي ميسارڻ لاءِ ون يونٽ مڙهيو ويو. اهو سڀ ڪجهہ سنڌ جي ڀاڳ جي ڀاڱي ۾ آيو. قديم ۽ فراخدل سنڌ کي پاڪستان جي قيام جا اهڙا ٿورا پلئہ پيا.

"جڏهن پاڪستاني نقشي مان "سنڌ" جو نالو ڪٽيو وڃي ٿو، تہ پوءِ منطقي طرح سنڌي زبان کي پڻ گم ٿي وڃڻ گهرجي. پاڪستان جي اسلامي جمهوريہ کي مليل اختيارين جي اها ئي سوچ ۽ خيال هوندو هو. سنڌ ۽ ان جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جي تقدير بحران ۾ آيل آهي.

ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي سدائين لاءِ ميسارجي وڃي. اهو بہ ممڪن آهي تہ اهي پاڻ خلاف شروع ٿيل جنگ جو ڏک پچائي بچي بہ وڃن. ٿي سگهي ٿو تراهي متجي ۾ ميسارجي بہ وڃن، پر امڪان آهي تہ اُهي (سنڌ ۾ سنڌي ٻولي) وڏي ڏکيائيءَ سان ٿي مرندا."

جتوئي صاحب پنهنجي هن تفصيلي ۾ اهم مضمون ۾ مختلف ملڪن ۾ ٻولين جي اهميت ۾ اتان جي ماڻهن جي جدوجهد جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن ۾ لکيو تہ "سنڌي ٻوليءَ سان اِهو سلوڪ نہ ڏاريو وڃي، جيڪو نہ اڳي سامراجين ڪيو ۽ نہ هندن ڪيو پر اسان جي ٻوليءَ جي خلاف اِها ويڙهہ اسان جي مسلمان ڀائرن شروع ڪئي آهي، جيڪي ٿورو اڳ يعني ڪالهہ ئي اسان جا مهمان ٿي آيا هئا."

جتوئي صاحب پنهنجي پمفليٽ/مضمون ۾ وڌيڪ هن ريت لکيو آهي:

"ڪراچي يونيورسٽيءَ هاڻي فيصلو ڪيو آهي تہ اِها يونيورسٽي جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڇاٽي آهي، هاڻي کان اڳتي يونيورسٽيءَ جي امتحاني پيپرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ جواب ڏيڻ وارو ذريعو (medium) ٿي استعمال ۾ نہ ايندي، اهڙو اعزاز رڳو انگريزي، اردو ۾ بنگالي ٻولين کي حاصل هوندو. سنڌي ٻولي جنهن کي هيل تائين اهڙو درجو مليل هو. اُهو ختم ڪيو پيو وڃي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اهڙي فيصلي، ڪراچيءَ ۾ ڪراچيءَ کان ٻاهر رهندڙ سنڌي عوام ۾ هڪ سگهاري مخالفت (۽ احتجاج) کي اُڀاريو ۽ ڀڙڪايو. هي کليو کلايو سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ خلاف دشمناڻون عمل آهي ۽ انهيءَ جي سيني ملڪ دوستن کي (گڏيل نموني) مخالفت (پڻ) ڪرڻ گهرجي."

حيدربخش جتوئي صاحب پنهنجي هن پمفليٽ ۾ پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جي 22 مئي 1948ع جي اجلاس جي ڪارروائيءَ مان، لياقت علي خان، خواجہ شهاب الدين، پروفيسر راج ڪمار چڪرورتي، الحاج محمد هاشم گزدر، ملڪ محمد فيروز خان نون، محترم محمد ايوب کهڙي، محترم سراج

السلام ۾ پين ميمبرن جون مختلف زاوين کان تقريرون بہ ڏنيون آهن. سنڌ جي کن خدشن کي ڏور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جو تہ سنڌ کي جيڪي آسرا ڏنا ويا هئا ۽ وعدا ڪيا ويا هئا، انهن جو پورائو ڪونہ پئي ٿيو: جو تہ پاڪستان ٺهڻ سان ئي سنڌ مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏيڻ جي سازش ڪئي وئي، جيئن جتوئي صاحب بيان ڪيو.

انهيءَ اجلاس دوران جناب لياقت علي خان ۽ خواجہ شهاب الدين سنڌ سان ناانصافيون نہ ٿيڻ /ڪرڻ جا وعدا ڪيا هئا، پر پوءِ بہ اهي وفا نہ ٿيا.

حيدر بخش جتوئيءَ پنهنجي عقلمندي، همت ۽ بهادريءَ سان انهن سيني تقريرن جو چيد ڪيو آهي ۽ انهن سيني جي وعدن جي عمل ۾ نہ اچڻ تي پنهنجي ڀرپور خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

جتوئي صاحب فرمائي ٿو تہ: "انهيءَ اجلاس کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان چڱا ويل وهايا ويا آهن. هيٺ خواجہ شهاب الدين جي تقرير جو هڪ مختصر ٽڪرو ڏجي ٿو.

"سائين! جيستائين انهن ادارن (يونيورسٽي وغيره) جو تعلق آهي تہ اسين سنڌ حڪومت جو آڏرياءُ ڪنداسين تہ اُها انهن جو انتظام هلائي ۽ انهن کي ترقي وٺرائي ۽ جيستائين انهن ادارن جو تعلق آهي تہ اسان انهن ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪنداسين."

اتي ئي جناب لياقت علي خان صاحب جي تقرير جو هڪ مختصر ٽڪرو پيش آهي:

"پاڪستاني حڪومت جي اِها خواهش ڪڏهن بہ نہ رهي آهي ۽ نہ آهي ۽ آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ ڪڏهن بہ نہ هوندي، تہ ڪو سنڌي عوام کي نقصان پهچائي يا ڪين ڪو گهاءُ رسائجي. اسين اِهو خيال رکنداسين تہ سنڌن مفادن تي ڪوبہ تعصب رکيو نہ وڃي."

بقول جتوئي صاحب تہ انهن وعدن جي باوجود ڇا ٿيو؟ سنڌي ٻوليءَ سان زيادتيون ٿينديون رهيون ۽ جتوئي صاحب جا سڀ خدشا صحيح ثابت ٿيا.

جتوئي صاحب لکن ٿا تہ:

"محترم حليم صاحب پنهنجي سنڌي ٻولي مخالف مهم ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اُها مهم هن هلندڙ ڪلچرل (تعليمي سال 58_1957ع) تائين اينديءَ اينديءَ يونيورسٽيءَ جي امتحانن لاءِ پيپرن جا جواب سنڌيءَ ۾ ڏيڻ جي ذريعي (medium) واري سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت جي خاتمي جي نتيجي تائين وڃي پهتي آهي... اها ڳالھ هر ڪنهن تي روشن آهي تہ سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد، اردوءَ ۾ ائين لياقت ۽ اهليت سان پيپرن جو جواب نٿو ڏئي سگهي، جيئن ڪو اردو ڳالهائيندڙ شاگرد.

اردو ڄاڻندڙ شاگرد جي ڀيٽ ۾ سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد لاءِ نقصان گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو مارڪون آهن (يعني اهو فيصلو پڻ ڪيو ويو هو تہ اردو ڄاڻندڙ شاگرد تي امتحاني پرچن ۾ پنهنجن ڪنيل مارڪن سان گڏ 20 سيڪڙو رعايتي مارڪون بہ ڏنيون وينديون.

"اهڙا مثال ڏنا/ڄاڇيا ويا آهن تہ جتي بہ مقابلي جي امتحان جي سنڌي اُميدوار مٿي ڄاڻايل نقصان هوندي، غير سنڌي اميدوار کان لکت وارن پرچن ۾ وڌيڪ مارڪون کنيون آهن، اُتي ڪيس امتحانن ۾ گهٽ مارڪون ڏنيون ويون آهن ۽ سندس ('اڳتي وڌڻ جا) امڪان وڪيريا/ختم ڪيا ويا آهن.

اهڙيءَ ريت اِهو طريقڪار آهي ڪراچي يونيورسٽيءَ جوا سنڌي ٻوليءَ جي امتحاني پرچن جا جواب ڏيڻ جي ذريعي (medium) واري حيثيت ختم ٿيڻ وارو معاملو سنڌين تي مقابلي (جي امتحانن) جا در بند ٿيڻ ۽ اردو ڄاڻندڙ شاگردن کي نہ رڳو برتري، پر عملي هڪ هٽي بخشڻ تائين وڌي آيو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جو هي طريقيڪار سنڌي شاگردن کي ان نياپي ڏيڻ تائين وڌي وڃي ٿو.

"ڪراچي ڇڏي سنڌ وڃو جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪرڻ گهرو ٿا. ڪراچي اوهان جي ناهي."

جتوئي صاحب هڪ انتهائي مدلل طريقي سان سنڌي ٻوليءَ جو ڪيس وڙهيو آهي ۽ آئين جي شقن ذريعي پاڻ حڪومت پاڪستان طرفان ڪيل

وعدا ۽ ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ طرفان ڪيل ڪلور واضح طور ظاهر ڪيا آهن.

حقيقت ۾ ان وقت ڪراچيءَ جي آدمشماري 15 لک هئي ۽ انهيءَ آباديءَ مان 5 لک ماڻهو سنڌي مادري زبان ڳالهائيندڙ هئا. تن کان اِهو حق کسيو ويو. سنڌي ميڊيم ۾ هلندڙ 500 کن اسڪول بند ڪيا ويا. آئين جي فقري 19 تحت "شهرين جي ڪنهن به گروهه کي، جيڪي الڳ ٻولي، لپي ۽ ثقافت رکن ٿا، انهن شين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو حق حاصل هوندو." (صفحو 25)

حقيقت ۾ مادري زبان کي دنيا جي هر اصول مطابق هر سطح تائين سکڻ ۽ تعليم پرائڻ جو حق آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ جيڪو اسان جو ثقافتي، سماجي ۽ تعليمي شهر آهي، سنڌي زبان سان اِها روش هڪ زيادتي آهي.

ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر صاحب جو چوڻ هو ته سنڌي هاڻي علائقائي ٻولي ٿي رهجي وئي آهي، ۽ سنڌيءَ ۾ امتحان ڏيڻ لاءِ سنڌي شاگردن جو انگ تمام گهٽ آهي ۽ جيڪڏهن جدا امتحان وٺبا ته يونيورسٽيءَ جو تمام گهڻو خرچ ٿيندو.

جتوئي صاحب اُن حوالي سان انهيءَ دور ۾ تحقيق ڪئي ۽ ان نتيجي تي پهتو ته سنڌي شاگردن جو انگ امتحاني مقصدن لاءِ ٻه هزار هو جيڪو هڪ چڱو خاصو انگ هو. چاهي هوندئن 5 لکن جي آباديءَ جي حساب سان ڪٿي گهٽ هو پرجيڪي شاگرد سنڌي پڙهيا آهن، ۽ سنڌيءَ ۾ پڙهيا آهن، انهن جي لاءِ سنڌيءَ ۾ امتحان ڏيڻ ضروري هو. حقيقت ۾ انهيءَ کي ٿورو انگ ڄاڻائڻ سنڌي مخالف پاليسين جي هڪ اهم ڪڙي هئي.

حليم صاحب اهو به چيو ته چو ته پنجابي ۽ پختون اردو استعمال ڪن ٿا ته پوءِ سنڌيءَ وارا ڇو ٿا زور ڪن ته سنڌي امتحاني ذريعي جي هڪ ٻولي تسليم ڪئي وڃي، جا اهل ناهي.

جتوئي صاحب وڌيڪ لکن ٿا ته:

"...... ۽ سنڌيءَ خلاف اهڙو فيصلو رڳو يونيورسٽيءَ جي سينيٽ طرفان نه، پر ان جي انتظاميه سنڊيڪيٽ جي ڪُٺ جيترن 9 ماڻهن ٻاران ٻڌ ڪيو ويو

آهي، جن مان ٽن اُن جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. باقي ڇهن ڄڻن مان ٻه جج عدليه مان هئا. سنڊيڪيٽ جو اهو فرض هو ته اها سينيٽ کان اهڙي فيصلي جي تصديق ڪري ها، جيڪا يونيورسٽيءَ جي سڀ کان وڏي باڊي آهي، پر ان اهو ڪجهه ناهي ڪيو. جيڪڏهن وائيس چانسلر ۽ سينڊيڪيٽ ماهرن کي انهن جي منطقي نتيجن پٽاندڙ ونڻ گهرن ٿا، اهو ائين ٿيڻ گهرجي. ساڳئي وقت اسٽيٽس ڪو (Statusquo) ضرور برقرار رکڻ کپي.

اسان جي عدليه سان لاڳاپيل شخصيتن لاءِ سٺو آهي ته اُهي متضاد مسئلن ۾ پوڻ کان پاسو ڪن. سندن عهدا تقاضا ڪن ٿا ته عدالتي هلت چلت کان ٻاهر سندن عمومي رويو مثالي ۽ اُتساهيندڙ هجي. (ص28).

جتوئي صاحب پنهنجي هن مدلل اپيل ذريعي حڪومت، سينيٽ جي ميمبرن، صدر پاڪستان (جيڪو ان وقت اسڪندر مرزا هو ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو چانسلر پڻ) کي چيو هو ته هو هن معاملي ۾ مداخلت ڪري سنڌيءَ کي پنهنجو حق ڏئي، ڇو ته سنڌي هڪ ترقي يافته ۽ صديون پراڻي ٻولي آهي ۽ ڪراچي سنڌ جو هڪ اهم حصو آهي ۽ اُتان سنڌي ٻوليءَ جي نيڪالي هڪ حرڪت هوندي ۽ سنڌي ماڻهن جي خلاف سازش. هونئن ته سنڌي ماڻهن هميشه تعليم پنهنجي ٻوليءَ ۾ پرائي آهي. جيڪڏهن ڪا ٻي قوم اردوءَ ۾ تعليم وٺي ٿي ته اُها سندس مرضي آهي، ڇو ته اُهي زبانون اڃا ان ليول تائين ترقي نه ڪري سگهيون آهن.

**جتوئي صاحب اڳيان هلي لکن ٿا:**

"آءُ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينٽ جي ميمبرن کي اپيل ٿو ڪريان ته اِهي ٺُرت ٿي معاملا درست نموني رکن. هيءَ هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن جو فيصلو اڪثريتي ووٽنگ ذريعي نه ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۽ سنڌي اهڙي دعويٰ رکن ٿا، جيڪا دليل بازي ۽ مقدمي بازيءَ کان مٿانهين آهي. سينيٽ کي انهيءَ مقصد لاءِ خاص گڏجاڻي ڪرائڻ گهرجي ۽ سنڌين جي ڪاوڙيل ذهنن کي سانتيڪو ڪرڻ گهرجي. آءُ سنڊيڪيٽ جي ميمبرن کي

پنهنجي فيصلي تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ هڪ قديم ۽ مهمان نواز قوم لاءِ وڏي حد جي احترام رکڻ لاءِ اپيل ٿو ڪريان. آءٌ ڪراچيءَ جي عوام، اُتان جي وچولي طبقي، ساڃهه وندن ۽ عام ماڻهن کي اپيل ٿو ڪريان تہ اُهي پنهنجي ساٿي شهرين جي هن مسئلي بابت پنهنجو پارٽ کي تعلق ۾ آڻين ۽ ان نموني ڪردار ادا ڪن، جو ڪراچي يونيورسٽي حقيقي طرح (سڀن لاءِ) روشني ۽ سکيا جو مرڪز بڻجي پوي، جتي نہ رڳو سنڌي، پر پاڪستان جون ٻيون علائقائي ٻوليون پڻ ترقيءَ ۾ وڌڻ ويجهڻ لاءِ موقعا ڳولي سگهن. سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ ضرور رهڻ گهرجي." (ص 30_92)

مٿئين مضمون/پمفليٽ مان جتوئي صاحب جي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان محبت ۽ لڳاءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هو هڪ بهادر ۽ سچو ماڻهو هو. هن پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ سان ناانصافي ڏسندي پنهنجي علم جي آڌار تي قلم کنيو ۽ هڪ انتهائي بهترين، مدلل، وزندار ۽ شاندار مضمون لکي، ٻوليءَ جو ڪيس حڪومت ۽ عوام آڏو رکيو. جتوئي صاحب پنهنجي مارو ماڻهن جي حقن لاءِ هميشہ انگن اکرن سان ويڙهہ ڪئي ۽ هر شئي ثابت ڪري ڏيکاري. هن مضمون ۾ بہ ڪيترائي انگ اکر ڏنل آهن ۽ انتهائي سهڻن دليلن سان پنهنجي ٻوليءَ جي حق بابت مضبوط راءِ رکي آهي.

جتوئي صاحب نہ صرف سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڙهيو پر هو ون يونٽ خلاف هو ۽ ان لاءِ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو انتهائي وڏو محاذ ٺاهيائين. سنڌي هارين جي لاءِ 'هاري حقدار اخبار' جاري ڪيائين. هارين جي حقن لاءِ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪيائين. جتوئي صاحب سنڌ جي ڪيترن ئي مسئلن تي قلم کنيو ۽ ننڍا ننڍا پمفليٽ لکيائين. هو هڪ بهترين سياستدان هو. ان سان گڏ هڪ بهترين شاعر پڻ هو.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌس ڪيل اپيل هڪ جاندار اپيل هئي. اسان جي حڪمرانن ڪڏهن بہ اهڙين شين تي ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ ماڻهن جا مسئلا حل نہ ڪيا.

اسان جي نوجوانن کي جتوئي صاحب جي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪري سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

# ثقافت جو ڏينهن ۽ سنڌي ٻولي

هن سال سنڌ ۾ ايڪتا جا ٻه ڏهاڙا ملهايا پيا وڃن. هونئن زنده قومن پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي کي زنده رکڻ لاءِ ڪيترا ٻه ثقافتي يا ايڪتا جا ڏينهن ملهائين ته ان ۾ ڪا به خرابي نه آهي. پر سڀ کان سٺي ڳالهه آهي ته سڀ سنڌي سال ۾ هڪڙي ڏينهن تي گڏ ٿي اهو ڏينهن ملهائين. گذريل سال اِهو ڏينهن 6 ڊسمبر تي ملهايو ويو. هيل ان جو سڏ 5 ڊسمبر جو آهي، پر سنڌ حڪومت، ۽ پيپلز پارٽي ۽ ڪجهه ٻين ادارن پاران 4 ڊسمبر جو سڏ ڏنو ويو آهي ۽ ائين سنڌ جا سڀ ماڻهو لاڳيتو ٻه ڏينهن اهو ڏينهن ملهائين پيا. ان جون تياريون شروع ٿي ويون آهن. ننڍا توڙي وڏا، عورتون توڙي مرد، ٻار توڙي ٻڍا سڀ اُن ۾ شامل ٿي رهيا آهن. هن قسم جا ميلا ۽ محفلون هميشه سمجهدار ۽ خوددار قومون ملهائينديون آهن ۽ سنڌي قوم به انهن مان هڪ آهي.

ان قسم جا ڏڻ اسان جي ننڍي کنڊ جي انهن ملڪن ۾ ملهايا وڃن ٿا، جيڪي تازو آزاد ٿيا آهن. آزاديءَ کان پوءِ انهن ملڪن ۾ شامل اڪاين کي پنهنجا پورا حق نه مليا آهن ۽ جن لاءِ هو جدوجهد به ڪري رهيون آهن. سنڌ پاڪستان جي هڪ زنده جاويد اڪائي (صوبو) يا قوم آهي، جنهن سان ڪيل واعدا پورا نه ڪيا ويا آهن. سنڌ اقتصادي ۽ سماجي طور تي هڪ سڌريل ۽ وزندار قوم ۽ تهذيب آهي. خود "رگ ويد" جيڪو انتهائي مقدس ۽ پهرين آڳاٽي تاريخ جو لکيل دستاويز آهي، تنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي اقتصادي وسيلن، سڌريل سماج، سنڌن ٻڌيءَ امن ۽ ڀائيچاري واري سوچ، سنڌن بهادري ۽ سنڌن شاهوڪاري جو شاندار لفظن ۾ ذڪر ڪيل آهي. ان کان پوءِ جون تاريخون پڻ اهڙن ذڪرن سان ڀريل آهن. ان ۾ سنڌو تهذيب جي خاص طور تي موهن جو دڙو آمري ۽ ڪوٽڏيجيءَ جو ذڪر زور شور سان ڪيل آهي.

صوفي سنڌ، جيڪا همٿ، بهادري ۽ امن جي پيغام سان ڀريل آهي، سا سچ ته سڄي پاڪستان، ننڍي کنڊ ۽ سڄي دنيا لاءِ هڪ روشنيءَ جي لاٽ

ڀاري ٻيڻي آهي. 1947ع کان پوءِ سنڌ اقتصادي، سماجي ۽ سياسي طور ڪافي خراب رهي آهي، جنهن جا اثر ان جي ماڻهن تي پئجي رهيا آهن.

تازو (2007ع، 2006ع) ورلڊ بئنڪ، ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ جي سهڪار سان گڏيل رپورٽ سنڌ بابت شايع ٿي آهي، تنهن ۾ 1947ع ۾ سنڌ کي هندستان جي گهٽڻ صوبن کان خاص طور تي پاڪستان جي ٻئن صوبن کان وڌيڪ امير ۽ شاهوڪار ڊيڪاريو ويو آهي. پر ان رپورٽ ۾ اهو افسوس سان ذڪر ڪيو ويو آهي ته جنهن صوبي جو اقتصادي واڌارو (Economic Growth Rate) انهن سيني صوبن کان 55 سيڪڙو مٿانهون هو سو هاڻي گهٽجي وڃي 14 کان 15 سيڪڙو تي بيٺو آهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن ان قسم جي حڪمراني هلندي رهي ته سنڌ تمام پنيان رهجي ويندي ۽ غربت جي تمام هيٺين ليڪ ڏانهن ڌڪجي ويندي. رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته يورپ، اوڀر ايشيا ۽ ڏور اوڀر ايشيا جي وچ ۾ عربي سمنڊ ۽ هندي سمنڊ (Arabic Sea and Indian Ocean) ۾ اها (سنڌ) هڪ انتهائي بهترين ۽ سرسبز علائقو آهي، پر ان جي حڪمراني جو انداز جاگيرداري نظام آهي، زرعي استعمال لاءِ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي ڪري هن صوبي جي اقتصادي حالت خراب ٿي رهي آهي ۽ نتيجي ۾ هن صوبي ۾ سماجي اڻ برابري ۽ غربت وڌندڙ آهي، جيڪڏهن ان کي نه سڌاريو ويو ته حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون وينديون.

اهڙي نموني اسان ڏسون ٿا ته اسان جي پياري ٻوليءَ سان به ڪهڙو ورتاءُ ٿي رهيو آهي. سنڌي ٻولي هڪ انتهائي ترقي يافته ۽ سڌريل ٻولي آهي. اسان جي ماهرن ان تي ڪافي ڪم ڪري ان کي وڌايو ۽ ويجهايو آهي. هڪڙي ڪاٿي مطابق سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ روزانو هڪ ڪتاب ۽ رسالو ڇپجي شايع ٿئي ٿو ۽ سنڌي ماڻهو ان کي پڙهن ٿا. اهي ئي ڪنهن قوم جي سڄاڻ هجڻ جا قدر يا ماپا ليکيا وڃن ٿا.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هتان جي قومي ٻولين سان تمام وڏي ويڌن ٿي. شامل اڪاين جي ٻولين کي پوئتي رکيو ويو ۽ هڪ ٻاهران

آيل ٻوليءَ کي ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري زبان بنايو ويو. ان جو نتيجو اِهو ٿيو تہ بنگالين يعني اوڀر پاڪستان جي ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ سان انهيءَ ناانصافيءَ تي تمام زبردست احتجاج ڪيو جنهن ۾ اُتان جا ڪجهہ نوجوان شهيد ٿيا ۽ بنہ ۾ بنگالي ٻولي کي قومي ۽ سرڪاري درجي جي حيثيت ڏني وئي. حقيقت ۾ بنگالي ملڪ ۾ اڪثريت ۾ هئا. پر انهن جي ٻوليءَ کي شروع ۾ ڪابہ اهميت نہ ملي.

اهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ سان بہ ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ويو. ايوب خان پنهنجي مارشل لائي دور ۾ هڪ ڊڪٽيٽر جي حيثيت سان هڪ تعليمي ڪميشن ٺاهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي، هيٺانهون رکيو ميو ۽ اردوءَ کي مٿانهون. سنڌي ٻار کي اردو لازمي پڙهڻي پئي ۽ اردو ٻار جيڪي سنڌي پڙهندا هئا، تن کي سنڌيءَ جي تعليم کان آجو قرار ڏنو ويو. ان زماني جي سيڪريٽري تعليم محمد شريف جي نالي ۾ اِها ڪميشن قائم ٿي، جيڪا پوءِ "شريف ڪميشن" جي نالي سان مشهور ٿي. انهيءَ ڪميشن جي سفارش جي سنڌ ۾ سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ پوءِ مجبوراً ايوب خان کي "شريف ڪميشن" جون سفارشون واپس وٺڻيون پيون. ان کان سواءِ هن سڄي دور ۾ سنڌي زبان جي ڀلائي لاءِ ڪنهن بہ حڪومت ڪو بہ قدم نہ کنيو. باوجود سنڌي ماڻهن جي ڏانهن، ڪوڪن ۽ جدوجهد جي 1972ع ۾ ٻوليءَ جو آخري بل پاس ڪري سنڌ کي بہ زباني (Bi-lingual) صوبو قرار ڏنو ويو باوجود انهيءَ جي تہ اردو اڳ ۾ ئي ملڪ جي قومي زبان قرار ڏنل هئي ۽ انهيءَ ذريعي اها پنهنجو حق اڳ ئي ڄمائي رهي هئي. بلڪ ڄمائي چُڪي هئي. باوجود ان بل جي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪي بہ ڳالهيون ڪيل آهن، انهن تي ڪنهن بہ قسم جو عمل ڪونہ پيو ٿئي. نہ روڊن رستن تي سنڌي ۾ نالا لکجن ٿا، نہ ريلوي اسٽيشن تي ۽ جي ڪٿي لکيل آهن تہ اهي بہ غلط لکيل آهن، سيني وڏن خانگي اسڪولن ۾ سنڌي نالي ماتر آهي، انهن ۾ صرف انگريزي ۽ اردو رائج آهي. ظاهر آهي تہ انهن وڏن اسڪولن تي ڏارين جو قبضو آهي.

ٿورا ڏينهن اڳ ملڪ جي آئين جي، حوالي سان ترميمون ڪرڻيون هيون، جنهن کي 18هين ترميم جو نالو ڏنو ويو آهي. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت هر اها گهر ڪئي ته ارڙهين آئيني ترميم ۾ سنڌي سميت پنجابي، بلوچي ۽ پشتو کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي. تنهن کان سواءِ ڪجهه سُجاڻ رهبرن ۽ دوستن سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي ثقافت کاتي جي وزير (2008ع کان 2013ع) محترمه سسئي پليجو محترم سائين محمد ابراهيم جويي جي سربراهي ۾ ڪجهه ماهرن جي هڪ ڪاميٽي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي معرفت جوڙي، جنهن هڪ وزندار ميمورينڊم ٺاهي حڪومت کي ڏنو ۽ سسئي پليجو صاحبه اهو پنهنجي نوٽ سان آئيني ڪميٽيءَ ڏانهن موڪليو پر اُهو اُن وقت بنا ڪنهن اهميت ڏيڻ جي رد ڪري ڇڏيو ويو ۽ اسان ائين جو ائين هڪٻئي جا مُنهن ڏسندا رهياسين.

هتي رڪارڊ لاءِ هڪ ڳالهه ڪري ڇڏجي ته هندستان ۾ سيني رهندڙ قومن جون ٻوليون، قومي ۽ سرڪاري ٻوليون مڃيل آهن ۽ انهن کي، آئيني حيثيت حاصل آهي. اُتي سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو ڪو به صوبو ناهي، پر انهيءَ آباديءَ جو خيال رکندي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ڄاڻندي، سنڌيءَ کي قومي ۽ سرڪاري زبان جو درجو ڏنو ويو آهي ۽ ان لاءِ ڌار ادارا ۽ اڪيڊميون پڻ جوڙيون ويون آهن ۽ اُتي ڪافي ڪتاب پڻ ڇپجي رهيا آهن.

**هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

پيپلز پارٽي سنڌي ماڻهوءَ جي وڏي مينڊيٽ سان چونڊجي (2008ع – 2013ع) آئي آهي. هن وقت سڄي ملڪ ۾ سندس حڪومت آهي ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ پڻ. ٿورو وقت اڳ جڏهن پيپلز پارٽي مخالفت ۾ هئي ته سنڌ جي بين اشوز جي حق ۾ سندن بيان ۽ جدوجهد شامل هئي جنهن ۾ خاص ڪري اين. ايف سي، جمهوريت جي بحالي، آئين جي ترميم، ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت، سنڌي ٻوليءَ

ڪي اصلي حيثيت ڏيارڻ جا وچن ڪيل هئا. اڄ اها اقتدار ۾ آهي ۽ سنڌي ماڻهن سان گڏ ثقافت جو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان پڻ ڪري چڪا آهن. اسان جي اِها گذارش آهي ته پارٽيءَ جي حڪومت ان ڏينهن تي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جو اعلان ڪري ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجو ڪسيل حق ڏئي. ساڳئي وقت جيڪو 1972ع ۾ ٻولي ايڪٽ يا بل پاس ٿيل آهي ان تحت سنڌي ٻوليءَ جي قاعدي ۾ سيني فقرن کي عمل ۾ آڻي، جنهن ۾ وڏن اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ، سڄي سنڌ خاص طور تي ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ روڊن، رستن، آفيسن ۽ دڪانن تي سنڌيءَ ۾ نالا لکڻ ۽ ٻيا سڀ عمل جيڪي ٻوليءَ جي حق ۾ آهن، کي عمل ۾ آڻڻ آهي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌي ماڻهوءَ جو موجوده پ پ حڪومت تي اهو حق آهي ۽ حڪومت جو اهو فرض آهي ته هو سنڌي ماڻهن جي آواز کي مانُ ڏئي. ائين ڪرڻ سان سنڌي ٻولي وڌيڪ ترقي ڪندي. سنڌي ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم پرائيندو جيڪو هڪ بين الاقوامي اصول آهي ۽ گڏيل قومن جو فيصلو پڻ آهي. پيپلز پارٽيءَ جي هيءَ حڪومت سنڌي ماڻهن کان موٽ ۾ هڪ جس ۽ مبارڪ حاصل ڪندي.

حقيقت ۾ هن ڏينهن جو اِهو هڪ اهم پيغام هوندو. جو ته سنڌي قوم پنهنجي اڳيان وڌڻ ۽ ٻڌي ڪرڻ لاءِ جيڪو ثقافت جو ڏڻ ملهائي رهي آهي، اُن جو هڪ اهم مقصد پورو ٿيندو ۽ سنڌي قوم اڳيان وڌڻ لاءِ ڪي سُٺا ڏگ ڳولي لهندي ۽ منجهس ٻين جي پيٽ ۾ هڪ ذميداري جو احساس ٿيندو.

ISBN 978-9-6962509-4-4
9 789696 250944